# اَمرت وَچن

# اَمرت وَچن

بابا جئمل سنگهہ جي، مهاراج ساون سنگهہ جي،
مهاراج جڳت سنگهہ جي ۽
مهاراج چرن سنگهہ حن جي چونديل
وچنن جو سنگرهہ

راڌا سوامي ستسنگ، بياس

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

# ڇپائيندڙ طرفان

بابا جئمل سنگهہ جي مهاراج ۽ حضور مهاراج ساون سنگهہ جن جا انمول وچن ''امرت وچن'' نالي سان الڳ الڳ ڇپجندا رهيا آهن. سردار بهادر جڳت سنگهہ جن جا چونڊ وچن ''روحاني گلدستو'' نالي سان ڇپجندا رهيا آهن. ڪجهہ وقت اڳ سنگت جي سهوليت کي ڌيان ۾ رکندي اِنهن ٽنهي پستڪن کي گڏي هڪ ئي پستڪ جي روپ ۾ پيش ڪيو ويو آهي. پرمارٿي پريمين جي ڪافي وقت کان لڳاتار آگرهہ کي ڌيان ۾ رکندي هينئر حضور مهاراج چرن سنگهہ جن جي انمول وچنن کي بہ هِن ئي پستڪ ۾ شامل ڪيو ويو آهي.

آشا آهي تہ پرمارٿي پريمي اِنهن وچنن کي پڙهي اِنڊ نجو لاڀ وٺندا.

ڊيرا بابا جئمل سنگهہ، ضلع امرتسر.

سيوا سنگهہ
سيڪريٽري
راڌاسوامي ستسنگ، بياس.

# فهرست


1. بابا جئمل سنگهه جيءَ مهاراج 5

2. حضور مهاراج ساون سنگهه جي 25

3. سرِدار بهادر جگت سنگهه جي 83

4. حضور مهاراج چرن سنگهه جي 125

# وچن

بابا جئمل سنگهہ جي مهاراج

[ 1 ]

هيءُ سرير ناسونت آهي. جڏهن سرير ئي متيا آهي، تہ اُنهيءَ حالت ۾ سڀ دنيوي پدارٿ بہ متيا ئي آهن. صرف شبد - ڌُن سچي آهي، تنهنڪري پنهنجي خيال کي اُنهيءَ سان ئي جوڙيو.

[ 2 ]

جيڪڏهن هر روز شبد - ڌُن سان سچي پريت ڪندا تہ من جا سڀ وڪار دور ٿي ويندا. دنيوي اِڇائون، جيڪي جنم مرڻ جو مکيہ ڪارڻ آهن، اُهي بہ من ۾ نہ رهنديون، من ستگروءَ سان پريت ڪندو.

[ 3 ]

هروقت ستگروءَ جي حڪم ۾ رهڻ گهرجي.

[ 4 ]

نام جي شڪتيءَ سان ئي زمين، آسمان ۽ دنيا جا سڀ پدارٿ پيدا ٿيا آهن. سڀ ڪجهہ نام بعد ئي اُتپن ٿيو آهي. پهرين نام آهي. جنهن بہ اِستان تي نام هوندو، اُتي سڀ ڪجهہ هوندو. اِنهيءَ ڪري پهرين نام سان جُڙڻ گهرجي. جيڪڏهن نام ملي ويو تہ سمجهو سڀ ڪجهہ ملي ويو. نام کي ڪڏهن بہ وسارڻ نہ گهرجي.

## [ 5 ]

هميشهہ پڇن ۾ خيال رکو. هروقت چت جي پريت شبد ۾ رکڻ گهرجي. ڇاڪاڻ تہ دنيا جا سڀ ڪم مِٿيا آهن، تنهنڪري اِنهن سڀني کي مِٿيا سمجهي ڪندا رهو. دل ۾ پڇن سان ئي پريت رکڻي آهي.

## [ 6 ]

ديهہ تہ دک سک جو گهر آهي، ديهہ ۾ رهندي اِهي ٻئي ضرور ايندا. تنهنڪري اِنهن کي مالڪ جي مؤج سمجهي خوشيءَ سان سهڻ گهرجن. ستسنگيءَ کي ورهين جو دک، تورن ڏينهن ۾ پوڳايو ويندو آهي. تنهنڪري ڪنهن بہ ڳالهہ جي چنتا نہ ڪريو.

## [ 7 ]

”دک ڪني گهڙِي غنيمت جانو“، ڇاڪاڻ تہ دک سک سڀ خود مالڪ جي حڪم سان اچن ٿا. تنهنڪري جڏهن هنجي حڪم سان ئي دک اچي ٿو تہ پوءِ اُنهيءَ کي برو ڇو سمجهڻ گهرجي؟ مالڪ اسان سان انگ سنگ آهي، سندس ديا درشٽي اسان تي آهي. جيڪڏهن اسانجو فائدو دک ۾ هوندو تہ دک ڏيندو، جيڪڏهن اسانجو فائدو سک ۾ هوندو تہ سک ڏيندو. تنهنڪري دک سک ٻئي هنجي حڪم اندر آهن.

[ 8 ]

توهان لـئيو آهي تہ درشن جي چاھہ نهايت گهٽي رهي ٿي، تنهنڪري درشن جو ڦل توهانکي ملندو رهي ٿو. جيڪڏهن ستگروءَ جي درشن جي چاھہ، من ۾ آهي تہ پوءِ اُنهيءَ سان ٻي ڪابہ برابري نٿي ڪري سگهجي.

[ 9 ]

لين دين پوري ڪرڻ لاءِ، پريمي ستسنگيءَ کي ستگرو پنهنجي ديهہ سروپ کان جدا ڪندا آهن، پر شبد ڌُن کان الڳ نہ ڪندا آهن.

[ 10 ]

اِها جيڪا نوڪري يا ڪم ڪار گهر ۾ ڪريون ٿا، اِهو بہ ستگروءَ جو ڪم آهي. ڀڄن سمرن ڪرڻ بہ ستگروءَ جو ڪم آهي. جيڪو بہ سڀ ڪاروبار آهي، تن، من ۽ ڌن آهي، ٻيو جيڪي ڪجهہ آهي، سڀ ڪجهہ ستگروءَ جو آهي، شش کي اِئين سمجهڻ گهرجي تہ مان ڪجهہ بہ نہ آهيان. مان صرف هڪ ڪم ڪندڙ (نوڪر) آهيان. پنهنجي اهم ڀاو کي بلڪل ختم ڪري ڇڏڻ گهرجي.

[ 11 ]

ڏک سک تہ پنهنجن ڪرمن جو ڦل آهي. جيڪي اڳيان ڪرم پرالبڌ ٻڌجي اچن ٿا، اُهي پنهنجو ڦل

تہ ضرور ڏيندا. اِنهيءَ ڪري دک ۾ گهبرائڻ نہ گهرجي. هر وقت شبد - ڌُن سان پريت رکڻ گهرجي. نہ صرف ايترو، بلڪ اهڙي پرتيت بہ هئڻ گهرجي، جيئن هرهڪ دک سک کي صحيح سمجهو وڃي. شبد- ڌُن ۾ ايتري قدر پريم سان ڌيان کي ايڪاگر ڪرڻ گهرجي، جو دک سک جو احساس ئي نہ رهي.

[ 12 ]

اِها چنتا هئڻ ضروري آهي تہ ستگروءَ جي وچنن کان ٻاهر ڪوبہ ڪم نہ ڪيو وڃي. گرمک جيڪي ڪجھہ ڪندو آهي، اُهو سڀ ڀڄن ئي آهي.

[ 13 ]

جيڪڏهن اندر ستگروءَ سان سچي پريت آهي، درشن جي سچي چاهہ آهي تہ سمجهو سؤ ورهيہ ڀڄن ڪرڻ سان بہ من ايترو پوتر نہ ٿيندو ، جيترو ستگروءَ جي درشن جي سچيءَ چاهنا سان ٿئي ٿو.

[ 14 ]

هن يگ ۾ مڪتي پراپت ڪرڻ، مالڪ سان ملڻ ۽ من کي جلدي نرمل ڪرڻ جو، اُپاءُ آهي، ستگروءَ سان سچي پريت ڪرڻ، اُنهيءَ ۾ پورو ڀروسو رکڻ ۽ ستگروءَ کي منش نہ سمجهڻ.

[ 15 ]

ڀڄن ڀنيانِ ئي سڀ پدارٿ آهن، جتي ڀڄن هوندو آهي، اُتي سڀ نعمتون ازخود اچي وينديون آهن.

[ 16 ]

جنهنکي ستگروءَ سان پريت ۽ پرتيت آهي. سچيءَ دل سان ستگروءَ جي شرن ۽ ستگروءَ جي چرنن جو پيار، دل ۾ هميشه رهي ٿو. من ۾ پورن وشواس رهي ته ستگرو منش نه آهي، پر خود پرماتما، ستنام، ستپرک، الک، اگم ۽ انامي آهي، ڪل مالڪ آهي. ستگروءَ کان مهان ٻيو ڪوبه نه آهي. اهڙو پريمي ضرور سچکنڊ پهچندو. الک، اگم، انامي راڌاسوامي ڌرڌام جي الوڪڪ ديس ۾ پهچندو.

[ 17 ]

هرروز ڀڄن ڪريو. من ۾ گهمندي ڦرندي، ڪم ڪار ڪندي، سمرن ڪندا رهو. جڏهن فرصت هجي، اُنهيءَ وقت ته ڀڄن ڪرڻ ئي گهرجي، گهمندي ڦرندي به سمرن نه وساريو، چاڪاڻ ته سواس مقرر ٿيل آهن.

[ 18 ]

جڏهن شش کي پوري ستگروءَ جو درشن ٿئي ٿو تڏهن هن جا دنيوي دکن سکن، آشائن ترشنائن ۽ گذريل 21 جنمن جا سڀ بندن ڪٽجي وڃن ٿا.

[ 19 ]

جڏهن ستگرو پنهنجيءَ ديا مهر ساں نام، شبد ڏِن بخشين ٿا. تڏهن اُنهيءَ وقت ئي شش جو ڌرم راءِ وٽ رکيل، جنم - مرڻ ۽ چوراسيءَ جو حساب ڪتاب ختم ٿي وڃي ٿو.

[ 20 ]

جنهن وقت شش کي ستگروءَ ۾ پورن وشواس ٿي وڃي ٿو، پڪو ڀروسو ٿئي ٿو، اُنهيءَ وقت ئي هو سچکنڊ جو اڌڪاري ٿي وڃي ٿو.

[ 21 ]

ڀڄن سمرن هرروز ڪريو. جڏهن هرروز ڪندا، تڏهن هڪ ڏينهن ضرور ديا مهر ٿيندي. دروازي کي نہ ڇڏيو، ڪنهن بہ وقت سڏايا ويندا. تڪڙ ڪم شيطان جو ٿيندو آهي.

[ 22 ]

شبد ـ ڌُن، خود انامي پرش جي جان آهي. جنهن وقت بہ انامي پرش جي اِڇا ٿيندي تہ مان هن جيو آتما کي پاڻ ۾ ملائي ڇڏيان، تڏهن هوُ يڪدم پاڻ ۾ لين ڪري ڇڏيندو. جنهن وقت آتما، شبد ـ ڌُن وانگر نرمل پوتر ٿيندي، تڏهن ٿوري بہ دير نہ لڳندي.

[ 23 ]

جڏهن ڪان هن ناسونت سرشٽيءَ جي رچنا ڪئي ويئي آهي، تڏهن ڪان ئي من ۽ سُرت تي مَئل چڙهيل آهي. جيڪڏهن ڏهن ويهن سالن ۾، بہ يا ٽي پهر بہ سُرت کي شبد ـ ڌُن ۾ ايڪاگرتا سان نہ جوڙيو ويو آهي، اهڙيءَ حالت ۾ ايترو جلدي شبد ـ ڌُن ۾ ڪيئن جڙي سگهنداسين. جيسين سُرت انٺي پهر شبد ـ ڌُن ۾ پريم سان نہ جڙندي، تيسين ڌُن ۾ ڪيئن سمائجي سگهندي.

[ 24 ]

شبد روپي گرو توهانجي سُرت ۽ من کي تمام جلدي نرمل ڪرڻ چاهي ٿو. ستگرو اهڙي ديا ـ مهر ڪري رهيا آهن. هڪ پل لاءِ بہ نٿا وسارين. هوُ چاهين ٿا تہ هيءَ سُرت، جنهنکي شبد ـ ڌُن ذريعي جاڳرت ڪيو ويو آهي، اُها پنهنجي شبد ـ ڌُن سروپ ۾ لين ڪري سچکنڊ تائين پهچايان.

[ 25 ]

ستگروءَ جي حڪم ۾ رهندي، دنيوي ڪاروبار به ڪرڻ گهرجي. جڏهن ڀل پڇي راس ٿئي ٿو، تڏهن اُهو وڻ مان ازخود ڇڻي پوندو آهي. اهڙيءَ حالت ۾ نه ڀل کي ۽ نه ئي وڻ کي ڪا تڪليف ٿيندي آهي. هن ديهيءَ ۾ اچي جيڪڏهن پورڻ ستگرو ملي وڃي ته سمجهو ڪارج سڌ ٿي ويا، اِهوئي هنجو ڀل آهي. ستگروءَ جي وچن انوسار هلڻ، اِنهيءَ ڀل جو پچڻ آهي. هرروز جيتري قدر ٿي سگهي ڀڄن - سمرن ڪرڻ، اِهو اِنهيءَ کي پاڻي ڏيڻ مثل آهي. شبد - ڌن سان مِلي وڃڻ، ڀل جو پڇي، ڇڻڻ آهي.

[ 26 ]

صرف ڀڄن - سمرن جو ئي فڪر ڪريو. سڀ دنيوي ڪم ته هلندا ئي رهندا. ڪڏهن به ڪٿي نٿا رُڪجن، ٿيندا رهن ٿا.

[ 27 ]

جنهن وقت به هن من کي فرصت ملي ٿي، تڏهن هوُ گذريل ڳالهين کي ياد ڪري پڇتاءُ ڪندو رهي ٿو، اُنهيءَ بعد چوندو آهي ته جيڪڏهن اِها چاڻ هجي ها ته اِئين ڪريان ها. اِنهيءَ ڪري اِهو سڀ وئرت آهي، ڇاڪاڻ ته جيڪي ٿيڻو هو، اُهو ته ٿي ويو. پوءِ پڇتاءُ ڪرڻ سان ڪجهه به حاصل نٿو ٿئي. ماڻهن

جي سک دک جي باري ۾ ڳالھہ ٻولھہ ڪرڻ يا نِندا ۽ ساراھہ ڪرڻ ۾ جيڪو وقت ويو، اُنهيءَ سان نہ ڪو دنيوِي ڪم سِڌ ٿيندو نہ پرمارٿ پراپت ٿيندو.

[ 28 ]

جنهن وقت ڀڄن ڪريو، اُنهيءَ وقت دنيوِي ڪمن جو بلڪل خيال نہ ڪريو. اهڙِيءَ طرح من لڳي ويندو، من کي سمجهايو تہ جڏهن تون سمهندو آهين، اُنهيءَ وقت دنيا جي ڪاروبار جي توکي ڪابہ يادگيري نہ رهندي آهي، تڏهن ڇا بگڙجندو آهي؟ تہ پوءِ هينئر سمرن ڪرڻ وقت سنڪلپ، وڪلپ ڇو ٿو ڪرين؟ جيڪڏهن ڀڄن - سمرن ڪرڻ وقت تون دنيا جي ڪمن کي ياد نہ ڪندين تہ تنهنجو ڇا بگڙجندو؟ اهڙِي طرح من کي محڪم اِرادي سان سمجهايو.

[ 29 ]

گهمندي ڦرندي، سمهندي جاڳندي بلڪ هروقت ڪڏهن بہ شبد - ڌُن کي نہ وساريو. جيڪي بہ دنيوِي ڪم آهن، سڀ ۽ وهنوار ۽ پرمارٿ آهي، اُهو سڀ شبد - ڌُن ئي ڪري ٿي. هيءَ من چوندو آهي تہ مان ٿو ڪريان. اِهو مِٿيا آهي. سڀ ڪجهہ شبد - ڌُن ڪري ٿِي. اِنهيءَ ڪري هروقت شبد - ڌُن سان جڙيل رهڻ گهرجي.

## [ 30 ]

هر وقت ياد رکو تہ دنيا مان ضرور وڃڻو آهي. جيڪي ڪجهہ من مرضيءَ مطابق ڪنداسين، اُنهيءَ جو حساب ضرور چڪائڻو پوندو. هر وقت من کي سمجهائيندا رهو تہ هوُ ستگروءَ جي حڪم اندر رهي. بس پوءِ سمجهو تہ سچي ڪرڻي ٿي ويئي.

## [ 31 ]

جڏهن ابياسيءَ کي اندر ستگروءَ جي سروپ جو پوريءَ طرح درشن ٿيندو، تڏهن هوُ نهايت نرمل ٿي ويندو. اُنهيءَ بعد ستگرو ڏسندو تہ هنجون سڀ دنيوي سوکيم ۽ اِستول آشائون - ترشنائون ختم ٿي چڪيون آهن، هنکي صرف ستگروءَ جي سروپ جي ضرورت آهي، ٻئي ڪنهن بہ قسم جي اِڇا ڪونهي. ستگروءَ جي رضا تي راضي آهي، هنجي آگيا چاهي ڪيتري بہ مشڪل هجي، اُنهيءَ تي خوش ٿئي. من کي اِهو چوي تہ تمام سنو ٿيو. جيڪا بہ ستگروءَ جي آگيا آهي، اُها سڀ پنهنجي ڀلي لاءِ آهي، جڏهن هنکي اهڙي سمجهہ ايندي، تڏهن ستگرو هنکي يڪدم سچکنڊ وٺي ويندو.

## [ 32 ]

ڪڏهن بہ اِئين نہ سوچو تہ هيءُ پدارٿ مونکي ملي يا هوُ مون کان گهٽ هو، هينئر وڏي ويو آهي، پر

ڏسو مونکي نہ مليو يا پرميشور مونکي چونہ ڏنو. اهڙي قسم جا خيال ۽ وئرت واسنائون ڪڏهن بہ من ۾ نہ آئيو.

[ 33 ]

اِهو سوچڻ گهرجي تہ مونکي صرف ستگروءَ جي چرن ڪنولن جي پريت ۽ پرتيت هئڻ گهرجي. هنجي حڪم اندر رهڻ جڳائي، ڏينهن رات، مايا روپي اگنيءَ ۾ سڀ سڙي رهيا آهن، اِنهيءَ ڪري اِها مايا مان ڇـو گهري رهيو آهيان. اِنهيءَ من ۽ مايا روپي اگنيءَ کان بچائڻ وارو صرف ستگرو ئي آهي.

[ 34 ]

جيڪو بہ ڪم ستگروءَ جي مت يا حڪم مطابق ڪيو وڃي ٿو. اُهو ستگروءَ جو ڪم آهي، پرمارٿي ڪم آهي. چاهي ٿورو ئي آهي، پر گهڻو ٿي ويندو. هڪ مثال آهي، اُهو سمجهو. جيڪڏهن کيت ۾ هر هلائي، وقت تي ٻج پوکيو ويندو تہ هڪ داڻي مان ٻُڪ ڀريل داڻا ملندا آهن. ڪنهن ڪنهن ڪڻڪ جي ٻوٽي ۾ 60 يا 70 سنگ بہ لڳندا آهن پر شروع ۾ داڻو تہ هڪ ئي هوندو آهي. ڪنهن ڪنهن داڻي مان هڪ سير ڪڻڪ نڪرندي آهي، پر جيڪڏهن اُنهيءَ ٻج جي

داڻي جهڙو ئي ٻيو داڻو پٿريلي زمين ۾ پوکيو ويندو تہ اُنهيءَ مان هڪ داڻو بہ نہ پيدا ٿيندو. اهڙيءَ طرح من جيڪو بہ ڪرم ڪري ٿو، جيترا سنڪلپ ۽ دليل، دنيوي ڪم، ڀوڳ ولاس، گنديون واسنائون ۽ بُرا ڪرم ڪري ٿو، اُنهن مان ڪجهہ بہ نٿو ٿئجي. اِهي سڀ ويران زمين ۾ ٻج پوکڻ برابر آهن.

[ 35 ]

پنهنجو پاڻ يعنيٰ اهم ڀاو جو تياڳ ڪريو. تن، من، ڌن سڀ ستگروءَ کي ڏيئي ڇڏيو. اُنهيءَ بعد ڪابہ دعويٰ نہ ڪريو. اهڙي طرح ڪرڻ سان، من ڪڏهن بہ نہ ڀٽڪندو، ڇاڪاڻ تہ جيڪا شيءِ ڪنهنکي ڏيئي ڇڏبي آهي تہ پوءِ اُنهيءَ تي ڪوبہ حق نہ رهندو آهي.

[ 36 ]

ڪوبہ سنساري ڪم پريم سان من لڳائي نہ ڪرڻو آهي. جهڙي طرح مهمان سڀ ڪجهہ شؤق سان ڪندو آهي، پر من ۾ هميشهہ اِهو سمجهندو آهي تہ هيءُ منهنجو گهر نہ آهي، اهڙي طرح سچي دنيا ۽ دنيا جا سڀ ڪم، مال اسباب مِٿيا آهن ۽ اِنهن کي مِٿيا سمجهي ئي ڪرڻو آهي، من ۽ سُرت کي ستگروءَ جي چرنن ۾ لڳائي رکڻو آهي.

[ 37 ]

جيڪڏهن چوڏهن لوڪن جو راڄ ملي، تڏهن بہ خوش نہ ٿيڻ گهرجي، ڇاڪاڻ تہ اُهو راڄ مِٿيا آهي، فنا آهي. مِٿيا پدارٿ سان پريت ڪندا تہ دوکو کائيندا. جيڪڏهن اُهو راڄ واپس کسجي بہ وڃي تہ ناراض نہ ٿيڻو آهي، ڇاڪاڻ تہ جنهن ڏنو، اُنهيءَ ئي واپس ورتو. اُنهيءَ جو ئي هو، مِٿيا ۽ فنا هو.

[ 38 ]

ڪير ڪيترو بہ آدر ڪري يا نندا ڪري، آدر ۽ ساراهہ ۾ خوش نہ ٿيڻو آهي ۽ نندا ۾ ناراض نہ ٿيڻو آهي. هميشهہ راضي رهو. مالڪ جي رضا ۾ راضي رهو. جنهن بہ حال ۾ هُو رکي.

[ 39 ]

اِهو سوچڻ گهرجي تہ منهنجو ڪيترو وقت ڳالهين ڪرڻ ۾ وئرٿ ويو آهي، اِهو وقت ڪڏهن بہ واپس ملڻ وارو نہ آهي. سوچو ۽ پنهنجي مؤت کي ياد رکو.

[ 40 ]

اسانکي هتي نہ رهڻو آهي. اسانجا ڏينهن، گهڙيون، پهر، پل، سواس سڀ مقرر آهن. من کي دنيوي واسنائن مان ڪڍي، سُرت ـ شبد سان جوڙيو.

[ 41 ]

صرف پڄن - سمرن ڪرڻ جو فڪر هئڻ گهرجي. وقت وئرت نہ وڃي، اِهو بہ فڪر ڪرڻ گهرجي. جيڪو وقت وئرت ويو، اُنهيءَ لاءِ اِهو پڇتاءُ ڪرڻو آهي تہ ايترا سواس وئرت چو ويا، نہ دنيوي ڪم ۾، نہ پرمارٿ ۾ سڄايا ڪيا.

[ 42 ]

جنهن وقت بہ پڄن ۾ وِهو ۽ شبد - ڌُن ٻڌو، اُنهيءَ وقت دنيا جون سڀ چنتائون ڇڏي ڏيو. پڄن کان وڌيڪ ٻيو ڪجهہ بہ ڪونهي. هر روز پڄن جو وقت وڌائيندا رهو، گهٽ نہ ڪريو.

[ 43 ]

دنيا جا جيڪي بہ ڪم آهن، اُهي گذريل ڪرمن انوسار هوندا آهن. جنهن بہ روپ ۾ اچن ٿا، پوڳيا وڃن ٿا. ڪڏهن سنا تہ ڪڏهن برا ٿيندا رهن ٿا، تنهنڪري اُنهنجي ڪابہ چنتا نہ ڪرڻي آهي. چنتا صرف پڄن جي ڪرڻي آهي.

[ 44 ]

هر وقت اِهائي هدايت آهي تہ ڪڏهن بہ نہ گهبرايو، تہ اسين اُن جڳهہ تي سُکي هئاسين ۽ هتي ڏکي آهيون. سڀ مالڪ جي مؤج سمجهڻ گهرجي.

[ 45 ]

بيمارِيءَ ۾ گهبرائڻ مناسب نہ آهي. جيڪڏهن بيمارِيءَ ۾ گهبرائبو تہ هنجي بيمارِي وڌِي ويندِي.

[ 46 ]

چاهي سچي دنيا جو راجا هجي تڏهن بہ منش کي پنهنجن هٿن سان حق حلال جي ڪمائي ڪري کائڻ گهرجي. حق حلال جي ڪمائيءَ مان، توهين بہ کائو، ٻين کي بہ ڏيو. گهر وارن کي ۽ پچنديِ آهر ساڌ سنگت ۾ بہ ڏيو.

[ 47 ]

دک جي گهڙِي سپ کان بهتر آهي. چاڪاڻ تہ اُنهيءَ ۾ مالڪ جي ياد ايندِي آهي. ديا مهر سان ئي دک ايندو آهي، اِئين ڪڏهن بہ نہ ايندو آهي. اِنهيءَ ڪري دک ۾ گهبرائڻ نہ گهرجي.

[ 48 ]

دنيا جا سپ ڪم ڪريو، پر پريت ۽ پرتيت ستگروءَ جي چرنن ۾ رکٽي آهي چاڪاڻ تہ سواس ۽ گراس مقرر آهن. دنيا جا ڪم پيٽ گذران لاءِ آهن. پجن هن پؤساگر مان ترڻ لاءِ آهي. اِهي ئي بہ ڪم ڪرڻا

آهن. باقي من کي بلڪل جواب ڏيو تہ تنهنجو چوڻ نہ مڃيندو آهي. هميشهہ ستگروءَ جو وچن من ۾ رکو.

[ 49 ]

موت کي هروقت ياد رکڻو آهي، ستگروءَ جي وچن کي ياد رکڻو آهي. اسانجو گهر الک اگم جي پار آهي. شبد ـ ڌن سان ڄڙي اُتي وڃڻو آهي. شبد ئي اسانجو پرڪاش آهي. اُنهيءَ جي شڪتيءَ سان دنيا جا سڀ ڪم ٿي رهيا آهن ..... شبد ـ ڌن خود نرمل ڪري، راڌاسواميءَ ديس ۾ پهچائيندي، پڪو ڀروسو رکو.

[ 50 ]

من کي وس ڪرڻ لاءِ هڪ طريقو آهي. اُهو آهي ستگروءَ جي وچن کي هروقت ياد رکڻ. جڏهن بہ من دليل ڪري اُنهيءَ وقت سمرن ڪريو. من جي دليل موجب نہ هلو، ستگروءَ جي وچن کي ياد ڪريو. موت کي پنهنجي مٿان بيٺل سمجهجي. اِهو بہ سمجهڻ گهرجي تہ گروءَ جي وچن کي وساري، جيڪي ڪجهہ ڪنداسين، اُنهيءَ جو حساب چڪائڻو پوندو.

[ 51 ]

جيڪي ڪجهہ چوڻو يا ڪرڻو آهي، اُهو سڀ خود مالڪ راڌاسواميءَ جي حڪم سان ٿيندو. اُنهيءَ ڪانسواءِ

ڪير بہ ڪجھہ نٿو ڪري سگھي. پڪو ڀروسو رکو. منش
بہ نٿو ڪري سگھي. نہ ڪجھہ گھٽائي سگھي ٿو ۽ نہ
ڪجھہ وڌائي سگھي ٿو..... پنهنجي پرالبڌ تي خوش
رهو نہ گھٽ نہ وڌيڪ ملڻو آهي، حضور دين ديال انامي
راڌاسواميءَ جي جيتري مؤج هوندي، اوترو ئي ملندو
۽ اُنهيءَ ۾ ئي خوش رهو.

[ 52 ]

ڀڄن - سمرن، پنهنجي گھر جو اصلي ڪم آهي،
اِهوئي هميشهہ انگ سنگ هلندو، چاڪاڻ تہ ڀڄن -
سمرن ستگروءَ جي بخشيش آهي، اِها هميشهہ وڌندي
رهي ٿي، ڪڏهن بہ گھٽجي نٿي.

[ 53 ]

شبد - ڌُن کي پريم پيار سان ٻُڌو، چاڪاڻ تہ شبد
ئي سيني جو ڪرتار آهي. سڀ شڪتيون ڪروڙين
ڪرامتون شبد - ڌُن ۾ آهن. شبد - ڌُن خود ديا مهر
ڪري، اٺئي پهر، ڏينهن رات، آواز ڏيئي رهي آهي.
جنهن وقت بہ ڌيان کي ايڪاگر ڪيو ويندو آهي، اُنهيءَ
وقت شبد - ڌُن جو آواز سُرت کي پڪاريندو آهي .....
شبد - ڌُن سان جُڙي وڃو. دنيا جو ڪوبہ ڪم، ڪڏهن

رُڪجڻ جو نہ آهي، سوچ ويچار ۽ من جي ڪلپنائن ۾ وقت چو تا وڌرت وڃايو.

**[ 54 ]**

هر وقت من ۾ سمرن ڪريو. سمرن من کي نرمل ڪري ٿو. سمرن سان مَئِل نٽي ليگي، من نرمل ٿي شبد ـ ڌُن سان مُجڙي وڃي ٿو.

# وچــن

## حضور مهاراج ساون سنـگهہ جيِ

[ 1 ]

جڏهن پرماتما جي ديا ٿئي ٿي، تڏهن ستسنگ ملي ٿو. اُنهيءَ جي ديا سان ئي گرو ملي ٿو ۽ نام پراپت ٿئي ٿو. هنجي ديا سان ئي شش نام جي ڪمائي ڪري پردو کولي ٿو.

[ 2 ]

مالڪ سان ميلاپ جو مارگ هڪ ئي آهي. اُهو سيني جي اندر آهي ۽ پرماتما جو بڻايل آهي. ڪنهن بہ وليءَ، اوتار، پيغمبر يا مهاتما اُهو مارگ نہ بڻايو آهي. اسين نہ اُنهيءَ کي گهٽائي سگهون ٿا ۽ نہ ئي بدلي سگهون ٿا.

[ 3 ]

ڪبير صاحب فرمائين ٿا:

وستوُ ڪهين ڍونڍي ڪهين، ڪيهہ بِڌِ آوئہ هاٿ،
ڪهہ ڪبير تب پائِيي، جب ڀيدِي ليجي ساٿ.

آتما ۽ پرماتما جو وشيہ ايترو نازڪ ۽ پيچيدو آهي، جو منش جي بُڌي اِنهيءَ وشيہ کي سمجهڻ لاءِ، پنهنجو پاڻ کي بلڪل اسمرٿ ٿي سمجهي. گروءَ جي سهائتا کانسواءِ پرماتما جو ميلاپ ناممڪن آهي.

[ 4 ]

اسين ٻارن کي چوري نـﮕـﻲ ۽ ٻين ٻرن ڪرمن ذريعي ڪمائي ڪارايون ٿا. اِهو نٿا سوچون تہ جن لاءِ اسين اِهو سڀ ڪجهہ ڪريون ٿا، اُهي اسانجي ڪهڙي مدد ڪندا؟ اِنهن مان ڪوبہ اسان سان گڏ نہ هلندو. جڏهن اِستريءَ جو مؤت ٿئي ٿو تہ سندس پرسان وينل پتي صرف ڏسندو ئي رهجي وڃي ٿو. جڏهن هيءُ سرير ئي سات نٿو ڏئي تہ باقي ٻيو ڇا ٿو گڏ هلي سگهي؟ ڏيئر، پٽ، ڌن دولت اسانجو ايمان نہ آهن. اسانجو سچو محبوب، پريتم صرف هڪ ستگرو آهي. اِنهيءَ جو ارٿ اِهو نہ آهي تہ اسين مٽن مائٽن کي ڇڏي ڏيون. اسانکي اُنهن کان ڪم ونٺو آهي، پر اسانجو سچو دِلي پيار ڪنهن سان هئڻ گهرجي؟ صرف اُنهيءَ هڪ پرمَاتما سان.

[ 5 ]

منش جنم پرماتما جي درشن ڪرڻ ۽ هن ئي زندگيءَ ۾ آتم روحاني پد جي پراپتيءَ لاءِ ڏنو ويو آهي. زندگيءَ جو هرهڪ منٽ ڪروڙين روپين جي برابر آهي.

[ 6 ]

جڏهن زندگيءَ جو مقصد طئہ ٿي وڃي ٿو، تڏهن اُنهيءَ جي پراپتيءَ جو ساڌن بہ معلوم ٿي وڃي ٿو. عقلمند

اِنسان هرهڪ موقعي ۽ فرصت جي گهڙيءَ جو لاڀ وٺي پنهنجي منزل ڏانهن قدم وڌائڻ جي ڪوشش ڪري ٿو.

[ 7 ]

سرير اُهو ئي سندر آهي، جنهن ۾ سُرت پنهنجي پورن پتي، پرماتما، شبد يا نام سان وصال ڪيو هجي. اُنهيءَ سچي پتيءَ سان ميلاپ ڪرڻ سان سُرت جو سهاڳ سدائين امر رهي ٿو. سرير رهي يا نه رهي، اِنهيءَ جي ڪابه چنتا نٿي رهي.

[ 8 ]

دنيوي دؤلت پراپت ڪرڻ لاءِ توهين جهڳڙا ڪريو ٿا. اُهو ڌن ٻارن ٻچن لاءِ خرچ ڪريو ٿا. اُهي ٻار ٻچا ڳڏ نٿا هلن. جيڪڏهن اِنهيءَ ڌن جو ڏهون حصو به گروءَ جي سيوا ۾ خرچ ڪندا ته توهانجو جنم سڦل ٿي ويندو.

[ 9 ]

هي سنسار ڪشمڪش جو ميدان آهي. هتي نه ڪڏهن شانتي رهي آهي ۽ نه ڪڏهن رهندي ئي. اڄ جي مسئلن مان سياڻي جا مسئلا پيدا ٿين ٿا. جتي من مايا جو زور آهي، اُتي ڪڏهن به شانتي ٿي نٿي سگهي.

## [ 10 ]

دنيا، سنتن..... کان مايا جا يوڳ ۽ پدارٿ گُهري ٿي. پر اُنهن کان اسانکي اوچ روحاني منڊلن جي سفر جو مارگ يعني اُنهيءَ سفر لاءِ سهائتا گُهرڻ گهرجي، جنهن سان منش هن دنيا مان مڪتي پراپت ڪري سگهي.

## [ 11 ]

دنيا ۾ پهرين منش آيو. سڀ ڌرم ۽ ڌارمڪ پستڪ منش کانپوءِ بڻيا آهن. ڌرم منش لاءِ آهن، منش ڌرمن لاءِ نه آهي. سڀ گرنٿ ۽ پستڪ منش ذريعي بڻيا آهن. اصلي روحاني ڀيد منش جي اندر آهي. پستڪن ۾ اِنهيءَ ڀيد جو صرف ذڪر آهي، پر خود ڀيد ڪونهي. جيسين اسين ڪنهن مهاتما جي رهنمائي پراپت ڪري اندر نه وينداسين، تيسين اُنهيءَ روحاني راز کي پراپت نه ڪري سگهنداسين. منش گرنٿ پوٿيون پڙهي ٿو، اصلي سار جي سمجهاڻي ڏئي ٿو. پر خود اُنهيءَ تت يا سار کان محروم رهجي وڃي ٿو.

## [ 12 ]

منش کي هرهڪ وديا جي ڄاڻ آهي، پر آتما جنهنجي سهاري سڀني وديائن جي پراپتي ٿئي ٿي،

جنهنجي آڌار تي من ٻُڌيءَ جو سڄو ڪاروبار هلي رهيو آهي، اُنهيءَ جي باري ۾ منش کي ڪجهه به ڄاڻ نہ آهي.

[ 13 ]

سنت فرمائين ٿا تہ جيڪڏهن توهين پنهنجو ديس ڇڏي، هن ديس ۾ اچي بہ ويا آهيو تہ پرائي مزوري نہ ڪريو. بلڪ پنهنجو اصلي ڪم ڪريو، جيڪو توهانجي ڪم اچي.

[ 14 ]

سنتن جہ اُپديش اُنهن جگياسن لاءِ ئي آهي، جن کي اندر وچڙو آهي، پردو کولڻو آهي، پرماتما سان ميلاپ ڪرڻو آهي. جن کي اندر وچڙو ئي نہ آهي، اُنهن لاءِ اِهو اُپديش نہ آهي.

[ 15 ]

دراصل سنتن جو هڪ ئي سنديش هوندو آهي. اُنهنجو اهو سنديش آهي - ”هي آتما، تو پنهنجي اصلي پنڊار کي وساري ڇڏيو آهي. اِهو پنڊار سچکنڊ ۾ آهي ۽ اُتي پهچڻ جو مارگ شبد - ڌُن آهي، جيڪو تنهنجي اندر آهي. اسين تنهنجي سچکنڊ تائين رهمنائي ڪنداسين.“

## [ 16 ]

سنت مت هڪ ئي ڪرامت ۾ وشواس رکي ٿو. اُها ڪرامت اِها آهي ته آتما جيڪا اناد ڪال کان جنم مرڻ جي چڪر ۾ ڦاسي ويئي آهي. اُنهيءَ کي مڪت ڪري پرماتما سان ميلاپ ڪرائڻ .

## [ 17 ]

سنت فرمائين ٿا ته ڀائي! تنهنجي اندر سُرت آهي، تنهنجي اندر شبد آهي. اُنهيءَ ڪانسواءِ برهم، پاربرهم خود خُدا به تنهنجي اندر آهي. سڀ ڪجهه گهر ۾ هوندي به تون ٻکيو رهيو آهين. جنهنجي گهر ۾ ڪروڙ روپيا پُوريل هجن، پر تنهن هوندي به هُو ٻاهر ڪوڏي ڪوڏي گُهرندو رهي، ڇا توهين اُنهيءَ کي مورک نه چوندا. اِهائي حالت اسانجي آهي. ذرا غؤر ڪريو.

## [ 18 ]

سنت - مهاتما بار بار هدايت ڪندا رهن ٿا ته هيءُ ديس توهانجو ديس نه آهي، هيءَ قوم توهانجي قوم نه آهي. اِهي ڌرم توهانجا ڌرم نه آهن. توهانجو ديس سچکنڊ آهي. توهانجي قوم ستنام آهي. توهانجو ڌرم ستپرش آهي. پر جهڙي طرح ناليءَ جو ڪيڙو باغ جي هوا پسند نه ڪندو آهي. اهڙيءَ طرح اسين به بار بار هِن گندي ديس ۾ واپس اچي رهڻ چاهيون ٿا.

[ 19 ]

سنتن بنا روحاني مارگ نٿو ملي. سنت ھِن دنيا ۾ پرمارٿ جا بادشاھ آھن. جيڪو بہ اِنھيءَ مارگ تي ويو آھي، اُھو سنتن جي ذريعي ئي.

[ 20 ]

سنت منش جي پاپن کي نہ ڏسندا آھن. جيڪڏھن ھوُ اسانجي ڪرمن کي ڏسن، تہ شايد ڪوبہ منش سنتن جي اڳيان وڃڻ جي قابل نہ ٿيندو.

[ 21 ]

جيڪڏھن منش خود اُنھيءَ سرو وياپي شبد مان لاڀ پراپت ڪري سگھي ھا يا سرو وياپي شبد، سِڌيءَ طرح منش کي سھائتا ڏيئي سگھي ھا تہ پوءِ ڪڏھن بہ، سنتن مھاتمائن کي جيو -آتمائن کي سمجھائڻ ۽ رھنمائيءَ لاءِ، منش ديھ ڌارڻ ڪري، اُنھن جي وچ ۾ اچي رھڻ جي ڪابہ ضرورت نہ پوي ھا. جيڪڏھن پراچين وقت ۾ سنتن جي موجودگيءَ جي ضرورت ھئي تہ اُھا ئي ضرورت اڄ بہ آھي.

[ 22 ]

جيڪڏھن سنت چاھين تہ ھوُ پنھنجي شڪتي بئي کي ڏيئي سگھن ٿا. جيڪڏھن ھوُ چاھين تہ وچن،

چهاءُ يا درشٽيءَ ذريعي به پنهنجي شڪتيءَ جو اِستعمال ڪري سگهن ٿا.

[ 23 ]

سنتن جي سنگت صحبت ۾ جيڪي به منش رهن ٿا، اُنهن لاءِ ساوڌانيءَ سان رهڻ نهايت ضروري آهي. جيڪي سنتن کي ڪڌهن به منش - ڀاو سان نٿا ڏسن، سي هن ڀؤساگر کان پار ٿي وڃن ٿا.

[ 24 ]

سنت اِئين نٿا چون ته گرهست سنو ۽ تياڳ خراب آهي. پر جيڪڏهن، منش تياڳي بڻجي ٿو ته پوريءَ طرح بڻجي. تياڳي بڻجڻ بعد، دنيا ڇو ٿو ڏسي؟ جيڪڏهن تياڳي بڻيو آهي ته پوءِ گرهستين جو سهارو ڇو ٿو وٺي؟ رس نه گرهست ۾ آهي نه تياڳ ۾، رس آهي نام ۾. نام منش جي اندر آهي. جيڪڏهن صرف هڪ دفعو اندر پردو کُلي وڃي ۽ نام جو رس پراپت ٿئي ته پوءِ چاهي هوُ گرهست ۾ رهي چاهي تياڳ ۾.

[ 25 ]

سنت فرمائين ٿا، ”ڀائي! ڪرڻي ڪريو، پر ستگروءَ جي ديا جو سهارو وٺو.“

[ 26 ]

نام نهايت قيمتي پدارٿ آهي، جيڪڏهن سِپس ڏيڻ سان پراپت ٿئي، ته به سستو آهي.

[ 27 ]

نام جپڻ واري جي اڳيان جڏهن جمدوت ئي نٿا اچي سگهن ته پوءِ اُنهيءَ جي اڳيان ڀُوت پريت، جادوُ ٽوٽا ڪيئن ايندا؟

[ 28 ]

جيسين ڏيان، شبد - ڌُن سان نه جُڙيو آهي، تيسين منش هڪ حيوان وانگر ڪم ڪري رهيو آهي ۽ هن کي ڪڏهن به شانتي پراپت ٿي نٿي سگهي.

[ 29 ]

نام ڪانسواءِ ٻيو ڪوبه اهڙو ڪرم ڪونهي، جيڪو ٻنڌنن کان مڪت ڪري. مڪتي آهي ته صرف نام ۾.

[ 30 ]

جيڪڏهن اندر روحاني رس ونڻو آهي، نام جو رس پراپت ڪرڻو آهي ته شراب ڪباب ۽ دنيوي ڀوڳن کان دور رهو. جيترا عيش - عشرت آهن، اوترائي دک. جيترا ڀوڳ، اوتريون ئي بيماريون.

[ 31 ]

اسين دنيوي ڪمن ۾ ڏهن، ٻارهن ڪلاڪ ٻلڪ چوڏهن ڪلاڪ به ڏيون ٿا، پر نام جي اڀياس لاءِ ڪلاڪ به ٻه نٿا ڏيون.

[ 32 ]

اِئين ته سڄي دنيا پرماتما جي ٺاهيل آهي. منمک به اُنهيءَ جا ٺاهيل آهن. پاپي به اُنهيءَ جا ٺاهيل آهن ته نيڪ اِنسان به پرماتما ئي ٺاهيا آهن. جبڪي نام جي ڪمائي ڪن ٿا، اُهي ئي هنجي درگاهه ۾ پهچن ٿا، باقي ٻيا نه.

[ 33 ]

جيترو وڌيڪ اسانجو پريم شبد - ڌُن سان هوندو، اوترِي ئي وڌيڪ اسانکي شِانتي پراپت ٿيندي ۽ اسانجي روحاني ترقي ٿيندِي.

[ 34 ]

سيني جاپن ۾ جاپ، سيني تپسيائن ۾ تپسيا، سيني سنجمن جو سار، سڄي ڪرم ڌرم جو سار يعني جيڪي ڪجهه به آهي، اُهو نام ئي آهي.

[ 35 ]

نام جي مهما ڪرڻ لاءِ سنتن ڪي دراصل لفظ ٿي نٿا ملن، چاڪاڻ تہ اُنهيءَ جو نمونو هن دنيا ۾ آهي ئي ڪونہ ..... اسين الله، پرميشور وغيرہ لفظن کي نام سمجهون ٿا، پر دراصل اُهي لفظ نام نہ آهن. دنيا لفظن ۾ ئي اُلجهيل رهجي ويئي. لفظ، صرف آتما کي نام سان جوڙڻ لاءِ آهن، خود نام نہ آهن.

[ 36 ]

سچو ڪيرتن، هروقت سيني جي اندر ٿي رهيو آهي. اُهو اکنڊ ڪيرتن آهي. اسين سمهندا آهيون، تڏهن بہ اُهو لڳاتار جاري رهي ٿو. اُهو اکنڊ ڪيرتن اسانجي اندر آهي، پر اِئين نٿو ملي. نهايت سريشٽ ڀاڳن واري کي ملي ٿو. اِهو گرو ڪرپا سان ئي پراپت ٿئي ٿو.

[ 37 ]

جيڪڏهن سنتن کنڊن جو ۽ سنتن سمنڊن جو سون ۽ هيرا جواهر گڏ ڪري، ڍير ڪيو وڃي ۽ رام جي پيارن کان پڇيو وڃي تہ توهانکي سون ۽ رتن گهرجن يا رام تہ هوُ چوندا تہ اسانکي رام ئي گهرجي، اسانکي صرف اُهو هريِ رس ئي گهرجي، ٻيو ڪجهہ بہ نہ.

[ 38 ]

من لذت جو عاشق آهي، ڪروڙن جنمن کان، ٻاهر دنيوي سواد وٺندو آيو آهي. هوُ وشئہ وڪارن سنسارِي ڀوڳن ۽ پدارٿن جو پريمي آهي. اُنهن مان ھُنکي ڪڏهن بہ ترپتي نہ ٿي ٿئي. من کي جڏهن نام جو رس پراپت ٿئي ٿو، تڏهن هوُ شانت ٿئي ٿو. سچي سنسار لاءِ، من کي وس ڪرڻ جو ساڌن، صرف نام ئي آهي. جيڪڏهن ڪوبہ اِهو ساڌن عمل ۾ نٿو آڻي تہ اُها ھُنجي پنهنجي ڪمزورِي آهي.

[ 39 ]

جيڪڏهن نون دوارن مان خيال کي سميٽي روحاني راهہ تي اڳتي وينداسين تہ اُنهيءَ اِستان تي نہ ڪا ٻولي آهي، نہ ڪا ذات. اُتي صرف نام آهي، جنهنکي ٻُڌڻ سان، ڪام، ڪروڌ، لوڀ، موهہ وغيرهہ وس ۾ اچي وڃن ٿا. ڪنهن بہ مذهب، قوم يا ديس لاءِ ڀيد ڀاو نٿو رهي. سنت اُنهيءَ نام جي ئي مهما ڪندا آهن. جيڪڏهن منش انترمک ٿي، پنهنجي سُرت کي نام سان جوڙيندو تہ هنجو جنم - مرڻ ختم ٿي ويندو ۽ جنمن کان وڇڙيل آتما، پرماتما سان ميلاپ ڪري سهاڳڻ بڻجي ويندي.

## [ 40 ]

جڏهن توهين هِن سنسار مان ڪُوچ ڪندا، اُنهيءَ وقت توهان سان ڪجهه به گڏ نه هلندو. گڏ هلڻ واريون صرف ٻه شيون آهن. هڪ ستگروءَ ڄيو نام. نام توهانجي اندر آهي ۽ اُنهيءَ جو ڀيد ستگروءَ کان پراپت ٿئي ٿو.

## [ 41 ]

گروءَ کان هميشهه گرو يا پرميشور ڪُهرو. توهانڪي گروءَ کان صرف سنڌس نج ڌام ڪانسواءِ ٻيو ڪوبه پدارٿ نه گُهرڻ گهرجي.

## [ 42 ]

هن سنسار ۾ گروءَ کان وڌيڪ اسانجو ٻيو ڪوبه مددگار ڪونهي. گروءَ ڪانسواءِ اسانڪي ٻيو ڪوبه ڪندن-برهمندن تي وني وڃي نٿو سگهي. بس گروءَ جي برابر گرو ئي آهي.

## [ 43 ]

گروءَ جو نوراني سروپ ايتري قدر موهيندڙ آهي، جو اِهو ڏيان کي ازخود پاڻ ڏانهن ڪينچي ٿو. جيڪڏهن ڪوبه ابياسي پنهنجي زندگيءَ ۾ گروءَ جي نوراني سروپ جو درشن ڪري ٿو ته کيس نهايت خوش نصيب سمجهڻ گهرجي.

[ 44 ]

گروءَ جي سڀ کان اُتم شيوا، جيڪا هرهڪ سنسنگي ڪري سگهي ٿو، اُها آهي سندس اُپديش تي عمل ڪرڻ.

[ 45 ]

گروءَ جو ميلاپ زندگيءَ جو املهه موقعو آهي، ڇاڪاڻ تہ گروءَ جي ملڻ بعد جنم - مرڻ جي چڪر ۾ وري نٿو اچڻو پوي.

[ 46 ]

اندريون گرو توهان سان هميشهہ انگ سنگ آهي، جيڪو اندرئين دروازي تي، نهايت اُڪير سان، توهانجي پهچڻ جو اِنتظار ڪري رهيو آهي.

[ 47 ]

جڏهن توهين ستگروءَ جي نُوري سروپ سان سنبنڌ قائم ڪندا، تڏهن توهانکي هرهنڌ گروءَ جي مؤجودگي محسوس ٿيندي. توهانجي من ۾ ايتري شڪتي اچي ويندي جو پين جون غلطيون ڏسندي بہ اُنهن کي ڍوهي سمجهڻ توهان لاءِ ناممڪن ٿيندو.

[ 48 ]

سنتن کي پنهنجا شش، پنهنجن ٻارن کان ٻہ وڌيڪ پيارا هوندا آهن. ٻار اُنهنجي دنيوي ڌن - دؤلت جا حقدار هوندا آهن، پر شش اُنهنجي روحاني دؤلت جا حقدار هوندا آهن.

[ 49 ]

نام وقت، جگياسوءَ جي چونڊ ۾، گرو ڪڏهن ٻہ غلطي نٿو ڪري. صرف اُنهنکي ئي نام جي بخشيش ٿئي ٿي، جن کي مالڪ واپس گهرائڻ چاهيندو آهي ۽ تڏهن مالڪ گروءَ ذريعي پنهنجن ڪجھ چونڊيل جيو - آتمائن کي شبد جو ڀيد ڏيندو آهي.

[ 50 ]

گرو داتا آهي، منگتو نہ. هوُ ڏيڻ لاءِ ايندو آهي، وٺڻ لاءِ نہ.

[ 51 ]

عجيب ڪاريگري آهي! هوا، مٽي، اگني، پاڻي ۽ آڪاش جو هڪ پتلو ٺاهي، اُنهيءَ جي اندر ڪروڙين خزانا رکيا ويا آهن. ڪروڙين ديس، کنڊ - برهمنڊ بلڪ خود مالڪ بہ هنجي اندر رهي ٿو. انترمک ٿيو ۽ ڏسو تہ

اڪال پرک توهانجي اندر چا چا رکيو آهي. پر اسين من جا مُريد آهيون، نہ مُرشد جا مريد. جيڪڏهن مرشد جا مريد بڻجون تہ اچ ئي اندر جو پردو کُلي پوي.

[ 52 ]

سنت مت ۾، گرو کنهن بہ منش جي پاپن، ڪرمن ۽ اؤگڻن کي اهڙِي طرح ڏسندو آهي، جهڙِي طرح هڪ ڌوبِي ڪپڙي جي مئِل کي ڏسندو آهي. هنجي نظر ڪپڙي تي هوندي آهي ۽ نہ گندگيءَ تي. هنجو مقصد هوندو آهي، ڪپڙي کي کهڙِي طرح بہ صاف ڪرڻ. سڀ کان پهرين گرو شش کي ستسنگ ذريعي صاف، پوتر ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. جيڪڏهن اِهو طريقو ناڪامياب ٿئي ٿو تہ پوءِ غريبي، دک ۽ بيمارِي روپِي صابڻ جو اِستعمال ڪري ٿو. جيڪڏهن اِنهن اُپاون سان بہ ڪم نٿو بڻجي تہ پوءِ هوُ شش کي ٻيو جنم ڏئي ٿو. گروءَ کي تيسين تسلِي نٿِي ٿئي. جيسين هوُ پنهنجي شش جي آتما کي ڌُرڌام تائين نٿو پهچائي.

[ 53 ]

گرو ۽ شبد، صرف اِهي ٻہ ئي منش جا سچا ساٿي آهن جيڪي هتي ۽ اُنهيءَ بعد بہ انگ سنگ رهن

تا. باقي سڀ سنٻنڌي سوارٿ جا ساٿي ٿيندا آهن. اُنهنجو پريم اسانکي هن دنيا ۾ وري آئي ٿو. گروءَ جهڙو خيرخواهه پنهنجي شش جي زندگيءَ ۾ ايندڙ مشڪلاتن کي ڏسي چپ ڪيئن ٿو رهي سگهي؟

[ 54 ]

جهڙي طرح ماتا چاهيندي آهي ته ٻالڪ وڏو ٿي پنهنجو پاڻ کي سنڀالي، اهڙي طرح گرو به چاهيندو آهي ته هنجو شش پنهنجي زندگيءَ ۾ ٽئين تل ۾ داخل ٿئي ۽ شبد - ڌُن جي سهاري مٿين منڊلن ۾ وڃي، اُنهن روحاني ڳالهين جو خود انڀوُ ڪري، جنکي هن صرف وشواس طور مڃيو آهي.

[ 55 ]

هن ڪلجڳ ۾ جيتري ديا، جيو - آتمائن تي ٿي رهي آهي، اُها شايد ئي ڪنهن مُڳ ۾ ٿي هجي. ڪام ڪروڌ ۾ جلندڙ جيو - آتمائن کي ستگرو اچي سنڀالي ٿو.

[ 56 ]

پري کان پري، اوُچي کان اوُچي اوستا جيڪا اڪال پرک جي آهي، اُها ستگرو آهي. پرماتما اسانجي اندر آهي، پر جيسين ديهه سروپ ۾ ستگرو نٿو ملي، تيسين اسانکي ڪوبه فائدو نٿو ٿئي.

[ 57 ]

گروءَ جي سيني شيوائن ۾، اُتم کان اُتم شيوا آهي، سرير مان خيال کي سميٽي، ٽئين تل تي ايڪاگر ڪرڻ. اُنهيءَ بعد ستارن، سج ۽ چندرما جي منڊلن کي پار ڪري اندر گروءَ جي نوراني سروپ جو درشن ڪرڻ.

[ 58 ]

پڇن لاءِ ستسنگ اهڙي طرح آهي، جهڙي طرح فصل لاءِ چؤطرف لوڙهو. ستسنگ اُهو پاڻي آهي، جنهن سان پڇن تازو ۽ سرسبز رهي ٿو.

[ 59 ]

ستسنگ ۾ لڳا رهو. جيڪڏهن دُکيل اگنيءَ کي ڦوڪ ڏيندا رهندا ته ڪنهن نه ڪنهن وقت ضرور ٻرنديِ.

[ 60 ]

جيڪڏهن سنتن جي سنگت صحبت ۾ رهندي ۽ اُنهنجي آڳيا انوسار هلندي به، ڪو اثر محسوس نه ٿئي، تڏهن به نراس نه ٿيڻ گهرجي. ڇاڪاڻ ته اسانجي اندر ڪيترن ئي جنمن جا سنسڪار پريل آهن، اُهي ڏيري ڏيري دور ٿيندا رهن ٿا. اِهي جنمن جنمن جا سنسڪار پهرين ته دبيل رهن ٿا. پوءِ ڏيري ڏيري

متجندا وچن ٿا. جيسين اِهي سنسڪار پوريءَ طرح دور نٿا ٿين، تيسين منش کي لڳاتار سنتن جي شيوا ۾ رهڻ گهرجي. اِهو وشواس هئڻ گهرجي تہ اِهي سنسڪار هڪ ڏينهن ضرور دوُر ٿي ويندا. اڳين پُراڻن سنسڪارن کي ڌوئڻ لاءِ وقت جي ضرورت ٿيندي آهي. اِهو جلد بازيءَ جو ڪم نہ آهي.

[ 61 ]

گروءَ جو ميلاپ، گروءَ جو ستسنگ، نام جو ملڻ ۽ نام جي ڪمائي ڪرڻ جو موقعو ملڻ، اُتم ڀاڳن جو ڦل آهي. پر ٻيءَ حالت ۾ جيڪڏهن گرو بہ ملي، ستسنگ بہ ملي، نام بہ ملي، پر ڪمائي نٿا ڪريون تہ ڪوبہ فائدو نہ ٿيندو.

[ 62 ]

دنيا ۾ ساڌ سنگت جي برابر ٻي ڪابہ سنگت نہ آهي. سنتن جي سنگت ۾ شرابي شراب ۽ ڪبابي ڪباب ڇڏي ڏين ٿا، چور چوري ۽ دُراچاري دُراچار ڇڏي ڏين ٿا. اِنهيءَ ڪري پرميشور کي جيڪڏهن بخشڻ يا پاڻ سان ملائڻ جو ڪو طريقو آهي تہ اُهو، ساڌ سنگت ئي آهي.

[ 63 ]

سنتن جو هڪ هڪ وچن ڪروڙ ڪروڙ روپين جو هوندو آهي. اسانکي ڄڳائي تہ جيڪي ڪجھہ ٻڌون، گهر اچي اُنهيءَ تي ويچار ڪريون. پر دراصل اسانجي حالت ڪهڙي آهي؟ هڪ ڪَن کان ٻڌي ٻئي کان ڪڍي ڇڏيندا آهيون. ستسنگ ۾ وياسين، پلؤ ڇنڊي هلي آياسين. جهڙا وياسين اهڙائي خالي واپس آياسين.

[ 64 ]

جيڪڏهن ستسنگي، سنساري ڳالهين کان پريشان ٿي، پنهنجي ايڪاگرتا وڃائي ٿو ۽ دک سک جو اثر محسوس ڪري ٿو تہ اِنهيءَ مان اِهو صاف ظاهر آهي تہ مٿن تي اڃا ستسنگ جو اثر نہ ٿيو آهي.

[ 65 ]

ستگروءَ جي اندر 'ست' ساکيات روپ ۾ آهي. ستگروءَ جي سنگت جو نالو ئي ستسنگ آهي. جتي ستگرو 'ست' جو اُپديش ڏئي ٿو، اُتي وچڙ سان روحاني رنگ 'چڙهي ٿو. جڏهن پاڻيءَ جي تلاءَ جي ڪناري تي وِهڻ سان سيتلتا ۽ اگنيءَ جي اڳيان وِهڻ سان گرمي محسوس ٿئي ٿي تہ روحاني شهنشاهن جي حضوريءَ ۾ اُنهن جو رنگ ڪيئن نہ چڙهندو؟

[ 66 ]

ٻاهرين تيرٿن تي سنان ڪرڻ سان گندگي صاف ٿئي ٿي، من جي مئل نٿي لهي. سچو تيرٿ نام آهي. نام منش جي اندر آهي. من جي مئل تڏهن لهندي، جڏهن منش اندر وڃي، اُنهيءَ نام رُوپي سچي تيرٿ ۾، سچي امرتسر ۾ سنان ڪندو.

[ 67 ]

هن دنيا ۾ جيڪڏهن ڪو مؤت وقت خوش ٿئي ٿو تہ اُهو صرف شبد جو اپياسي. باقي سڀ دنيا جا ماڻهو بادشاھہ کان وٺي غريب تائين روئندا ئي ويندا آهن.

[ 68 ]

سمرن تہ ڪيترائي ماڻهو ڪن ٿا، پر سچي وڏائي ۽ مهما اُنهنجي آهي، جيڪي نشڪام سمرن ڪن ٿا.

[ 69 ]

گرو جيڪو بہ حڪم ڏئي ٿو، اُهو ئي ڀڄن سمرن آهي.

[ 70 ]

جهڙي طرح اسان لاءِ گهر جا سڀ ڪم ضروري آهن، اهڙي طرح مالڪ جو ڀڄن بہ ضروري آهي، اِنهيءَ ڪري سؤ ڪم ڇڏي بہ مالڪ جو ڀڄن ڪريو.

[ 71 ]

مڪتي پراپت ڪرڻ جا ٽي ساڌن آهن - سِمرن، ڌيان ۽ ڌُن. اِنهن ٽنهي مان هڪ نہ هڪ هروقت، هرهڪ ستسنگيءَ جي اندر، ضرور هئڻ گهرجي.

[ 72 ]

ڪهڙو بہ مسئلو ڇونہ اچي، پر ستسنگيءَ کي ڀڄن ۾ ڪڏهن بہ ناغو نہ ڪرڻ گهرجي.

[ 73 ]

ڀڄن ڪرڻ جوانيءَ جو موٽ مرٽو آهي. اِهو ڪانئرن ۽ ڪمزورن جو ڪم ڪونهي. راتين جو جاڳڻ، گهٽ کائڻ، هرقسم جي تڪليف سهن ڪرڻ، من کي اِڇائن کان موڙڻ، اِهو سڀ ايترو آسان ڪم نہ آهي. اِهو سڀ تڏهن ٿي سگهي ٿو، جڏهن ستگروءَ جي پريم ڪانسواءِ ٻيو ڪوبہ پريم دل ۾ نہ رهي.

[ 74 ]

جيترو جلدي ڀڄن سمرن ڪندا، اوترو ئي جلدي پار پهچندا، جيتري سُستي ڪندا، اوترو ئي دير سان پهچندا.

[ 75 ]

جيڪڏهن ستسنگيءَ جو وشواس اٽوٽ آهي، اٽل آهي. هوُ هرروز ڀڄن ڪي وقت ڏئي ٿو ۽ هن کي ڪابہ سنساري اِڇا نہ آهي تہ پوءِ ڪابہ شڪتي هنکي سنسار ۾ واپس نٿي آڻي سگهي.

[ 76 ]

ابياسيءَ کي ڪڏهن بہ پنهنجي روحاني ترقيءَ تي تسلي نہ هئڻ گهرجي. سمرن ڪرڻ ۽ شبد - ڌُن ٻڌڻ جي اُڪير هميشه ٻٽي رهڻ گهرجي.

[ 77 ]

ڪمائيءَ جو ڏهون حصو ڪڍڻ تہ سؤلو آهي، پگهار مليو ۽ ڏهون حصو ڪڍي ڇڏيو. پر وقت جو ڏهون حصو ڏيڻ مشڪل آهي. ادائي ڪلاڪ ابياس ڪرڻ شش جو فرض آهي، جيڪڏهن وڌيڪ وقت ڏيندو تہ ڦل بہ وڌيڪ ملندو.

[ 78 ]

بيماريِ ڀڄن ۾ رڪاوٽ وجهي ٿي، پر اِنهيءَ جو اِهو مطلب نہ آهي تہ اسين ڪوشش ئي نہ ڪريون. شبد - ڌُن بيماريءَ وقت بند نہ هونديِ آهي. ڀڄن ڪرڻ ۽ شبد - ڌُن ٻڌڻ آتما جو ڪم آهي ۽ آتما ڪڏهن

بہ بيمار نٿي ٿئي. سرير کي ئي تڪليف ٿيندي آهي. دراصل بيماريءَ ۾، پرماتما جي خاص ديا مهر ٿئي ٿي. شبد ـ ڌُن نهايت صاف ٻُڌڻ ۾ ايندي آهي. جيڪڏهن بيماريءَ سبب آسڻ لڳائي وِهڻ ممڪن نہ هجي، تہ ليٽئي سمرن ڪرڻ گهرجي.

[ 79 ]

جيڪڏهن اپياس ۾ ڪنهن بہ ڪارڻ، ناغو ٿي وڃي ؛ اُنهيءَ لاءِ سچ.پچ دک محسوس ٿئي ٿو تہ اُهو دک پنهنجو پاڻ ۾ هڪ روحاني اپياس آهي. اهڙي قسم جي ڀاونا سان من جو رُخ انترمک ٿئي ٿو. پر ٻچن کي وقت ڏيڻ جي پوُري ڪوشش ڪرڻ گهرجي. اپياس ۾ ناغو نہ ڪريو. اپياس جو هرهڪ پل ليکي ۾ ايندو آهي.

[ 80 ]

جنهنکي سمرن سان پيار نہ آهي، اُنهيءَ کي اڃا گروءَ جي پريم جي هوا نہ لڳي آهي. صرف ڳالهين ڪرڻ سان مالڪ جو ميلاپ محال آهي. هيءُ تہ ڪرڻيءَ جو مارگ آهي. جيڪو پنهنجو سِر صدقي نٿو ڪري، اُهو پرماتما کي پراپت بہ نٿو ڪري سگهي. جيسين دنيوي پيار ختم نہ ٿيو آهي، تيسين ستگروءَ جو پريم ڪيئن ٿو جاڳرت ٿي سگهي؟

[ 81 ]

ڪيترن ماڻهن جي اِها شڪايت آهي تہ جيڪڏهن پڇن سمرن ڪريون ٿا تہ دنيوي ڪم رهجي وڃن ٿا. مان چوان ٿو تہ ڪجهہ بہ هرج نٿو ٿئي، ڪري ڏسو. پڇن ڪرڻ ڪمزورن ۽ ڪائرن جو ڪم نہ آهي. اِهو سُورمن ۽ بهادرن جو ڪم آهي.

[ 82 ]

گرنٿ پوٿين ۾ روحاني نظارن جو ذڪر آهي، نظارا خود نہ آهن. اُهي نظارا توهانجي اندر آهن. جهڙيءَ طرح مهاتمائن اُهي پنهنجي اندر ڏٺا، اهڙي طرح توهين بہ جڏهن پردو کولي اندر ويندا تہ توهانکي بہ اُهي نظارا نظر ايندا ۽ پرماتما پراپت ٿيندو. اسين پين ماڻهن جي شاديءَ جا گيت ڳايون ٿا، خود شادي نٿا ڪريون. اِنهيءَ جو ارٿ آهي تہ اسين ماڻهن جي نام جي ڪمائيءَ جو ذڪر ڪريون ٿا، خود ڪمائي نٿا ڪريون. پر جيسين اسين نام جي ڪمائي ڪري اندر نہ ويندا سين، تيسين شانتي نہ ملندي.

[ 83 ]

پڇن ڪرڻ من ۽ آتما جو ڪم آهي، سرير سان اِنهيءَ جو ڪوبہ تعلق نہ آهي. سرير سان ڪم ڪندا

رهو ۽ من سان ﭘڃن سمرن ڪندا رهو. جيئن هڪ مزور مشين تي ڪم ڪندي، گيت ڳائيندو رهندو آهي.

[ 84 ]

توهانکي ﭘنهنجو ڪم پاڻ ڪرڻو آهي، ڪنهن ٻئي کي نہ. جيڪڏهن نام ملڻ بعد پنجاهہ سال ويهي رهندا تہ ڪجهہ بہ نہ بڻجندو. پر جيڪڏهن نام پراپت ڪري اڻ ڏينهن بہ ڪمائي ڪندا تہ فائدو ٿيندو. هن جنم ۾ ڪريو يا ٻئي جنم ۾ ڪريو، ڪرڻو ضرور پوندو. جيسين شش خود ﭘڃن نہ ڪندو، تيسين ڪم نہ بڻجندو. جڏهن ﭘڃن ڪندا تڏهن مڪتي پراپت ٿيندي.

[ 85 ]

اسانکي هڪ ڏينهن هيءُ سنسار ڇڏڻو ئي آهي. جيڪڏهن اسين پريمي ۽ آگياڪاري شش آهيون ۽ اسان ﭘنهنجي زندگيءَ جي عرصي ۾ ئي روحاني سفر لاءِ صحيح تياري ڪئي آهي تہ اسانکي ٻئي سرير ڌارڻ ڪرڻ (جنهنکي مؤت چوندا آهيون) جو ڪشٽ سهن نہ ڪرڻو پوندو.

[ 86 ]

سچو ڏينهن ڪم ڪرڻ سبب اپياسيءَ کي جيڪا ٿڪاوٽ ٿئي ٿي، اُها سُرت شبد جي اپياس ڪرڻ سان

دوُر ٿي وڃي ٿي. نام ملڻ بعد، هدايت انوسار جيڪڏهن هڪ ڪلاڪ به ڀڄن ۾ وِهندا تہ توهين محسوس ڪندا تہ توهانجو من اِستر ٿي ويندو، ناڙيون شانت ٿي ويندِيون ۽ هردي جي ڌڙڪڻ به ڪافي گهٽ ٿي وينديِ.

[ 87 ]

جيڪو منش ڀڳتي ڀاو ۾ رهي ٿو، اُنهيءَ جا سڀ ڏپ دوُر ٿي وڃن ٿا، چاهي هوُ ڪيترو بہ گنهگار ڇونہ هجي.

[ 88 ]

نام جو سمرن ۽ ڌيان، آتما جو ڀوڄن آهي، آتما کي پنهنجو ڀوڄن ضرور ڏيڻ گهرجي. جهڙيءَ طرح گهر ۾ يا ٻاهر توهين سرير کي نيمائتي خوراڪ ڏيو ٿا، اهڙيءَ طرح آتما کي بہ پنهنجي خوراڪ ضرور ڏيو، ڪڏهن بہ لاپرواهي نہ ڪريو.

[ 89 ]

جيترا سوان، اوترا دک، جيترا ڀوڳ، اوتريون بيماريون، جيترا عيش عشرت، محفلون اوتريون چنتائون. جيڪي ڀڄن ڪندا آهن، اُنهن جي دل ۾ ڀڳتي، پريم، دينتا ۽ شانتي هوندِي آهي.

[ 90 ]

ٽئين تِل تي ڌيان رهڻ بعد گروءَ سان پريم ڀريون ڳالهيون ٿينديون آهن. ڌيان جي ايڪاگرتا ٿئي ٿي. گِهنڊ جي ڌُن ٻُڌڻ ۾ اچي ٿي. اُها اوستا نهايت انوکي آهي. جنهنجو هيءَ زبان بيان نٿي ڪري سگهي.

[ 91 ]

جيڪو منش سمرن جي سهائتا سان مٿي وڃي، اندر جا پٽ نٿو کولي، اُهو هڪ حيوان برابر آهي.

[ 92 ]

پريم ڪرڻ سان هِردو، ڌيان ڪرڻ سان اکيون ۽ شبد ٻُڌڻ سان ڪن نرمل ٿين ٿا.

[ 93 ]

دل هميشهه گروءَ جي پريم سان ڀرپور رهڻ گهرجي. من ۾ اينتري شڪتي ۽ دليري هئڻ گهرجي، جو سڄي دنيا جو راڄ به ملي وڃي يا کسجي وڃي، تنهن هوندي به من ڏولائمان نه ٿئي.

[ 94 ]

به ڳالهيون نهايت ضروري آهن: هڪ وِرهه، پريم ۽ شوق، ٻي محنت. جيڪڏهن محنت آهي پريم نه آهي، يا پريم آهي پر محنت نه، ته پوءِ مقصد پورو نه ٿيندو.

[ 95 ]

جيڪڏهن پريم آهي ته پوءِ جيترا به جپ تپ، دان پنج، منتر مورتون، تيرٿ، ويد شاسترن جو پڙهڻ ۽ پڙهائڻ وغيره جهڙيون ڪريائون سڀ پريم تان قربان ڪري سگهجن ٿيون. اِنهن مان ڪابه ڪِريا پريم جي برابرِي نٿي ڪري سگهي.

[ 96 ]

جهڙيءَ طرح پرڪاش ۽ اونداهه هڪ جڳهه تي گڏ نٿا رهي سگهن، اهڙيءَ طرح ڪام ۽ پرماتما جو پريم، ٻئي هڪ دل ۾ نٿا رهي سگهن.

[ 97 ]

شبد ئي سيني جو سار آهي. شبد ئي گيان آهي، شبد ئي سچ آهي. شبد، لڳاتار ڪوشش، پريم ۽ وشواس ذريعي پراپت ڪري سگهجي ٿو. اِهو نه ڳُهڻ سان ملي سگهي ٿو ۽ نه ڏن سان خريد ڪري سگهجي ٿو. نِسوارٿ پوتر پريم ئي شبد جي قيمت آهي.

[ 98 ]

جڏهن گروءَ جي پريم جو رنگ چڙهي ٿو، تڏهن زبان بند ٿي وڃي ٿي. ٻاهريون اکيون بند ٿي وڃن ٿيون، من شانت ۽ اِستر ٿي وڃي ٿو، آتما گروءَ جي

چرنن ۾ ليِن ٿِيَ وڃي، ٿي، پر رنگ چڙهائڻ لاءِ
ڪپڙي جو صاف هئڻ ضروري آهي.

[ 99 ]

پريمي، پريم مارگ تي هلندي، هڪ منٽ به
آرام نٿو ڪري سگهي. اِنهيءَ بيچينيءَ يا بي آراميءَ
۾ جيڪا خوشي يا شانتي آهي، اُنهيءَ جي ڄاڻ صرف
پريم مارگ جي پياري يا گرمک کي ٿي سگهي ٿي،
منمک کي نه.

[ 100 ]

اي منش! سندر يا خوبصورت سرير پنهنجو آهي
يا ڪنهن ٻئي جو، اِنهن سيني پرمن ۾ نه رهه. شڪل
گوري هجي يا ڪاري، اِهي سڀ مٽيءَ جون مورتون
آهن. سرير جو خيال نه ڪر. سرير ته هڪ پوشاڪ يا ڪپڙو
آهي، جيڪو هتي ئي مليو آهي ۽ هتي ئي ڇڏي وڃڻو
آهي. تون اُچ پريم پيدا ڪر، اِلاهي عشق پيدا ڪر.

[ 101 ]

جهڙيءَ طرح مڇيءَ جو پاڻيءَ سان پيار آهي.
مڇي پاڻيءَ مان نڪرندي ئي، تڙڦندي مري وڃي ٿي.
چاترڪ سُوانتي بوند جو عاشق آهي. نديون، ڪوهه،
تلاو، پاڻيءَ سان ڪيترا به ڀريل هجن، هُو اُڃ ۾ مري

ويندو پر اُنهن جو پاڻي ڪڏهن به نه پيئندو، اهڙيءَ طرح گروءَ جي شش جو به اِهوئي ڌرم آهي ته هوُ هِن ناسونت دنيا ۽ اُنهيءَ جي پدارٿ سان پيار نه ڪري، صرف پنهنجي گروءَ سان ئي پريم ڪري. جڏهن شش جو، پنهنجي گروءَ سان پوريءَ طرح پريم ٿي ويندو، تڏهن منجو پردو کُلندو، آتما روحاني منڊلن ۾ ويندي، نه ته بيءَ حالت ۾ نه. پر شش چاهي ٿو ته ڳالهين ڪرڻ سان ئي پردو کُلي وڃي. اِهو ناممڪن آهي.

## [ 102 ]

جيسين اندر پردو نٿو کُلي، تيسين گروءَ سان پوري طرح پريم ۽ پوُرو ڀروسو نٿو ٿئي. پر جيڪڏهن گروءَ سان پريم ٿي وڃي ٿو ته شش سون سمان ٿي وڃي ٿو.

## [ 103 ]

اپياسيءَ کي جُڳائي ته هوُ پريم پيار سان محنت ڪري اندر پردو کولي، روحاني منزلن ڏانهن وڃي. هيءُ پريم جو مضمون آهي، جان قربان ڪرڻ جو مارگ آهي. اِهو انمول پدارٿ ڳالهين ڪرڻ سان نٿو ملي، بلڪ قربانيءَ سان پراپت ٿئي ٿو. اِنهيءَ لاءِ محنت ۽ قربانيءَ جي ضرورت آهي.

## [ 104 ]

جيڪي منش سنساري سُکن ۾ لين آهن، اُنهنجو جسم ۽ جسماني پيار رشتيدارن جي موهہ روپي مَئِل سان پريل آهي. اُنهنجو پيار، اُنهن ۾ پوتر پريم جي لگن نٿو پيدا ڪري سگهي. اِها موهہ روپي گندي پريت اسان تي پنهنجو اهڙو ئي اثر پيدا ڪندي، اُنهنجي دنيوي رنگ ۾ رڱيل پريت، اسان تي دنيا جو رنگ چاڙهي سگهي ٿي، مالڪ جو رنگ ڪڏهن بہ نہ. سنتن جي اندر پرماتما جو پوتر پريم هوندو آهي. جيڪڏهن اسين اُنهن سان پيار ڪنداسين تہ اسانجي اندر بہ پرماتما جو پوتر پريم جاڳرت ٿيندو.

## [ 105 ]

جهڙيءَ طرح ڪو ڏاتو جيسين پوريءَ طرح نہ ڳاريو ويندو آهي، تيسين اُهو سانچي ۾ وجهڻ لائق نہ هوندو آهي. اهڙيءَ طرح جيسين شش جي اندر پوُري وِرهہ - تڙف، پورو پريم - پيار پيدا نہ ٿيو آهي، تيسين ستگرو هنجو پردو نٿو کولي.

## [ 106 ]

سچو سنسار دُکي آهي. سُک جي پراپتيءَ لاءِ اُپاءُ ڪري رهيو آهي. پر ڪنهنکي بہ سُک جي پراپتيءَ جو

صحيح طريقو حاصل نہ ٿيو. سُک جي پراپتيءَ جو صحيح اُپاءُ سنتن وٽ آهي، پر منش ڳولهي ٿو منډرن، مسجدن ۽ مورتن ۾. سُک هنجي اندر آهي، پر ڳولهي ٿو ٻاهر، ملي نہ ڪيئن ملي.

[ 107 ]

اصلي روحاني مارگ، منش جي اندر آهي، پر ڪال ٻاهر ٿي ٻاهر، ڪنهنڪي جپ ۾ نہ ڪنهنڪي تپ ۾ لڳائي ڇڏيو آهي. ڪو ڪِليُن تي سُمهي ٿو تہ ڪو سُمهي ئي نٿو. ڪو پاڻيءَ ۾ بيٺو آهي تہ ڪو ڏوُٽي ڏکائي ويٺو آهي. ڪو چئني طرف چار اگنيون، پنجون سج، پنجن اگنين ۾ جلي رهيو آهي. اُنهيءَ ڪان وچي پُڇو، اي نيڪ اِنسان! تنهنجي اندر ئي پنج اگنيون آهن، ڪام، ڪروڌ، لوڀ، موهہ ۽ اهنڪار، جنهن ۾ سڄو سنسار جلي رهيو آهي. پهرين اُنهن کان بچڻ جو اُپاءُ تہ ڪر. سڄي دنيا ڀُليل آهي.

[ 108 ]

جيڪي مهاتما اسانجي زماني کان گهڻو اڳ گذري چڪا آهن، اُهي جيتوڻيڪ پنهنجي وقت ۾ پوُرن مهاتما هئا، پر اُهي اسانکي هينئر ڪوبہ فائدو نٿا ڏيئي سگهن. سنسار جي اِهائي هڪ وڏي ڀُل آهي

سڀ گذريل وقت جي مهاتمائن جي ٽيڪ وٺي، زنده ستگروءَ جي کوج ڪئي نٿا ڪن.

[ 109 ]

آتما من ذريعي گُمراه آهي، من اِندرين ذريعي ۽ اِندريون وشئه ڀوڳن ذريعي گُمراه آهن. وشئه وڪار اِندرين کي وس ۾ رکن ٿا، اِندرين من کي ۽ من آتما کي وس ۾ رکيو آهي. اهڙيءَ طرح اِهو سلسلو اُلٽو ٿي ويو آهي. گهرجي ته اِئين گُهرجندو هو ته من اِندرين کي وس ۾ رکي ها ۽ آتما من کي. پر ڪيتري نه افسوس جي ڳالهه آهي ته آتما جيڪا سچکنڊ جي رهواسي ۽ ستنام جي راجڪماري آهي، اُها اِندرين جي داسي بڻجي، نهايت بُريءَ طرح ماياوي وشئه واسنا ۾ ڦاسجي ويئي آهي.

[ 110 ]

من، سيني دشمنن کان وڌيڪ طاقتور، چالاڪ ۽ دوکيباز دشمن آهي. من جي دوکن کان خبردار رهو. من جا غلام نه بڻجو. من کي هميشه گروءَ جي حڪم اندر رکڻ جي ڪوشش ڪريو، توهين من جي مٿان جيتري چوڪيداري ڪندا، اوترو ئي وڌيڪ روحاني اڀياس ۾ اندر ترقي ڪندا.

## [ 111 ]

من گندو آهي، بي ايمان آهي، اسانجو دشمن آهي، اسانکي انترمک تيڻ نٿو ڏئي. اسين من سان پيار ڪري رهيا آهيون. جيڪو دشمن سان پيار ڪندو، اُهو سُکي ڪيئن ٿو ٿي سگهي.

## [ 112 ]

جيسين من، اندر روحاني رس جو سواد پراپت نہ ڪيو آهي، تيسين اِنهيءَ جهڙو ڪو دشمن ئي نہ آهي. پر جڏهن من روحاني رس چکي ٿو، تڏهن اِنهيءَ جهڙو ڪو وفادار نؤڪر ئي نہ آهي.

## [ 113 ]

جهنگلي جانور بہ اِستر من اگيان شانت ٿي وڃن ٿا.

## [ 114 ]

من اسانجو دشمن آهي. من هميشهہ ڪنهن نہ ڪنهن بهاني اسانکي پنهنجي مارگ کان گمراهہ ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو رهي ٿو، من جي خلاف هرحالت ۾ جهدوجهد جاري رکڻ گهرجي.

## [ 115 ]

آتما من جي وس ۾ اچي ويئي آهي. اسان تي اِندرين جي مَئِل چڙهيل آهي. جهڙي طرح شرابي نشي

جي مدهوشيءَ ۾ ڪنهن جي بہ ڳالھہ نہ ٻڌندو آهي، اهڙيءَ طرح اسين بہ دنيوي نشي جي زير اثر مهاتمائن جي ڳالھہ نٿا ٻڌون. اهڙيءَ حالت ۾ مالڪ سان ميلاپ ڪيئن ٿي سگھندو.

[ 116 ]

سنت مت ۾ ناڪاميابيءَ جي نالي جي ڪا ڳالھہ ئي نہ آهي. اُها آتما، جيڪا شبد - ڌُن سان پنهنجو سنبنڌ جوڙي رکي ٿي، اُها اوير سوير پنهنجي گھر ضرور پهچندي.

[ 117 ]

ڪنهن بہ آتما کي مٿي وٺي وڃڻ، گروءَ لاءِ مشڪل نہ آهي، پر پوُري پڪڻ کانسواءِ اُنهيءَ آتما کي مٿي وٺي وڃڻ ۾ نقصان ٿئي ٿو. ڪنڊن واري جھاڙيءَ تي ڦهليل ريشمي ڪپڙي کي يڪدم ڇڪيو ويندو تہ اُهو ڦاٽي ٽڪرا - ٽڪرا ٿي ويندو. اِنهيءَ ڪري ڪرمن روپي ڪنڊن ۾ ڦاٿل ۽ سرير جي روم روم ۾ ڦهليل آتما کي، گروءَ جي پريم سان ڌيري ڌيري نرمل ڪرڻ گھرجي. گروءَ جي ديا سان آتما اُنهن ڪنڊن روپي ڪرمن کان مڪت ٿي وڃي ٿي ۽ ڌيري ڌيري سرير جي روم روم کان الڳ ٿئي ٿي.

[ 118 ]

افسوس! هيءَ مالڪ جي انس آتما، سچي سنسار ڪان اُتم، ڪهڙي نہ اؤکي گهاٽيءَ ۾ ڦاٿي پيئي آهي. ڪٿي پرماتما، سٺپرڪ جي انس هيءَ آتما، امر- اي - ربي، جنهنکي سٺپرڪ جي پياري بڻجڻو هو، سٺپرڪ ۾ سمائجي سٺپرڪ بڻجڻ گُهرجندو هو، اڄ اُها ڀٽڪي رهي آهي.

[ 119 ]

شبد - ڌُن چقمق ءِ انگر آتما تي اثر ڪري ٿي. هيءَ آتما کي پاڻ ڏانهن ڪئنچي ٿي ۽ جيڪڏهن آتما تي من ۽ مايا روُپي ڪٽُ چڙهيل نہ آهي تہ پوءِ آتما بندوق جي گوليءَ وانگر هڪ ڪن ۾ مٿي اُڏامنديِ وڃي ٿي. موهہ ۽ سنسڪار جي ڪٽ ڀڃڻ - سمرن ذريعي ئي دوُر ڪئي وڃي ٿي.

[ 120 ]

اهڙيون ڪيتريون ئي آتمائون آهن جنکي نام جي بخشيش تہ ٿي آهي، پر نام جي ڪمائي نٿيون ڪن. اُنهن کي من اندر وڃڻ ئي نٿو ڏئي. اُهي باهر ئي هاءِ هاءِ ڪنديون رهن ٿيون. ويچار ڪريو، جڏهن توهين دنيوي ڪم ڪريو ٿا، پيٽ لاءِ رات جو وقت - بي - وقت جاڳندا رهو ٿا، توهان جي سامهون بيهو ٿا.

چا پڇڻ ٿي اينرو مشڪل آهي، جيڪو نٿو ٿي سگهي؟ دراصل ڳالھ اِها آهي تہ من توهانجو دشمن آهي، جيڪو توهانڪي پڇڻ ڪرڻ نٿو ڏئي. پر جيڪڏهن ڪو منش دشمن جي چوڻ مطابق ڪندو رهي تہ چا دشمن کيس زندھ رهڻ ڏيندو؟ هرگز نہ.

[ 121 ]

جڏهن آتما هن سنسار ۾ سرير ڌارڻ ڪري ايندي آهي تڏهن اُنهيءَ کي اسين جنم وٺڻ چوندا آهيون. پر دراصل اُها آتما، اِستول سرير روپي قبر ۾ قيد ٿي ويندي آهي. اِنهيءَ ڪري اِهو چوڻ مناسب ٿيندو تہ اِهو دراصل آتما جو موت آهي. جڏهن جيو آتما سنتن جي سنگت صحبت ۾ اچي، نام پراپت ڪري، نام سان رشتو جوڙي ٿي، تڏهن اِستول سرير روپي قبر مان نڪري ٿي. اِنهيءَ وقت چوڻ مناسب ٿيندو تہ هينئر آتما جو جنم يا پُنر جنم ٿيو آهي. نامدان جي بخشيش ملڻ جو ڏينهن ئي هنجي جنم جو ڏينهن آهي.

[ 122 ]

منش، جيڪو من ۽ آتما ذريعي هلي رهيو آهي، اُهو ڪرم ڪرڻ بنا رهي نہ سگهندو ۽ ڪرمن جو قانون ”جهڙو پوکيندا سين اهڙو لڻندا سين“ هميشھ منش سان لاڳو رهي

ٿو. منش جيترا گهٽا ڪرم ڪري ٿو، اوترو ئي وڌيڪ سنسار روپي ڄار ۾ ڦاسجي وڃي ٿو. جهڙيءَ طرح ڪو پکي ڄار مان نڪرڻ جي ڪشمڪش ۾ وڌيڪ ڦاسجندو ويندو آهي.

[ 123 ]

دنيوي ڪم ڪندي پنهنجو اصلي ڪم ڀڄن - سمرن بہ ڪندا رهو، جيڪو اسان سان گڏ هلندو. ڀڄن ڪانسواءِ دنيا جا ٻيا جيترا بہ ڪم ڪندا، اُهي هتي ئي رهجي ويندا.

[ 124 ]

گروءَ جي ڀڳتيءَ ڪانسواءِ باقي سڀ ڪرم، جنم-مرڻ جو ڪارڻ آهن، آواگون جو ڪارڻ آهن.

[ 125 ]

بيماري بُرن ڪرمن سبب ٿئي ٿي. اسانکي خوش ٿيڻ گهرجي تہ بيماريءَ ذريعي بُرا ڪرم ڪٽجي رهيا آهن. بيماري ڪرمن جي بوج کي هلڪو ڪري ٿي ۽ قرض چڪائڻ ۾ مدد ڪري ٿي.

[ 126 ]

سنتن انوسار پنج ۽ پاپ ٻئي تياڳڻ گهرجن. چاڪاڻ تہ پنج ۽ پاپ آتما کي هن سنسار ۾ قيد رکڻ

جو باعث آهن. ٻئي ڪال جي اُنهيءَ يوجنا جو حصو آهن. ڪال اِها يوجنا آتما کي هِنَ سنسار ۾ ڦاسائي رکڻ لاءِ ٺاهي رکي آهي.

## [ 127 ]

دنيوي ترقي ۽ واپار ۾ نفعو ۽ نقصان، اسانجن ڪرمن انوسار ٿئي ٿو. جنم وٺڻ کان اڳ ۾ ئي اسانجي زندگيءَ جي راهه مقرر ڪئي وڃي ٿي. اسانکي ڪيترا سواس کڻڻا آهن، ڪيترا گِرهه کائڻا آهن، ڪيترا قدم هلڻا آهن، اسانجو دک ۽ سک، اميري ۽ غريبي، ڪاميابي ۽ ناڪاميابي، اِهي سڀ پهرين ئي مقرر ٿيل آهن. پرالبڌ نهايت بلوان آهي، اُها ڀوڳڻي ئي پوي ٿي. اِنهيءَ کان بچڻ جو ٻيو ڪوبه اُپاءُ نہ آهي. پر ڀڄن سمرن ذريعي، آتم شڪتي ايتري پربل ٿئي ٿي، جو ستسنگي پنهنجي پرالبڌ جي سٺي يا بري اثر کي محسوس ئي نٿو ڪري.

## [ 128 ]

دنيوي پدارٿن جو موهه ئي اسانکي بار بار هِن دنيا ۾ آڻي ٿو ۽ جنم مرڻ جي چڪر ۾ ڦاسائي ٿو. سنسار ۾ رهي، سنسار کان نيارا رهو. پنهنجا سڀ ڪم نرموهي ٿي ڪريو.

[ 129 ]

ڌرماتما، ڌارمڪ ۽ نيڪ ويچارن وارو ٽيڻ هڪ ڳالھ آهي، پر گروءَ جو ميلاپ هڪ بلڪل علحدي ڳالھ آهي. اِنهن ٻنهي جي ڀاڱي ۾ ڪابہ برابري نٿي ڪري سگهجي. ڌرماتما ۽ نيڪ ويچار وارن اِنسانن کي پنهنجي ڪرمن جو ڦل ملي ٿو. پر اُنهيءَ ڦل کي ماڻڻ لاءِ اُنهن کي هِن سنسار ۾ واپس اچڻو پوي ٿو.

[ 130 ]

ماس، انڊا ۽ شراب، زهر آهن. اِنهيءَ ڪري جيڪي بہ منش اِنهن شين جو اِستعمال ڪن ٿا، اُنهن کي اِنهيءَ جو برو ڦل ڀوڳڻو پوي ٿو. ايپاس ذريعي اندر وڃي، خود ڏسو تہ اهڙين شين جي اِستعمال ڪندڙن کي ڪيترا نہ ڪشٽ سهڻ ڪرڻا پون ٿا. اُهي چاهي ستسنگي هجن يا غير ستسنگي.

[ 131 ]

ماس منش کي ڪٺور ۽ نِردئي بڻائي ٿو، تنهن ڪري هنجو ٻين جيو آتمائن سان وهنوار بہ نهايت ڪٺور رهي ٿو. ماس ديا ۽ همدرديءَ جي ڀاونائن کي ختم ڪري ٿو. روحاني ترقيءَ ۾ رڪاوٽ وجهي ٿو.

[ 132 ]

جيڪو جگياسو پرماتما ساڻ پيار ڪري ٿو، ملڻ چاهي ٿو، اُنهيءَ کي ڪڏهن به ڪنهن جيوَ جي هتيا نہ ڪرڻ گهرجي. جانورن جي ماس کائڻ سان منش حيواني درجي ۾ اچي سگهي ٿو. اُهو منش جانور جهڙو ئي بڻجي وڃي ٿو.

[ 133 ]

مان اِهو چوڻ چاهيان ٿو تہ ماس وغيرهہ جي يوجن جي هڪ ڳرهہ کائڻ سان بہ روحاني ترقيءَ ۾ رڪاوٽ اچي ٿي. کائڻ جي تہ ڳالهہ ئي ڇڏيو. جيڪي جانورن کي مارڻ ۾ مدد ڪن ٿا، اُهي بہ گنهگار آهن. توهان جو چوڻ آهي تہ انڊا کائڻ ايترو خراب نہ آهن، جيترو بين جي دل ڏکوئڻ. ٻئي ڪرم برا آهن. پر هڪ ٽٽل دل کي، پريم ذريعي وري بہ جوڙي سگهجي ٿو. پر جنهن جانور کي ماريو ويو آهي، اُنهيءَ کي وري زندهہ نٿو ڪري سگهجي.

[ 134 ]

جيڪڏهن اسين ستگروءَ جي پاٽي ۾ پنا رهنداسين تہ اسانکي ڪوبہ دک محسوس نہ ٿيندو. جيڪڏهن بار گم ٿي وڃي يا ڌن ويندو رهي تہ بہ

ستگروءَ جو پاٺو. ارٿ اِهو آهي تہ جيڪڏهن ستگرو اسانکي بيمار رکي تہ بہ سندس مرضي، تندرست رکي تہ بہ اُنهيءَ جي موّج.

[ 135 ]

اُتم کان اُتم پڇن سمرن، اوُچي کان اوُچي رهڻي، اِنهيءَ کان وڌيڪ ٻي وڏِي ديا مهر ڪهڙِي ٿِي سگهي ٿِي؟ اسين هنجي حڪم ۾ رهي پڇن سمرن ڪريون. در در جو ٻڪارِي بڻائي يا راڄ ڪرائي، امير ڪري يا غريب، تنهن هوندي بہ پڇن کي نہ ڇڏيون. هن جي رضا ۾ راضِي رهون. هنجي موّج ۾ خوش رهون. جڏهن اهڙِي اوسٿا ايندِي تہ پوءِ ڪوبہ دک نہ رهندو.

[ 136 ]

وڏِي ڳالهہ تہ اِهائي آهي تہ گروءَ جي حڪم ۽ من جي حڪم کي پنهنجي سامهون رکو. اُنهيءَ بعد ڏسو تہ من ڪيڏانهن وچي رهيو آهي. جيڪڏهن گروءَ جي حڪم تي اٽل رهيا تہ سمجهو من کي جيتيو. جيڪڏهن من جي وس ۾ آيا تہ پوءِ سمجهو هارائجي ويا. پر اِهو چوڻ نهايت آسان آهي. هر روز من جي ويچارن ڏانهن ڌيان ڏيندا رهو. جيڪو منش من جي چوڪيدارِي ڪري ٿو، اُهو مهاتما بڻجي ٿو.

[ 137 ]

پڄڻ سمرن ڪيترو بہ تورو هجي، پر گروءَ لاءِ پورو پريم هئڻ ضروري آهي. شش کي کپائي تہ هو پنهنجو پاڻ کي ستگروءَ جي حوالي ڪري. جيڪو بہ حڪم ڏئي، اُنهيءَ جي پوريءَ طرح بجاوري ڪري. من کي اُنهيءَ ۾ ڪوبہ دخل ڏيڻ نہ گهرجي.

[ 138 ]

شش ستگروءَ جي رضا اڳيان پنهنجو سِرُ اهڙيءَ طرح جهڪائيندو آهي، جهڙيءَ طرح هڪ مُردو، مِٽيءَ جي ڍير وانگر سنان ڪرائڻ واري جي اڳيان هوندو آهي.

[ 139 ]

لالچي منش ترشنا سبب ڪمايل دؤلت مان نہ خود سُک وٺي ٿو ۽ نہ ئي اُنهيءَ کي تياڳ ڪري، ترپت ٿي سگهي ٿو. هو ترشنا روپي گپت اگنيءَ ۾ جلندو رهي ٿو.

[ 140 ]

محنت سان ڪمايل ڌن مان، خريد ڪيل پاڪ ۽ اناج سان ساتوڪ ڀوڄن تيار ڪرڻ گهرجي. ڀوڄن

ٿاهيندڙ بہ ساتوڪ سُياو وارو هجي. ساتوڪ سُياو جو اثر يوچن تي ۽ ڪائيندڙ تي بہ پوي ٿو. ساتوڪ يوچن ڪائڻ سان من شانت رهندو ۽ ڌيان مالڪ جي ياد ۾ لڳندو.

[ 141 ]

ڪوڙا وچن سيني ڪان بُرا آهن. اِنهيءَ سبب سوين لڙايون ۽ جهڳڙا ٿيا آهن. ڪو وِرلو گرمک ئي ڪوڙا وچن ٻڌِي، برداشت ڪري سگهي ٿو.

ڪبير صاحب جن فرمائين ٿا:

”بول، ڪُبول ساڌو سهي، اور سي سها نہ جايہ.“

گرمک جا وچن امرت ڌارا وانگر سيتل ۽ مُتاثر ڪندڙ هوندا آهن.

[ 142]

اسانڪي پنهنجيءَ روحاني شڪتيءَ کي وريِ جاڳرت ڪرڻو آهي. جيئن اسين پنهنجي من ۽ سرير تي ضابطو رکي سگهون. جڏهن اسين من کان ڪم وٺڻ چاهيون، تڏهن من کي ڪم ڪرڻ گهرجي ۽ جڏهن اِنهيءَ کي اِستر رکڻ چاهيون، تڏهن اِنهيءَ کي اِستر رهڻ گهرجي. جڏهن اسين هن سنسار ۾ دنيوِي ڪم ڪرڻ چاهيون تہ اسانجو ڌيان هن سرير ۾ واپس اچڻ گهرجي، جڏهن اسين مٿين روحاني منڊلن ۾ وڃڻ چاهيون، تڏهن ڌيان هن سرير مان سميٽجي مٿي وڃڻ گهرجي.

## [ 143 ]

اِڇا ئي دک جو ڪارڻ آهي. دراصل اُهوئي منش مُفلس آهي، جنهنجي اندر اٿپوريون اِڇائون مؤجود آهن. جنڪو اِڇائن کان آجو آهي، اُهوئي سيني کان ڏنوان آهي.

## [ 144 ]

هيءُ سنسار مايا موهہ سان پرپور هڪ اهڙي گهاٽي جهنگل وانگر آهي، جتي سڀ پنهنجي پنهنجي راهہ ڀُلجي ويا آهن. بي مقصد، جنمن جنمن کان لڳاتار ڪام، ڪروڌ، لوڀ، موهہ ۽ اهنڪار روپي ڌاڙن دواران ڏُکي ٿي، ڀٽڪي رهيا آهن.

## [ 145 ]

پنهنجيءَ هستيءَ کي مالڪ کان الڳ سمجهڻ ئي اِنسان جي هؤمي آهي.

## [ 146 ]

مالڪ جو ڀڳت هميشهہ حق حلال جي ڪمائي ڪري پوجن ڪائي ٿو. غلط طريقن سان ڪمايل ڌن وارو پوجن، من کي اَپوتر بڻائي ٿو ۽ ابياس ۾ بہ ڪيتريون رُڪاوٽون وجهي ٿو.

[ 147 ]

سڀ منش روحاني طور هڪ ئي آهن. ڪابہ شڪتي الڳ نٿي ڪري سگهي. ڌارمڪ ريتين رواجن وغيرہ ۾ فرق آهي، پر مُول سڪيائون سڀني جون ساڳيون آهن.

[ 148 ]

جيڪڏهن لوهہ ئي کوٽو آهي تہ پارس ڇاٽو ڪري سگهي؟ اهڙيءَ طرح جيڪڏهن شش جو هردو ئي اَپوتر آهي تہ گرو ڇا ڏئي؟

[ 149 ]

ڪوبہ منش هڪ قوم جو هجي يا ٻيءَ جو، هڪ ديس جو هجي يا ٻئي جو، سڀ هڪ ئي مالڪ جا بندا آهن ۽ هڪ ئي گلستان جا رنگ برنگي گُل آهن.

[ 150 ]

ڪال جو مطلب، وقت يا موت نہ آهي. ڪال هڪ اُها شڪتي آهي، جيڪا ترلوڪيءَ جو پربنڌ ڪري رهي آهي ۽ اِها شڪتي ستپرک جي ماتحت آهي.

[ 151 ]

منش راتيون جاڳي سگهي ٿو، بندوق جي گوليءَ جي سامهون بيهي سگهي ٿو. ساڳيءَ طرح گهٽ کائڻ ۽

گهٽ سمهڻ بہ سؤکو آهي، پر شرن ۾ اچڻ، نهايت مشڪل ڳالهہ آهي.

[ 152 ]

اندر وڃڻ لاءِ ب تہ ڇا، الف جي بہ ضرورت نہ آهي. بلڪ مان تہ اِهو چوندس تہ عالم فاضل ايترو جلدي اندر نٿا وڃي سگهن، جيترو جلدي اڻپڙهيل اندر وڃي سگهن ٿا. منهنجو انيڀؤ آهي تہ جڏهن هڪ اڻپڙهيل کي توَج ڏني تہ سندس خيال جلدي ئي اندر هلي ويو.

[ 153 ]

ڪنهنجي دل ڏکوئڻ مها پاپ آهي. هڪ مسلمان فقير پنهنجي شش کي چوي ٿو، ”شراب پيئڻ پاپ آهي، پر مان توکي اُهو بخشي ڇڏيندس. ڪعبي کي جلائڻ پاپ آهي، پر اِهو بہ توکي معاف ڪري ڇڏيندس. پر جيڪڏهن ڪنهنجي دل ڏکوئيندين تہ اِهو توکي هرگز معاف نہ ڪندس.“

[ 154 ]

هرهڪ منش جيڪو ڪنهن نہ ڪنهن مذهب موجب، پنهنجو نت نيم چڱيءَ طرح ڪندو رهي ٿو؛ چوي ٿو تہ مون ڳُرمت اختيار ڪيو آهي. پر اِهو ڳرمت

نہ آهي. جڏهن من ۽ آتما نام جا عاشق بڻجن ٿا، نون دوارن کي ڇڏين ٿا، ٻنهي اکين تائين سرير مان نڪري مٿي وڃن ٿا، تڏهن اندر ستگروءَ جو درشن ٿئي ٿو. اُنهيءَ بعد ستگروءَ سان گڏ ترِيا پد ۾ پهچن ٿا، تڏهن اُنهيءَ اِستان تي معلوم ٿئي ٿو تہ گُرمت ڇا آهي.

[ 155 ]

هڪ ستسنگي: سچي پاتشاهہ! حضور جن جي فوٽي جي ڌيان ڪرڻ ۾ ڪجهہ نقصان تہ نہ آهي؟

مهاراج جي: جيڪي منش مورتيءَ جو ڌيان ڪن ٿا، اُنهن کي نقصان ٿئي ٿو. جيڪڏهن مورتيءَ جو ئي ڌيان ڪرڻو آهي تہ پوءِ ڪنهن گذريل مهاتما جي مورتيءَ جو ڌيان ڇونہ ڪيو وڃي. هميشهہ سروپ جو ڌيان ڪريو.

[ 156 ]

جيڪڏهن ڪو منش گروءَ جي نندا ڪري تہ توهين اُتان اُٿي هليا وڃو. باقي رهي پنهنجي نِندا يا ساراهہ. توهين نہ نندا ۾ ناراض ٿيو ۽ نہ ئي ساراهہ ۾ خوش.

[ 157 ]

اندريون روحاني آنند نہ خريد ڪري سگهجي ٿو ۽ نہ ئي گُهرڻ سان پراپت ٿي سگهي ٿو. محنت ڪريو،

پنهنجي خيال کي سميٽي مٿي وڃو، توهانکي اُهو روحاني آنند پراپت ٿيندو.

[ 158 ]

سچي آنند جو ڀنڊار منش جي اندر ئي آهي.

[ 159 ]

جڏهن اگيان جي پردي کي دُور ڪري، مٿين منڊلن ۾ پهچندا، تڏهن هيءُ سنساري سُک، اُتي جي آنند جي مشابهت ۾ نهايت تُڇ ۽ بي رس مَعلوم ٿيندو.

[ 160 ]

دنيا جا ڪافي تعداد ۾ ماڻهو روحاني راهہ تي هلڻ چاهين ٿا، پر اُهي لوڪ - لاج ۽ دنيوي جهجهڪ سبب مهاتمائن وٽ نٿا وڃن، اُنهن جو ستسنگ نٿا ٻڌن. اِنهيءَ جو مطلب اِهو آهي تہ اهڙن ماڻهن جي نظر ۾ دنيا وڏي آهي. پرمارٿ، ستگرو ۽ پرميشور ننڍا آهن.

[ 161 ]

اِنسان ڪمزورين سان ڀريل آهي. اِنهن ڪمزورين جي ڄاڻ تڏهن ٿي ٿئي، جڏهن سُرت شبد يوگ جو اڀياس ڪرڻ شروع ڪيو وڃي ٿو. انهيءَ بعد ڪمزوريون ڪينرن ئي روپن ۾ سامهون اچڻ شروع ٿين ٿيون ۽

ايڪاگرتا ۾ رُڪاوٽ وجهن ٿيون. پر گُروءَ جي سهائتا ۽ نام جي شڪتيءَ سان، جيئن جيئن چيتن ڌارا سرير مان سميٽجي، ٽئين تل ڏانهن وڃي ٿي، ستسنگي پنهنجيءَ هرهڪ ڪمزوريءَ تي ڪاميابي حاصل ڪندو وڃي ٿو. اهڙيءَ طرح منش سُڀاو جي ڪمزوري، شڪتيءَ جي روپ ۾ تبديل ٿيندي وڃي ٿي. جڏهن اِندرين جي مرڪز کان ڌيان دور ٿئي ٿو، تڏهن اِندرين جو هن ماياوي سنسار ۾ بي اختيار ڀٽڪڻ بند ٿي وڃي ٿو. اِندريون وس ۾ اچي وڃن ٿيون.

[ 162 ]

سنتن کي معلوم آهي تہ منش جو سُڀاو نِربل آهي، تنهن ڪري هو ڏيري ڏيري پلوان بڻائين ٿا. سنت پهرين جگياسُن کي نام سان جوڙڻ لاءِ نام جي بخشيش ڏِين ٿا. اهڙيءَ طرح اندر نام جي هڪ ننڍي چڻنگ جاڳرت ڪري، ڪجهہ توج ڏين ٿا. وقت گذرندو وڃي ٿو. ڪجهہ نوڪرن (بيماريِ، پروار ۾ موٽ، ڌن جي ڪمي، نرادر وغيرهہ) ڪائڻ سبب، ڪجهہ عمر گذرڻ سبب، ڪجهہ ستسنگ ذريعي، ڪجهہ پرالبڌ ڪرمن جي ڀوڳڻ سبب ۽ ڪجهہ نام ڀڳتيءَ سان اُنهن جگياسن جي ڌيان جو ڏيري ڏيري سمتاءُ ٿيندو وڃي ٿو. اهڙيءَ

طرح هوُ اڪثر پنهنجي زندگيءَ جي آخري وقت تائين
متي وڃڻ جي قابل بڻجي وڃن ٿا ۽ ناٿ سان مُڃڻن ٿا.

[ 163 ]

روُح روُپي طوطو، سرير روُپي پڃري ۾ ويهي،
سنساري ٻوليون ٻولي ٿو. جڏهن هوُ اندر ڌيان ايڪاگر
ڪندو، تڏهن اندر امرت روُپي ورکا ٿيندي. جڏهن
هوُ اُهو امرت پيئندو، تڏهن من ۽ اِندريون وس ۾
اچي وينديون. پڃرو ختم ٿي ويندو ۽ طوطو هميشه
لاءِ مُڪت ٿي ويندو.

[ 164 ]

نيڪ پاڪ اخلاق ئي روحاني محل جو بنياد آهي.
جيسين اسين يوڳن جا غلام آهيون، تيسين پرمارٿي
ڳالهيون ڪرڻ وئرت آهن. چقمق صاف چمڪندڙ لوهه
کي چِڪيندو آهي، نه ڪٽ لڳل لوهه کي.

[ 165 ]

اِهو هميشه ياد رکو ته موُت ويجهو اچي رهيو
آهي. اسانکي وئرت وڃايل هڪ هڪ سواس جو حساب
ڏيڻو آهي.

[ 166 ]

پريميءَ جو پريتم سان پريم، اِنهيءَ ۾ ئي آهي تہ هوُ پنهنجي پريتم جي اِجازت ۽ آگيا جي باري ۾ ڪجھہ بہ نہ چوي.

[ 167 ]

سچي ڀڳتي ۽ واهگروءَ (پرميشور) جي، پراپتي، منش جنم ۾ ئي ٿي سگهي ٿي.

[ 168 ]

جيِو آتما ڪي جڏهن نام روُپي امرت جو رس پراپت ٿيندو، تڏهن هوءَ مان - مان نہ ڪنديِ بلڪ "تون ئي تون" پڪاريندِي رهنديِ. اِهو امرت نہ صرف نيڪ اِنسانن جي اندر آهي بلڪ چورن ٺڳن جي اندر بہ آهي. پر اُهو امرت مايا پٺيان پيو وڃي ٿو، ڪام ڪروڌ پٺيان وڃي ٿو.

[ 169 ]

آتما مالڪ جي انس آهي. سڀ هڪ ئي نوُر مان اُپايل آهيون، اُنهيءَ جو نوُر سڀني جي اندر چمڪي رهيو آهي. پوءِ اِنهن ۾ ڪير برو آهي، ڪير ڀلو؟ خالق ۽ خلق (انس ۽ انسي) ۾ ڪوبہ فرق ٿي نٿو سگهي.

[ 170 ]

تصوير جا ٻہ پاسا آهن، هڪ اڳيان ۽ ٻيو پويان. جيڪڏهن تصوير کي سامهون ڏسنداسين تہ نهايت خوبصورت ۽ دلڪش نظر ايندي آهي. پر جيڪڏهن ٻئي طرف ڏسنداسين تہ صرف ڪاغذ ۽ پاڻو ڏسڻ ۾ ايندو آهي. اهڙيءَ طرح جيڪڏهن دنيا کي صرف کائيندو پيئندو، عيش عشرت ڪندو ڏسنداسين تہ نهايت سُکي نظر ايندي. پر جيڪڏهن منش کي دنيا مان ڪُوچ ڪندو ڏسنداسين تہ معلوم ٿيندو تہ سيني کي روئڻو ٻہ آهي.

[ 171 ]

بتيءَ جي روشنيءَ ۾ چور چوري ڪري ٿو ۽ ڀڳت ڀڳتي ڪري ٿو. پر بتي نہ چور کي برو چوي ٿي، نہ ڀڳت کي شاباس ڏئي ٿي. بتيءَ کي پنهنجي روشني ڏيڻي آهي، اُها ڏيئي رهي آهي. پرماتما بہ هرهنڌ حاضر ناظر آهي، پر هن جي موجودگيءَ جو لاڀ تڏهن پراپت ٿيندو، جڏهن توهين پردو کولي اندر ويندا. اُنهيءَ بعد هوُ توهانجي ڳالهہ ٻڌندو. توهان کي پريم پيار ۽ شانتيءَ جي بخشيش ڏيندو، جنم- مرڻ جي چڪر کي ختم ڪري، شبد سان جوڙيندو.

[ 172 ]

صحيح مقصد سان تورِي بہ محنت سجائي ٿئي ٿي.

[ 173 ]

جڏهن ايپاسيءَ کي نام جو رس پراپت ٿئي ٿو، تڏهن هوُ زندگيءَ ۾ ئي مُڪت ٿي وڃي ٿو. تڏهن هوُ نام جي مستيءَ ۾ مست رهي ٿو. نہ ڪنهن سان جهڳڙو نہ فساد.

[ 174 ]

ڌارمڪ گرنٿ پوٿيون پڙهڻ، فيلسوفي شاسترن جي ڳالهہ ٻولهہ ڪرڻ ۽ پاٺ ڪرڻ، پاٺيءَ کي ولوڙڻ وانگر آهي، جنهن مان ڳچ ڪانسواءِ ڪجهہ بہ نٿو ملي. اندر وڃِي شبد جي سهاري مٿي چڙهڻ، کير ولوڙڻ سمان آهن، جنهن مان پريو ميلاپ روپي مکڻ پراپت ٿئي ٿو.

[ 175 ]

اُها جيڪا اندرين لذت آهي، اُهو سواد، اُهو رس، اُهو مناس، اُهو پريم ۽ اُها خوشي آهي، اُنهيءَ جو نمونو هن دنيا ۾ آهي ئي ڪونہ. زبان ۾ ايترِي شڪتي ئي نہ آهي، جو اُنهيءَ جو بيان ڪري سگهي.

جيڪو اندر وڃي ٿو، اُهو ئي اُنهيءَ جو رس پراپت ڪري سگهي ٿو، پر بيان نٿو ڪري سگهي. اِها گونگي جي مٺائي آهي. جهڙيءَ طرح ڪنهن گونگي کي مٺائي کارائي وڃي تہ ڇا هوُ بيان ڪري سگهندو؟ اُهو هڪ عجيب ديس آهي، اُنهيءَ جو رس بہ عجيب آهي. خود پرماتما، اڪال پرک بہ اديت آهي. اِنهيءَ ڪري اُتي خاموش ٿيِ رهڻو پوي ٿو.

# وچن

سردار بهادر جگت سنگهہ جي

[ 1 ]

منش صرف نامر پراپت ڪرڻ سان ئي ستسنگي نٿو بڻجي. ستسنگيءَ کي پنهنجي زندگي سنت مت انوسار بسر ڪرڻ گهرجي. هنجو هرهڪ ويچار، وچن ۽ ڪرم، سنت مت جي اُصولن انوسار هئڻ گهرجي. ڪٿنيءَ کان ڪرڻي وڌيڪ ضروري آهي. ويچار شڪتي اِنهيءَ کان به وڌيڪ ضروري آهي. ستسنگيءَ جي روزاني زندگي ۽ رهڻي نهايت پاڪ ۽ اوُچ درجي جي هئڻ گهرجي. هنجي رهڻيءَ مان ئي اِهو ظاهر ٿيڻ گهرجي ته هوُ پورن ستگروءَ جو شش آهي.

[ 2 ]

ابياس جي رتي، گيان جي پنڊار کان وڌيڪ بهتر آهي. سنت مت جي سڌانتن جو صرف گيان هئڻ ڪهڙي ڪم جو، جيڪڏهن اسانجي رهڻي اُنهيءَ انوسار نه آهي. عمل ۽ ابياس ڪانسواءِ ودوان اُنهيءَ پسوءَ وانگر آهي، جنهنجي پُٺيءَ تي صرف پستڪن جو بوج رکيل آهي. اُپديش ڏيڻ کان ابياس ڪرڻ هزار بار سٺو آهي. اُپديش کان مثال بهتر آهي. نصيحت کان نظير بهتر آهي. لنڪا جو راجا راوڻ نه صرف ودوان ئي هو، پر ويدن جو سيني کان وڏو ٽيڪاڪار به هو. پر سندس ڪرمن هنجي ودوان پڻي ۽ گيان کي مِٿيا ثابت ڪيو،

چاڪاڻ تہ هوُ پرائي اِستريءَ کي پچائي، هڪ نهايت بُري ڪرم ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويو. نتيجو اِهو نڪتو جو نہ صرف پاڻ پر سندس سڄو ڪُل ئي ناس ٿي ويو.

[ 3 ]

روحاني ترقيءَ لاءِ هردي جو نرمل ۽ پوتر هئڻ نهايت ضروري آهي. هڪ شهنشاهہ ماڻ، ڪڏهن بہ گندي ڪوٺڙيءَ ۾ اچڻ جي اُميد نٿي رکي سگهجي. جڏهن هڪ کُتو ئي ڪنهن گندي اِستان تي نہ وِهندو آهي تہ ڪام، ڪروڌ، لوڀ، موهہ ۽ اهنڪار روُپي گندگيءَ سان ڀريل هردي ۾ اُنهيءَ شاهن جي شاهہ پرماتما جي اچڻ جي اُميد ڪيئن ٿي رکي سگهجي.

[ 4 ]

اسانجو سرير ئي پرماتما جو سچو مندر آهي. اِنهيءَ کي شراب ڪباب ۽ اهڙين جهڙين گندين شين جو اِستعمال ڪري، ڪڏهن بہ اپوتر نہ ڪرڻ گهرجي ۽ نہ ئي اِنهيءَ ۾ ڪوُڙ، ڪام، ڪروڌ، لوڀ، نفرت، گهمنڊ، ايمان، اهنڪار ۽ سنساري موهہ ممتا جهڙن وڪارن جو واسو هئڻ گهرجي. اِنهن سڀني وڪارن کي ختم ڪري هن مندر کي مالڪ جي رهڻ لائق بڻائڻ گهرجي.

[ 5 ]

ڪڏهن بہ ڪنهنجي دل نہ ڏکويو، اِهو هڪ اهڙو پاپ آهي، جنهن کي خود مالڪ بہ معاف نٿو ڪري. اِهو پاپ پرمارٿ جي پاڙ کي ئي اُکاڙي ٿو ڇڏي. اسانکي پنهنجا ويچار ٻين تي زبردستيءَ مڙهڻ نہ گهرجن. هميشهہ نمرتا جو وهنوار ڪرڻ گهرجي ۽ مٺا وچن ڳالهائڻ گهرجن. مشهور مسلمان سنت شيخ فريد فرمائين ٿا:

جي تـُهہ پِريئا دِي سِڪ، هِئاءُ نہ ڍاهہ ڪهيدءِ.

(اي فريد! جيڪڏهن توکي پريتم سان ملڻ جي سِڪ آهي تہ ڪڏهن بہ ڪنهنجي دِل نہ ڏکوءِ).

فريدا جو تـئہ مارن مُڪيئان، تِنها نہ ماري گُهنمِ،
آپنڑئہ گهر جائيئيءِ، پئر تِنهہ دي چُمِ.

(جيڪڏهن ماڻهو توکي مُڪُون هڻن تہ تون موٽ ۾ اُنهن کي نہ مار، بلڪ اُنهن جا پير چُمي، پنهنجي گهر اچ).

[ 6 ]

اسانجو اندريون روحاني مارگ، وڪار روُپي ڌاڪن سان گهيريل آهي. اُنهن سڀني ۾ بدتر آهي، ڪام واسنا. اِها چيتن مايا، مها نـبڳٽي آهي. اِنهيءَ نهايت

وڏي خطري کان خبردار رهو. جڏهن به من ۾ ڪام واسنا پيدا ٿئي، تڏهن هڪ سپاهيءَ وانگر هوشيار ٿي، اُنهيءَ جو مقابلو ڪريو. يعني اُنهيءَ وقت پنهنجي ڏيان کي ٿـئين تل تي ايڪاگر ڪري، پنهنجو پاڻ کي ستگروءَ جي سروپ ۾ لين ڪريو. پنهنجو پاڻ کي اُنهيءَ ڪونـڙيءَ ۾ بند ڪريو. پرمارٿي درشٽيءَ کان اِنهيءَ خطري کان بچڻ جو اِهوئي طريقو آهي. همٿ ۽ مضبوطيءَ سان من جو مقابلو ڪريو. من جي ڪڏهن به هار نه مڃيو، اُنهيءَ اڳيان ڪڏهن به نه جُهڪو. ڇاڪاڻ ته دشمن اڳيان جُهڪڻ سان توهين ڪڏهن به ڪامياب ٿي نه سگهندا. من کي هروقت ضابطي ۾ رکو.

[ 7 ]

ڪانئر ڪڏهن به ڪامياب نه ٿيندا آهن. سنت مت سُورمن جو مارگ آهي. اِيپاسِي پنهنجي پريتم (پرماتما) کي پنهنجو سيس ارپڻ ڪرڻ لاءِ هروقت تيار هوندا آهن. قلعي (پريتم جو ڌام) تائين پهچڻ لاءِ ڪيترِي به قرباني ڏيڻِي پوي، اُها ٿوري آهي.

سُهڻيءَ جوُ ميهار سان پيار هو. ميهار نديءَ جي ٻـيءَ پر رهندو هو. سُهڻِي روز دِلي تي ترِي، ندِي پار ڪري، هُن سان ملڻ ويندِي هئي. هڪ دفعي ڪنهن اُنهيءَ دِلي جي بدران هڪ ڪچو دِلو رکي ڇڏيو. نديءَ

۾ پاڻيءَ جو وهڪرو ڪافي تيز هو، ٻوڏ اچڻ واري هئي. سُهڻيءَ کي معلوم هو تہ نديءَ کي پار ڪرڻ جي ڪوشش آهي، هٿ وٺي موت کي سڏڻ. پر هوءَ هڪ قدم بہ پوئتي نہ هٽي. پريم تي آنچ نہ آڻڻ لاءِ، خوشيءَ سان پنهنجي جان قربان ڪئي.

پرماتما جي پريم لاءِ بہ اسانکي اِنهيءَ دلير اِستريءَ جو مثال ياد رکڻ گهرجي. ڀڄن سمرن ۾ محڪم اِرادي ۽ اورچائيءَ سان وقت ڏيندا رهو. سرير ۾ جيڪڏهن بي آرامي محسوس ٿئي تہ بہ آسڻ نہ ڇڏيو. دراصل اِها بي آرامي، سرير روپي قبر مان سُرت جي سمٽاءُ ٿيڻ جي نشاني آهي.

## [ 8 ]

جيڪڏهن سنت مارگ تي هلڻ چاهيو ٿا تہ پوءِ تن، من، ڌن ستگروءَ کي ارپڻ ڪرڻ لاءِ تيار رهو. پنهنجي اِڇائن کي روڪي، موهہ ممتا کي تياڳي، نندا ۽ طعانن-مهڻن کي برداشت ڪرڻ لاءِ تيار رهو. جيڪڏهن اِنهيءَ آدرش موجب پنهنجي زندگي بسر نٿا ڪري سگهو تہ پوءِ ڪاميابيءَ جي اُميد بہ نہ رکو. ياد رکو! ڪوبہ دنيوي پدارٿ پوري قيمت ادا ڪرڻ کانسواءِ، نہ حاصل ڪري سگهو ٿا ۽ نہ ئي حاصل ڪري

سگهندا. صرف مؤرک ئي، بنا قيمت، ڪجھہ حاصل ڪرڻ جي اُميد رکندا آهن. جيڪو منش اِهو سمجهي ٿو تہ مُفت بنا مُلهہ ڪجھہ پراپت ڪيو آهي تہ اُهو دراصل هوُ پاڻ تي هڪ نئون قرض چاڙهي ٿو. جيڪڏهن هِن سنسار ۾ منش تي هڪ پائيءَ جو بہ قرض آهي تہ چُڪائڻ لاءِ، هنکي واپس هِتي اچڻو پوندو. جيڪڏهن اناج جو هڪ بہ داڻو، پاڙيسريءَ جي کيت مان اِتفاق سان اُڏامي، توهانجي گهر ۾ اچي ويو آهي تہ اُنهيءَ جو بہ حساب چڪائڻو پوندو. توهين جيڪي ڪجھہ حاصل ڪريو ٿا، اُنهيءَ جي قيمت چڪائڻي ئي پوندي. اِهو قانون اٽل آهي، اِنهيءَ کان ڪوبہ بچي نٿو سگهي. اِنهيءَ جو حساب، پيسي، ڪنهن شيءِ يا پنهنجن شُڀ ڪرمن جي ڪجھہ حصي ڏيڻ ذريعي چُڪائڻو ئي پوندو.

بنا محنت ڪجھہ بہ پراپت نہ ٿيندو آهي. سُک جي قيمت دک آهي. سون، ڪاٺين کي کوٽي ئي حاصل ڪري سگهجي ٿو. موتين لاءِ گهري سمنڊ ۾ ٽُبيون لڳائڻيون پون ٿيون. بالڪ پراپت ڪرڻ لاءِ ماتا کي ڪشٽ سهن ڪرڻو پوي ٿو. دنيوِي پيار ۽ ڪامنائن جي پوُرتيءَ لاءِ منش ڪيترين نہ قربانيون ٿو ڪري. تہ پوءِ پوُرِي قيمت چُڪائڻ بنا توهين پريو پراپتيءَ جي اُميد ڪيئن ٿا ڪري سگهو. اِنهيءَ لاءِ توهانکي لڳاتار سخت

محنت ڪرڻي پوندي. گهٽ کائڻ، گهٽ ڳالهائڻ ۽ گهٽ سُمهڻو پوندو. سماج ۽ سماج جي مان-وڏائيءَ کان بچڻو پوندو. پنهنجي من کي حليم بڻائي، اِندرين کي وس ڪرڻو پوندو. سڀ اِڇائون ختم ڪري، صرف هڪ مالڪ سان ملڻ جي تمنا هئڻ گهرجي. هن پريم جي اڻانگيءَ راهه ۾ ٻن لاءِ اِستان ڪونهي، صرف هڪ لاءِ ئي آهي، پرماتما يا دنيا. جيڪڏهن مالڪ سان ملڻ چاهيو ٿا ته باقي سڀ ڪجهه تياڳڻو پوندو. جيڪڏهن اهڙيءَ طرح نٿا ڪري سگهو ته پرمارٿ جي راهه ڇڏي ڏيو. پرماتما ۽ سندس پريم جون ڳالهيون نه ڪريو. توهين مالڪ کي دوکو نٿا ڏيئي سگهو. پنهنجو پاڻ کانسواءِ پيو ڪنهنکي به دوکو نٿا ڏيئي سگهو.

[ 9 ]

پرمارٿي مارگ ۾ ڪاميابيءَ جي ڪُنجي آهي، ڀڄن سمرن، گهڻي ۾ گهڻو ڀڄن سمرن. صرف ٽن ڪلاڪن جي ڀڄن سمرن سان به دنياداريءَ طرف ئي رُخ رهندو. توهانکي پوريءَ طرح، صرف مالڪ جي خيال ۾ ئي لين رهڻ گهرجي. توهين چاهي کهڙو به ڪم ڪندا رهو، پر سڄو وقت توهانجو خيال ٿئين تل ۾، مالڪ ۾ هئڻ گهرجي. ٢٤ ڪلاڪ ئي مالڪ سان ملڻ جي

اُڪير، بيتابي، هنجي ورهه جي وياڪلتا ۾ تڙف هئڻ گهرجي. نه صرف ايترو بلڪ هروقت ڪائيندي پيئندي، گهمندي ڦرندي، سُمهندي جاڳندي، هر پل ستگروءَ جو پوتر نام، سُهڻو سروپ اکين ۾ سمايل هئڻ گهرجي.

بيشمار جُڳن کان اسين مالڪ کان وڇڙي، باهر بي اختيار، وئرت، ڀٽڪي رهيا آهيون. اسين من ۽ مايا جار ۾ ايترو ڦاسجي ويا آهيون جو مالڪ کي بلڪل وساري ويٺا آهيون. اِهو به وسري ويو آهي ته اسين اُنهيءَ جي انس آهيون. اسانکي اندر باهر پوري تبديليءَ جي ضرورت آهي. اسانکي پنهنجي من کي چڱيءَ طرح سمجهائڻو پوندو ته گذريل ڪيترن ئي جنمن کان اسين تنهنجي حڪم ۾ هلندا آيا آهيون. پر هينئر اِهو اسانجو اٽل اِرادو آهي ته هيءُ جنم، پرماتما ۽ صرف پرماتما جي ڀڳتيءَ ۾ ئي ارپڻ ڪريون. اسانجو هرهڪ پل ڀڄن ۾ گذرڻ گهرجي. هينئر اسانجو سڄو وقت مالڪ جو هئڻ گهرجي.

## [ 10 ]

نوجوان ساڌو (ستسنگي) هڪ وڌوا اِستريءَ وانگر آهي. ہنهي کي هڪ مضبوط قلعي ۾ رهڻ گهرجي. توهانجو قلعو، توهانجو ستگرو آهي، هروقت اُنهيءَ

جي شرن ۾ رهو. ڪڏهن به هنجي حڪم ادولي نہ ڪريو. هميشهہ هنجي اُپديش ۽ آگيا جي چؤديواريءَ ۾ رهو. ستگروءَ جي شرن ۽ آسري ڪي ٿي صرف پنهنجي زندگيءَ جو آڌار بڻايو. پوءِ توهانجو ڪڏهن ڪوبہ نقصان نٿو ٿي سگهي. اُنهيءَ قلعي جي اندر پنهنجي رهڻ لاءِ هڪ بچاءَ جي ڪوٺڙي بڻايو، جنهن جون چار ديوارون هئڻ گهرجن: ١. گهٽ ڳالهائڻ. ٢. گهٽ کائڻ. ٣. گهٽ سمهڻ. ٤. ايڪانت ۾ رهڻ.

١. گهٽ ڳالهائڻ: ڳالهائڻ ۾ جسماني ۽ روحاني شڪتي ضايع ٿئي ٿي. شانت رهڻ هڪ نهايت وڏو گڻ آهي. تمام گهٽ ڳالهايو، ضرورت کان وڌيڪ نہ ڳالهايو. جڏهن بہ ڳالهائڻو پوي تہ نهايت نمرتا ۽ مٺاج سان ڳالهايو. ڪڏهن بہ ڪنهن ڳالهہ تي غصو نہ ڪريو. دنيا جي هلائڻ جو بوج توهان تي نہ آهي. اِهو ڪم اُنهيءَ تي ڇڏيو، جنهن جو اِهو ڪم اهي. جيڪڏهن ڪو منش ناسمجهيءَ سبب صحيح وهنوار نٿو ڪري تہ اِهو ضروري نہ آهي تہ توهين بہ اُنهيءَ جهڙو وهنوار اختيار ڪريو. زبان ۾ مُنهين تلوار آهي، اِنهيءَ کي هميشهہ وس ۾ رکو.

٢. گهٽ کائڻ: اِنهيءَ جو تعلق زبان سان آهي. اسين زبان جي چشڪي سبب ضرورت کان وڌيڪ کائيندا

آهيون. اسانکي صرف اوترو ئي ڪائڻ گهرجي، جيترو زنده رهڻ لاءِ ضروري آهي. اسانکي ڪائڻ لاءِ نه جيئڻ گهرجي، جيئن ڪجھ ماڻهو سوچيندا آهن. پر اسانکي زنده رهڻ لاءِ ڪائڻ گهرجي، جيئن اسين مالڪ جي ڀڳتي ڪري سگهون. گهٽ ڪائڻ سان منش ديوتا ۽ گهڻي ڪائڻ سان حيوان بڻجي ٿو. گهڻي ڪائڻ ۽ گهڻي ننڊ سان منش پرماتما جي در کان دور رهي ٿو. ڪائڻ ۽ سمهڻ جو رس اسانجي اندر انڌڪار پيدا ڪري ٿو.

”پنهنجو پيٽ خالي رک،
جيئن پرماتما توکي پنهنجي پريم سان پرپور رکي.
پنهنجي زبان بند رک،
جيئن پرماتما تنهنجا گيان رُوپي نيتر کولي.“

٣. گهٽ سمهڻ: ننڊ ۽ پوڄن جو پاڻ ۾ سنبنڌ آهي. گهڻي ڪائڻ سان سستي ۽ ننڊ ايندي آهي. گهڻي ڪائڻ سان اسين آلسي بڻجون ٿا. جيترو گهٽ سمهنداسين، اوتري وڌيڪ روحاني ترقي ڪري سگهنداسين. دراصل جيترو وقت اسين سمهون ٿا، اوترو سمهڻ ضروري نه آهي. رات جو ڪجھ ڪلاڪ ننڊ ڪرڻ ئي ڪافي آهي. گهٽ سمهڻ سان اسانجي روحاني ترقي ٿئي ٿي.

۴. ايڪانت: (جيترو ٿي سگهي اڪيلو رهڻ).
پرمارٿي اڀياسيءَ لاءِ جيترو ٿي سگهي، ايڪانت ۾ رهڻ ضروري آهي. ماڻهن سان ميل ميلاپ اسانکي من مت ڏانهن وٺي وڃي ٿو. اسانجي ڪوشش گرمت تي هلڻ جي هئڻ گهرجي. ماڻهن کان دور رهه ۽ پنهنجو پاڻ کان مٿي اُٿڻ جي ڪوشش ڪر.

[ 11 ]

هڪ ستسنگيءَ ڀڄن وقت ننڊ اچڻ جي شڪايت ڪئي. مهاراج جن فرمايو: ”اڀياسيءَ کي جڏهن ننڊ اچي ٿي تہ هنکي اُنهيءَ موقعي جو فائدو وٺڻ گهرجي. اُنهيءَ وقت من جو رُخ سپاويڪ طور ٿئين تل ڏانهن هوندو آهي. اِنهيءَ ڪري اِنهيءَ ننڊ جي اوستا جو فائدو وٺو،پر سُمهو نہ. ڀڄن وقت ننڊ آکرو تہ محسوس ڪري سگهجي ٿو، پر سُمهڻ نہ گهرجي. جاڳندا رهو، بلڪل سجاڳ رهو. ننڊ وقت من ۽ اِندرين جي سپاويڪ خيال جو لاڀ وٺو ۽ ٿئين تل تي خيال ايڪاگر ڪريو. اِها جاڳرت ننڊ جي اوستا، جنهن ۾ اسين نہ سُمهندا آهيون، نہ جاڳندا آهيون، نهايت آنند بخشيندڙ آهي. ڪجهہ ڏينهن اِنهيءَ جو اڀياس ڪريو ۽ ڏسو تہ اِها اندرينءَ روحاني چڙهائيءَ ۾ ڪيتري مدد ڪري ٿي. پر ساوڌاني رکڻ گهرجي تہ توهانکي نہ ننڊ اچي وڃي ۽

نہ پوريءَ طرح جاڳندا رهو. اهڙيءَ حالت ۾ اسانجو
من، برهمنديءِ من.سان ملي، هڪ ٿي ويندو آهي ۽
ڪيترائي اندر نظارا ڏسندو آهي.“

پڇڻ ڪرڻ وقت ۽ پڇن ڪانپوءِ ڪڏهن بہ سُمهڻ
نہ گهرجي.

[ 12 ]

هڪ ستسنگي رٽاير ٿي، پينشن پراپت ڪري، مهاراج جن وٽ آيو. مهاراج جن ڪيس هيءَ سِکيا ڏيندي فرمايو: ”اڄوڪي ڏينهن کي پنهنجي زندگيءَ جو سڀ کان وڏيڪ خوش نصيب ڏينهن سمجهو. توهان پنهنجا فرض چڱيءَ طرح پورا ڪيا. توهان سڀ دنيوي فرض ۽ ذميواريون نباهيون. هينئر توهانکي پنهنجي لاءِ بہ ڪجهہ ڪرڻ گهرجي، اڄ تائين توهان ٻين جو ڪم ڪندا رهيا. هينئر توهين پنهنجو ڪم ڪريو. سڀ سنسارِي اِڇائون ۽ واسنائون ڪڍِي، من کي سمجهايو تہ تون دنيا ۾ ڪافي ڪجهہ ڪري چڪو آهين، هينئر نام جپڻ جو وقت آهي. پنهنجي خيال کي پروار، اؤلاد، گهر، ڌن دؤلت، مان-وڏائي، مال- ملڪيت، ملڪ ۽ سيني سنسارِي سنبنڌين کان هٽايو. من کي اهڙي اوستا ۾ آڻيو، جيئن اِنهن سيني جي هئڻ يا نہ هئڻ جو توهانکي ڪو احساس ئي نہ رهي. هينئر

پنهنجو پورو ڌيان، سڀ ويچار ۽ پورو وقت صرف پرماتما کي ڏيو. هيئنر اُنهيءَ پرماتما جا ٻڌجي وچو. پرماتما ڪانسواءِ ٻيا سڀ ويچار من مان ڪڍي ڇڏيو. ڏينهن رات پڇن سمرن جي چنتا ڪريو، ٻيءَ ڪنهن ڳالهہ جو فڪر نہ ڪريو. خوب محنت ڪريو، من سان پوري ڪوشش ڪريو. ستگرو توهان سان انگ سنگ آهي، اُنهيءَ جي مدد سان من کي وس ۾ ڪريو.“

[ 13 ]

يوجن جو اسان تي ڪافي اثر پوي ٿو. اِهي سخن بلڪل صحيح آهن: ”جهڙو آهار، تهڙو ويچار ۽ جهڙو اَن، تهڙو من.“ راجسي[1] يا تامسي[2] يوجن سان

---

١. راجسي (راجسڪ) يوجن: راجسي يوجن اسانجي من، کي نهايت چنچل بڻائي ٿو ۽ من کي سنسار طرف مائل ڪري ٿو. هن يوجن ۾ اندا، مڇي، ڪيس، پيسٽري، لوڻ، مرچ، مصالح وغيرهہ ۽ ٻيا سڀ گرم پدارٿ چانهہ، ڪافي، گرم ڪير ۽ گهڻي انداز ۾ يوجن کائڻ، راجسي يوجن ۾ اچي وڃن ٿا.

٢. تامسي يوجن: تامسي يوجن اسانجي اندر سستي، ڪروڌ وغيرهہ پيدا ڪري ٿو. اِنهيءَ ۾ ماس، شراب، تماڪ، نشيلا پدارٿ، ٻَرو ۽ پاروٺو کاڌو اچي وڃي ٿو. دراصل ڪنهن بہ يوجن کي گهڻي انداز ۾ کائڻ سان تامسي اثر ٿئي ٿو.

برا ويچار پيدا ٿين ٿا. ساتوڪ ڀوڄن[1] سان سنا ويچار اڀرن ٿا. شڌ ويچارن سان سنو چرتر ٺهجي ٿو. پرماتما جي پريم لاءِ نيڪ اخلاق نهايت ضروري آهي. پرماتما جي پريم بنا روحاني ترقي ٿي نٿي سگهي.

هميشهه ساتوڪ ۽ شڌ ڀوڄن ورتائڻ گهرجي، ساتوڪ ڀوڄن حق حلال جي ڪمائيءَ جو هئڻ گهرجي. اُنهيءَ ڪمائيءَ مان بزرگن ۽ ٻين ڀاتين کي مناسب حصو ڏيڻ گهرجي. ڀوڄن هميشهه سادو ۽ هلڪو هئڻ گهرجي. پرسن-چت ٿي ڀوڄن رڌڻ ۽ کائڻ گهرجي. ڀوڄن گهٽ کائڻ گهرجي ۽ کائڻ کان پهرين داتا جا شڪرانا مڃڻ گهرجن.

[ 14 ]

بُرا ويچار روحاني ترقيءَ ۾ نهايت وڏي رُڪاوٽ وجهن ٿا، اُهي زهر سمان آهن. اِنهيءَ ڪري ساوڌان

---

1. ساتوڪ ڀوڄن: هي ڀوڄن سان اسانجي من ۾ شانتي اچي ٿي ۽ پوتر ويچار پيدا ٿين ٿا. ساتوڪ ڀوڄن ۾ ميوا، ڀاڄيون ۽ کير (گهٽ انداز ۾ ۽ گهڻو گرم نه)، مکڻ، پنير، ماکي، باداميون، جوَ، ڪڻڪ، چانور وغيرهه شامل آهن. هي ڀوڄن ۾ سڀ سادا ۽ هلڪا پدارٿ، جيڪي ٿوري انداز ۾ کائجن ٿا، اُهي به شامل آهن.

رهو. من کي ٻُرن ويچارن کان دور رکو. جيڪڏهن زخم جو وقت سِر علاج نہ ڪندا تہ وڏي وڏاءُ ڪندو.

## [ 15 ]

من جي ورتيءَ کي هميشه نام جي سمرن ۾ رکو. اِنهيءَ ۾ ڪهڙو خرچ آهي؟ هر وقت نام جو سمرن ڪندا رهو. جهڙيءَ طرح نندا ٻار هڪ، ٻہ، ٽي، چار انگ ڏُهرائيندا رهندا آهن. سمرن ۾ اپار شڪتي آهي، سمرن سان اسانجي اِڇا شڪتي مضبوط ٿئي ٿي. سمرن، ڌيرج ۽ مضبوطيءَ سان، بنا رڪجڻ جي لڳاتار اٽوُٽ روُپ ۾ جارِي رهڻ گهرجي.

## [ 16 ]

هڪ ستسنگيءَ عرض ڪيو، ”مهاراج جي! منهنجو من مونکي پڇن ۾ وِهڻ نٿو ڏئي. جڏهن مان وِهان ٿو تہ سمرن ڀُلايو ڇڏي.“

مهاراج جن مشڪي فرمايو، ”ڀلا توهانجو من بيو ڪهڙو ڪم ڪري؟ هوُ تہ پنهنجو فرض نهايت ايمانداريءَ ۽ چستيءَ سان پورو ڪري رهيو آهي. ڇا توهانکي پنهنجو فرض پورو نہ ڪرڻ گهرجي؟ پوريءَ طاقت سان من جو مقابلو ڪريو. اِنهيءَ اوستا ۾ من ۽ آتما جي وچ ۾ زبردست ڪشمڪش هلندِي آهي. من

سان ٿوريِ بہ رعايت نہ ڪريو. سڀ کان سنو طريقو تہ اِهو آهي تہ توهين من کيٖ لڳاتار سمرن جيِ چوٽ لڳائيندا رهو، جيئن من کي ڪڏهن بہ حملي ڪرڻ جو موقعو ئيِ نہ ملي.“

[ 17 ]

ڌيان کي پوريءَ طرح ٿئين تل تي ايڪاگر ڪري پڄن ڪرڻ گهرجي. ڌيان يا توَج ذريعي ئيِ سمرن هئڻ گهرجي. اُنهيءَ وقت تن، من، زبان، ڏسڻ ۽ ٻڌڻ جون شڪتيون، سڀ اِستر ۽ شانت رهڻ گهرجن.

[ 18 ]

ستسنگين کي صاف ۽ صحيح ويچار ڪرڻ جي عادت وجهڻ گهرجي. تمام ٿورا ماڻهو ويچاروان هوندا آهن. اسانکي ڪروڌ ڇوٿو اچي؟ صرف ويچار ڪرڻ جي ڪميءَ سبب. ماڻهو ڪام واسنا جا شڪار ڇوٿا ٿين؟ ڇاڪاڻ هوُ سوچين نٿا. هڪ ماتا پنهنجي پٽ جي مؤت تي ڇوٿيِ روئي؟ ڪيترا ماڻهو ڌن دؤلت وڃڻ سبب آپگهات ڇوٿا ڪن؟ ڇاڪاڻ تہ هوُ نٿا سوچين. ويچار شڪتي هڪ نعمت آهي، اِها ٿوري ئيِ اپياس سان پراپت ڪري سگهجي ٿي. اسين ڪيترائي ڪم بنا سوچ ويچار جي ڪري ڇڏيندا آهيون. هميشه شانتيءَ

سان ويچار ڪريو. جيڪڏهن توهانکي اِهو معلوم ٿي وڃي ته ڪروڌ سان دل ۽ دماغ کي ڪيترو نقصان پهچي ٿو، ته توهين ڪڏهن به ڪنهن ڳالهه تي غصو نه ڪندا. ڪنهن ڊاڪٽر کان پڇي ڏسو، اُهو توهانکي ٻڌائيندو ته غصي ڪرڻ سان ڪهڙيءَ طرح اسانجي خون ۾ زهر ڦهلجي ٿو.

[ 19 ]

ڇا چنتا ڪرڻ سان اڄ تائين ڪوبه مسئلو حل ٿيو آهي؟ چنتا اُلجهيل ويچارن سبب پيدا ٿئي ٿي. صاف ۽ صحيح سوچ ويچار جي عادت وجهو. پنهنجي دک ۽ مصيبت کي مشڪي، وساري ڇڏيو. جيڪڏهن منش مشڪندو رهي ٿو ته خود شيطان به اُنهيءَ جو ڪجهه بگاڙي نٿو سگهي. ڇا مشڪڻ ۾ ڪو خرچ آهي؟ مشڪڻ اوترو ئي آسان آهي، جيترو چنتا ڪرڻ ۽ خفي ٿيڻ. صرف شروع ۾ ٿوري ڪوشش ڪرڻي پوي ٿي. ڪجهه وقت بعد مشڪڻ جهڪ عادت ٿي وڃي ٿي. توهانجي چنتا ڪرڻ مان صاف ظاهر آهي ته توهانکي پرماتما جي رحمت ۾ ۽ خود پرماتما ۾ به ڀروسو نه آهي. مالڪ کي پنهنجيءَ مؤج مطابق ئي سڀ ڪجهه ڪرڻ ڏيو. اُنهيءَ جي اِڇا انوسار هلڻ جي ڪوشش ڪريو. پنهنجو پاڻ کي سندس مؤج ۽ رضا ۾ راضي رکندا ته ڪڏهن به دکي نه ٿيندا.

[ 20 ]

سرير تي تِکي هٿيار سان ڪيل زخم، وقت سان ڀرجي وڃي ٿو، پر زبان سان منش جي دل ۾ ڪيل زخم ڪڏهن به نٿو ڀرجي. ڪڏهن به ڪنهنجي دل نہ ڏکويو. اِنهيءَ ڳالهہ کي اوترو ئي ضروري سمجهڻ گهرجي، جيترو نامدان وقت، ماس وغيرهہ نہ کائڻ جي سڌانت کي ضروري سمجهو ويندو آهي. ضابطي ۽ سڌانتن تي پوريءَ طرح عمل ڪرڻ کانسواءِ پڇن سمرن جو ابياس ٿي نٿو سگهي. ماس وغيرهہ ورتائڻ جي منع ڪرڻ جو اِهوئي مقصد هوندو آهي تہ اسانجي من ۾ آهنسا ۽ ديا ڀاوَ پيدا ٿئي. آهنسا جو ارٿ آهي، من، وچن ۽ ڪرم سان ڪنهن بہ جيوآتما کي نقصان ۽ صدمو نہ پهچائڻ. ياد رکو، زندگي سيني کي پياري آهي. پاتنجلي رشيءَ پنهنجي ”يوگ شاستر“ ۾ جوڳين لاءِ ۵ يمن ۽ ۵ نيمن جو ورنن ڪيو آهي. اِهي اسانجي روزاني زندگيءَ لاءِ نهايت اهميت ڀريا آهن، جنهن تي عمل ڪري، ستسنگي بہ لاڀ وٺي سگهي ٿو.

پنج يم هِن طرح آهن:

ا. اهنسا: ڪنهن بہ جيو آتما کي من، وچن ۽ ڪرم ذريعي ڪو نقصان يا صدمو نہ پهچائڻ.

٢. ستيہ: ڪوُڙ نہ ڳالهائڻ يعني من، وچن ۽ ڪرم سان سچو ٿيڻ.

٣. استييہ: چوريِ نہ ڪرڻ. جيڪا شيءِ توهانجي نہ آهي، اُنهيءَ جي نہ اِڇا ڪرڻ ۽ نہ حاصل ڪرڻ.

٤. برهمچريہ: من، وچن، ڪرم سان ڪنهنڪي ڪام درشٽيءَ سان نہ ڏسڻ. سيل ۽ سنجم سان رهڻ ۽ ويريہ جي رکشا ڪرڻ.

٥. اپريگرهہ: ڌن گڏ ڪرڻ جي ڀاونا جو تياڳ. جيڪي شيون ضروريِ نہ آهن، اُنهن کي گڏ نہ ڪرڻ، اُنهن جو تياڳ ڪرڻ.

پنج نيم ھِن طرح آهن:

١. شوچ: صفائي.

٢. سنتوش: ترپتي، جيڪو ملي اُنهيءَ ۾ خوش رهڻ.

٣. تپ: خوشيءَ سان گرمي، سرديِ، بک، اُڃ ۽ مصيبت کي سَهن ڪرڻ.

٤. سواڌيايہ: ڌارمڪ گرنٿ پڙهڻ ۽ عمل ڪرڻ.

٥. ايشور پرڻِڌان: پرماتما ۾ اٽوٽ وشواس رکڻ ۽ پنهنجو پاڻ کي اُنهيءَ جي مؤج تي ڇڏڻ. پريو-پراپتيءَ جي ڪوشش ڪرڻ.

[ 21 ]

هڪ دفعي ستسنگ ۾ مهاراج جن، ستگروءَ جي اندرئين اديت نورِي سروپ جي پرڪاش ۽ جلال جي مهما ڪري رهيا هئا. هڪ ستسنگيءَ اُتي عرض ڪيو: ”مهاراج جي، مونکي توهانجي نورِي سروپ جو روز درشن ٿيندو هو، پر هينئر مهني ڪان درشن نہ ٿي رهيو آهي.“ مهاراج جن فرمايو: ”توهانجي من تي ڪنهن دک يا سک جو اثر ٿيو هوندو.“ ستسنگيءَ چيو: ”حضور! ها مونکي هڪ ئي پٽ هو، اُهو گذاري ويو.“ تڏهن مهاراج جن فرمايو: ”ستگرو تہ هميشهہ اندر مؤجود آهي، جڏهن اسانجو من ايڪاگر ٿي مٿي وڃي ٿو، تڏهن ستگروءَ جو درشن ٿئي ٿو. جڏهن من وياڪل آهي، تڏهن هوُ هيٺ اچي ٿو ۽ ستگروءَ جو درشن نٿو ڪري سگهي.“ ڇا دکي ٿيڻ سان اچ تائين ڪنهنجو ڪم بڻيو آهي؟ يا چنتا سان ڪڏهن ڪنهنجي ڀلائي ٿي آهي؟ ڀڄن سمرن نت نيم سان ڪندا رهو، اِهوئي سک، شانتيءَ ۽ آنند جو مؤل ڀنڊار آهي.

[ 22 ]

جوانيءَ ۾ صاف، پوتر ۽ سداچارِي زندگي بسر ڪرڻ لاءِ هرهڪ ابياسيءَ کي همت، دليريءَ ۽ محڪم اِرادي جي ضرورت آهي.

## [ 23 ]

توهين اِهو معلوم ڪرڻ چاهيو ٿا تہ پوُرن گرو ڪنهنکي ٿو سڏجي؟ هوُ ڪهڙي نعمت بخشي ٿو؟ پورن گرو، منش روپ ۾ پرماتما يا پرماتما ۾ سمايل منش آهي. ستگرو اُهو منش آهي، جنهنجي اندر ڪُل مالڪ، ستنام يا انحد شبد، هِن ڌرتيءَ تي اچي نواس ڪري ٿو. اُهو آشا شبد آهي. ستپرش پنهنجو ڌام ڇڏي، منش چولو ڌارڻ ڪري، پنهنجي بالڪ (آتما) جي تلاش ۾ خانبدوشن (من، مايا روپي نڳن) جي نگر (سنسار) ۾ اچي ٿو، جيڪي هنجي بالڪ (آتما) کي کڻي ويا آهن. هوُ اُنهن خانبدوشن سان رهي، اُنهن جهڙي زندگي بسر ڪري ٿو.

پر هنجو بالڪ پنهنجي پرم پتا کي نہ سڃاڻي ٿو، نہ سندس وچنن تي وشواس ڪري ٿو. نهايت مشڪل سان پنهنجي گمراهہ بالڪ کي هوُ پاڻ سان گڏ محل ۾ هلڻ لاءِ مڃائي ٿو، جيئن بالڪ خود پنهنجين اکين سان ڏسي سگهي تہ هوُ ڪيتري وڏي دؤلت جو حقدار آهي. خانبدوشن جي دنيا مان ڪڍي، هن کي روحاني محل ۾ آڻي، وِهڻ لاءِ سنگهاسن ڏئي ٿو. هن کي تيسين نٿو ڇڏي، جيسين هوُ پنهنجي اصلي شان کي پوري طرح پراپت نٿو ڪري.

[ 24 ]

ٿڪي اُهوئي آهي، جنهن جون اِڇائون ۽ گهرجون گهٽ آهن. اِهي جيتريون گهٽ هونديون، اِنسان اوترو ئي وڌيڪ ٿڪي ٿيندو. ”جنهنکي ڪجهہ بہ نہ گهرجي، اُهوئي شهنشاھہ آهي.“ اسانجون اِڇائون ئي اسانکي مُفلس بڻائين ٿيون. جنهنکي ڪابہ اِڇا ڪونهي، اُهوئي سڀني کان امير آهي. سِڪندر جڏهن هندستان آيو، تڏهن بياس نديءَ تي رهندڙ هڪ سادوءَ سان گڏيو. سِڪندر هنجي انوکي شڪتيءَ جي مهما جي باري ۾ ڪافي ڪجهہ ٻڌو هو. سِڪندر هنکي ٻڙ جي وڻ جي ڇانوَ ۾، هڪ وڏي پن تي وينل ڏٺو، اُهائي هنجي جائداد هئي. جڏهن سِڪندر کي معلوم ٿيو تہ سادوءَ سڄي زندگي تيز برسات، ساڙيندڙ اُس ۽ تيز سرديءَ ۾ بہ اُتي ئي گذارِي آهي، تڏهن هن سادوءَ لاءِ گهر ٺاراڻ چاهيو. سادوءَ اِنڪار ڪيو ۽ چيو،”گهر ڇو ٺاراهيو وڃي؟ ڇا اسانکي هميشهہ هِتي رهڻو آهي؟“ تڏهن سِڪندر عرض ڪيو، ”مان توهانجي ڪا شيوا ڪري سگهان ٿو؟“ اِنهيءَ تي سادوءَ جواب ڏنو، ”ها، مان چاهيان ٿو تہ توهانجو ڪوبہ ماڻهو مون وٽ نہ اچي.“

سِڪندر پنهنجي مؤت وقت اهڙي ماڻهوءَ کي پنهنجي اڌ راڄ ڏيڻ جو اعلان ڪيو، جيڪو هنکي صرف

ايتري وقت لاءِ زندهہ رکي سگهي، جيسين هوُ پنهنجيءَ ماتا سان ملي سگهي. پر حڪيمن جواب ڏنو تہ چاهي هوُ سڄو راڄ بہ ڏئي، تڏهن بہ هوُ سندس زندگيءَ جو هڪ سواس بہ نٿا وڌائي سگهن. سِڪندر جي اکين مان لُڙڪ وَهڻ لڳا ۽ ڏُکوَ ساهہ کڻي چيائين، ”افسوس! جيڪڏهن مونکي معلوم هجي ها تہ هڪ هڪ سواس ايترو قيمتي آهي تہ مان ڪڏهن بہ پنهنجن سواسن کي فضول ڪمن ۾ نہ وڃايان ها.“ تڏهن هن حڪم ڏنو تہ ”منهنجي جنازي کڻڻ وقت منهنجا ٻئي هٿ ڪفن کان ٻاهر هئڻ گهرجن. هٿن جون تِريون بہ کُليل هجن، جيئن دنيا کي معلوم ٿئي تہ سِڪندر مهان، جيڪو سڄي سنسار کي جيتڻ جا سپنا ڏسندو هو؛ اُهو بہ هِن دنيا مان هٿين خالي وڃي رهيو آهي.“

[ 25 ]

پوتر اخلاقي زندگي بسر ڪرڻ جي باري ۾ جيترو بہ چيو وڃي، اُهو ٿورو آهي. روحاني ترقيءَ لاءِ اُتم چرتر هئڻ تمام ضروري آهي. نام ۽ ڪام گڏ نٿا رهي سگهن، اِهي هڪ ٻئي جا ويري آهن. جهڙيءَ طرح انڌيري جو دشمن پرڪاش آهي. جنهنجي هردي ۾ ڪام آهي، اُنهيءَ ۾ نام داخل نٿو ٿئي. جڏهن نام

اچي ٿو تہ ڪام غائب ٿي وڃي ٿو. ستسنگيءَ کي سنسار لاءِ هڪ مثال بڻجي رهڻ گهرجي، هنجي اکين مان پوترتا جهلڪڻ گهرجي ۽ سرير مان روحانيت جي خوشبوءِ اچڻ گهرجي. يوڳ واس جي زندگيءَ کان دور رهو. ڪام واسنا جو تياڳ ڪريو. سرير جي نون دوارن مان خيال کي سميٽڻ بعد ئي نيڪ، شانت ۽ سنتوک جي زندگي بسر ڪري سگهجي ٿي. هڪ طرف ڪام واسنائن ۾ غلطان رهڻ ۽ ٻئي طرف مالڪ جي دربار ۾ داخل ٿيڻ جي اُميد رکڻ، سراسر هڪ مذاق آهي. اهڙن ماڻهن لاءِ داتا جو دوار ڪڏهن بہ نٿو کُلي.

## [ 26 ]

ستگروءَ جو نُوري سرُوپ ايترو تہ پرڪاشوان، خوبصورت ۽ دلڪش آهي، جو اهڙي درشن هئڻ بعد ڪوبہ سنساري رُوپ، اُنهيءَ سُندر رُوپ اڳيان تڇ محسوس ٿئي ٿو، دنيوي موهہ ختم ٿي وڃن ٿا. اهڙي نوراني درشن پراپت ڪرڻ لاءِ اٿاهہ پريم، وِرهہ، وڇوڙي جي وياڪلتا ۽ تڙف هئڻ ضروري آهي. پريم روپي اگني سيني وڪارن ۽ مَئل کي ڀسم ڪري ٿي. اُنهيءَ بعد صرف پريتم جي ميلاپ جي اِڇائي رهي ٿي.

[ 27 ]

ڪنهنجي بہ نندا نہ ڪريو، اِهو مها پاپ آهي. بين پاپن ۾ شايد ڪجهہ سک يا من کي مزو ايندو هجي، پر ٻُڌايو، نندا ۾ ڪهڙو سُک آهي؟ شيراز جي مشهور مهاتما شيخ سعدي فرمايو آهي، ”جيڪڏهن مونکي ڪنهنجي نندا ڪرڻي آهي تہ مان پنهنجيءَ ماتا جي نندا ڪندس، جيئن منهنجي شُڀ ڪرمن جو ڦل ڪنهنکي ملڻو آهي تہ اُهو منهنجي ماتا کي ئي ملي.“ وڏا مهاراج جن فرمائيندا هئا تہ ”نندا ڪندڙ جا سڀ شُڀ ڪرم، اُنهيءَ جي حساب ۾ جمع ٿين ٿا، جنهنجي هوُ نندا ڪري ٿو. نندا ڪندڙ بنا پيسي اسانجي پاپن کي ڌوئي ٿو.“

[ 28 ]

ماتا پتا ۽ ماستر پنهنجن ٻارن کي نيڪ اخلاق جي گڻن جي لاءِ هدايت تہ ڪندا آهن، پر افسوس! ٻارن کي نندي هوندي کان ئي روحاني خوراڪ کان محروم رکيو وڃي ٿو. پرماتما جيڪو نيڪيءَ ۽ هرهڪ گڻ جو مؤل ينڌار آهي، اُنهيءَ پرماتما جي باري ۾ جيڪڏهن ٻار اڻڄاڻ آهن تہ پوءِ اهڙي سِکيا اڌوري ئي آهي. جڏهن تلعيم ۾ اِنهيءَ بنياديِ اُصولن کي

نظرانداز ڪيو ٿو وڃي، تڏهن ته ايندڙ زندگيءَ ۾ پيرم ۽ پريشانيون پيدا ٿين ٿيون. پوتر اخلاقي چرتر جي ڳراوٽ اچي ٿي. ماتا پتا جو فرض آهي ته هوُ پنهنجن ٻارن کي پرماتما ۽ پرمارٿ جي باري ۾ ٻڌائين. اهڙيءَ طرح اُنهن ۾ صحيح ۽ نيڪ ويچار جاڳرت ڪن ۽ اُنهن ۾ آدرش زندگيءَ جو بنياد رکن.

[ 29 ]

هيءَ زندگي، اسانجي هستيءَ جي امر چيتن ڌارا جو صرف هڪ حصو آهي. سرير ناسونت آهي، پر آتما هميشهه رهي ٿي، اُها امر آهي. هوءَ مالڪ ڪان وڇڙي، وئرٿ ڀٽڪڻ سبب دکي ٿي، اُنهيءَ پرماتما ڏانهن واپس وڃڻ جو مارگ اختيار ڪري ٿي. راجستان جا مهان سنت دادوُ صاحب جن فرمائين ٿا، ”مان هوس، جڏهن سنسار به نه هو؛ مان تڏهن به هوندس، جڏهن سنسار جو انت ٿي ويندو.“

[ 30 ]

ڪڏهن به وئرٿ نه ڳالهايو. جيڪڏهن توهانکي پنهنجي روحاني ترقي نظر نٿي اچي ته هر وقت پنهنجي روحاني دؤلت پراپت ڪرڻ جي لائق بڻجڻ جي ڪوشش ڪريو. جيڪڏهن فضول ڳالهيون ڪندا ته توهانجي

پرماتما کي ڪيل پرارٿنا قبول نہ پونديِ. فضول ڳالهائڻ توهانڪي بناوٽي ۽ ڪپٽي ثابت ڪري ٿو، روحانيت جي پاڙ کي پٽي ٿو. هڪ طرف پرماتما کي ديا مهر لاءِ پرارٿنا، ٻئي طرف پنهنجي قيمتي وقت ۽ شڪتيءَ کي اجاين ڳالهين ۾ وڃائڻ؛ اِنهن ٻنهي ڳالهين جو پاڻ ۾ ڪو ميل ڪونهي. سوچو وڏيڪ، ڳالهايو گهٽ.

## [ 31 ]

اڪثر ستسنگين جي اِها شڪايت هونديِ آهي تہ من اُنهن کي ڀڄن ۾ وِهڻ نٿو ڏئي. من آسانيءَ سان اُنهن کي گمراهہ ڪندو رهي ٿو. جيڪڏهن آتم بل نہ آهي، سرير ڪمزور آهي تہ پوءِ علاج ئي ڪهڙو آهي؟ آسڻ تي وِهڻ ۽ آتما جي سمٿاو سبب ٿوريِ ئي تڪليف ٿيڻ تي من اڀياسيءَ کي ڀڄن ۾ نہ وِهڻ لاءِ، مجبور ڪندو آهي. اسانڪي اِهو اٽل نيم ياد رکڻ گهرجي تہ بنا تڪليف، ڪجهہ پراپت نٿو ٿئي. صرف اُهي اڀياسي، جيڪي بهادر سپاهيءَ وانگر مؤن کي گلي لڳائين ٿا (يعني نوَن دوارن کي خالي ڪري، دنيويِ تمنائن کان مُنهن موڙي) ڪال ۽ ڪرمن رُوپي مشڪل انذيري قلعي تي حملي ڪرڻ لاءِ تيار آهن، اُهي ئي پنهنجي مقصد کي پراپت ڪن ٿا. ٻُڏو پريمي منش

چا تا فرمائين، ”اي فريدا (پرماتما جي محل ۾ پهچڻ جي ڪوشش ۾) منهنجو سرير بنيءَ وانگر تپي رهيو آهي ۽ منهنجون هڏيون لڪڙيءَ وانگر جلي رهيون آهن. (چا مان رُڪجي وڃان؟ نه!) جڏهن منهنجا پران سُڪي ويندا ۽ اِستر ٿي ويندا، مان هلي نه سگهندس، تڏهن پنهنجي پريتم جي صرف هڪ جهلڪ ڏسڻ لاءِ مان پنهنجي مٿي ڀر ويندس.“

## [ 32 ]

ستسنگ ۾ هڪ اميريڪا جي ستسنگي، ڪرمن ۽ سنسڪارن جي باري ۾ سمجهڻ لاءِ عرض ڪيو. مهاراج جن فرمايو:

١. ڪرم، اسانجا ڪيل ڪم ۽ اُنهنجي ڦل کي چئجي ٿو. اِهو ڪارڻ، ڪم ۽ ڦل جو ازخود هلڻ وارو قانون آهي. پنهنجن ڪيل ڪرمن جي ڦل کان ڪوبہ منش بچي نٿو سگهي. جيڪو اسين پوکيون ٿا، اُهوئي لُڻڻو پوي ٿو.

٢. منش جي اندر جنمن کان دبيل اِڇائون، جيڪي هنجي ڪيل ڪرمن انوسار هونديون آهن، اُنهن کي سنسڪار چئجي ٿو. سنسڪار هنجي گذريل جنمن کان هلندا ايندا آهن. اُنهن سنسڪارن جي زير اثر منش هن جنم ۾ ڪرم ڪري ٿو.

[ 33 ]

اُنهيءَ ساڳي اِستريءَ، سچ ۽ پرماتما جي تلاش، دليل ۽ عقل ٻُڌِيءَ جي اهميت جي باري ۾ ڪجھ سوال عرض ڪيا. مهاراج جن فرمايو:

”ڏيان سان ٻڌو، پرماتما اسانکي ٻُڌِي، صرف سنساري ڪم ڪرڻ لاءِ ئي ڏني آهي. ٻُڌِي هڪ اُها شڪتي آهي، جنهن سان اسين پنهنجن سنساري آزمودن کي سمجهي، اُنهن جي مکيہ تت ۽ نتيجي کي عمل ۾ آڻي سگهون؛ جيئن اُنهن کي ڌيان ۾ رکي، اسين اڳتي هلي، چڱيءَ طرح ڪم ڪري سگهون. جڏهن ٻُڌِيءَ جو دائرو ايترو محدود آهي تہ پوءِ اُها، اُنهيءَ اوُچ سوکيم، گهريءَ روحاني حقيقت کي ڪيئن سمجهي سگهندي؟ سنساري اتيون جو تعلق تہ ٻاهرمکي نوَن دوارن سان آهي، پر آتما جو منڊل، ڏهين دوار جي اندر آهي. اُنهيءَ ڪانسواءِ ماحول ۽ پرمپرا، وقت ۽ ديس، پسندي ۽ ناپسنديءَ مطابق، دليل ۽ ٻُڌِيءَ جي طريقي ۾ تبديلي ۽ تفاوت هوندو آهي. هڪ روُسي ۽ هڪ اميريڪن، هڪ جوان ۽ هڪ بزرگ جي سوچڻ جو طريقو هڪ ٻئي کان بلڪل الڳ هوندو آهي. ڪام ۽ ڪروڌ ۾ منش جا ويچار ڪيترا اٿوٿندڙ ۽ بي ڍنگا ٿي ويندا آهن.“

”جڏهن دليل ۽ بُڌيءَ جي پئماني ۾ هميشهہ تبديلي ايندي رهي ٿي تہ پوءِ اِنهن تي ڪهڙو ڀروسو ڪري سگهجي ٿو؟“

اميريڪن اِستريءَ عرض ڪيو، ”تہ پوءِ پريو پراپتيءَ لاءِ اسانکي ڪنهنجو سهارو وٺڻ گهرجي؟“

مهاراج جن سمجهايو، ”جڏهن اِيياسي نوَن دوارن کي خالي ڪري، دنيا کان مُنهن موڙي، انترمک ٿي، روحاني سفر شروع ڪري ٿو، تڏهن پرماتما جو گيان شروع ٿئي ٿو. اندرين روحاني انڀون کي سمجهڻ بُڌيءَ جي دائري کان پري آهي. صرف آتما ئي اُنهنجو ساکيات انڀؤ ڪري سگهي ٿي. اِنهيءَ ڳُوڙهي روحاني راز کي ڪابہ بُڌي ۽ چترائي سمجهي نٿي سگهي. پر آتما اِنهيءَ حقيقت کي، پرم سچ کي ڏسي ۽ سمجهي سگهي ٿي. مالڪ جي انس هئڻ سبب، آتما جي جبئن جيئن چيتن شڪتي وڌندي ويندي آهي، هوءَ اُنهيءَ الک ۽ اگم پرماتما کي سڃاڻڻ شروع ڪندي آهي. جڏهن هن کي پرماتما جو ساکيات سروپ ڏسڻ ايندو آهي، تڏهن آتما پنهنجي اُنهيءَ مؤل يعني پرماتما ۾ لِين ٿي ويندي آهي.“

اِنهيءَ ڪري اِنهيءَ ڪمزور ۽ محدود بُڌيءَ ذريعي صرف دليلبازي ڪرڻ سان سوڪيم روحاني رازن

ڪي سمجهڻ جي اُميد نہ ڪريو. سنسار ۾ بہ ڪيترن ڪمن يا مسئلن کي اسين پوريءَ طرح سمجهي نہ سگهندا آهيون. تہ پوءِ اِندرين جي دائري کان دور، لوچ منڊلن جي باري ۾ اسين ڇاتا چئي سگهون. مثال طور هڪ بالڪ پنهنجيءَ ماتا کان پڇي ٿو، ”ماتا، مان ڪيئن پيدا ٿيس؟“ تہ ماتا کي جواب جي ڄاڻ آهي، پر هنکي اِهو بہ معلوم آهي تہ بالڪ سمجهي نہ سگهندو، اِنهيءَ ڪري هوءَ مشڪندي جواب ڏئي ٿي، ”مون، توکي هڪ خانبدوش مائيءَ کان هڪ پيسي ۾ خريد ڪيو آهي.“

[ 34 ]

هڪ ستسنگڻ، جنهنجو پٽ پڙهڻ لاءِ هوائي جهاز ۾ يورپ وڃي رهيو هو. اُنهيءَ مهاراج جن وٽ اچي وينتي ڪئي، ”مهاراج جي! مان اڄڪلهہ نهايت چنتا ۾ رهان ٿي.“ مهاراج جن مشڪي هنجي چنتا جو ڪارڻ پڇيو. هن چيو، ”منهنجو پٽ هوائي جهاز ذريعي سياٽي وڏيڪ پڙهائيءَ لاءِ يورپ وڃي رهيو آهي.“ مهاراج جن ڪجهہ مشڪيو (سندن مُک تي هميشهہ مڌر مشڪ هوندي هئي) ۽ فرمايو، ”نيڪ آهي، تہ اِنهيءَ ۾ چنتا جي ڪهڙي ڳالهہ آهي؟ چنتا هوائي

جهاز جي سفر جي آهي، پڙهائيءَ جي يا هوُ سپاٽي وچٿو آهي، اُنهيءَ جي؟'' مائيءَ بہ کِلي ڏنو ۽ چيو، ''مهاراج جي، جڏهن هوائي جهاز جي سفر جي خطرن جو خيال تو اچي تہ منهنجي دل اُداس ٿي وڃي ٿي.''

مهاراج جي، ''هوائي جهاز جي سفر جي آرام، سهوليت ۽ منزل تي جلدي پهچڻ جي باري ۾ ڇونہ ٿي سوچين؟''

مهاراج جن اچا بہ اڳتي فرمايو، ''منش اهڙيءَ طرح سوچي پنهنجي لاءِ چنتائون پيدا ڪري ٿو. اسان جون ٩٠ سيڪڙو چنتائون پنهنجون ٺاهيل هونديون آهن ۽ بلڪل فضول هونديون آهن. مهاراج جن شيڪسپيئر جي بيت مان هڪ سِٽ دُهرائي، جنهنجو ارٿ آهي تہ ايندڙ مصيبت جو ڊپ، اسانکي اُنهيءَ مصيبت کان وڌيڪ دکي ڪندو آهي. اُها مصيبت شايد اچي يا نہ بہ اچي.''

[ 35 ]

جهڙيءَ طرح اگنيءَ وغيرهہ کي باري رکڻ لاءِ ڪاٺين وغيرهہ جي ضرورت پوي ٿي، اهڙيءَ طرح پرماتما جي پريم لاءِ نت نيم پڇن سمرن ڪرڻ جي ضرورت آهي. اِنهيءَ ڪري پڇن سمرن ۾ هڪ ڏينهن لاءِ بہ لاپرواهي نہ ڪريو. پڇن ۾ هڪ ڏينهن جي لاپرواهي، اسانجي روحاني ترقيءَ کي هڪ مهنو پوئتي ڪري ڇڏي ٿي.

## [ 36 ]

زندگي اِنهيءَ لاءِ نہ آهي تہ اسين اِنهيءَ باري ۾ ايتري چنتا يا فڪر ڪندا رهون. زندگي ناداني‌ءَ ۾ شروع ۽ چنتا ۾ ختم ٿئي ٿي ۽ وچون عرصو بہ گذري ٿي ويندو آهي. چاهي اسانکي سٺو لڳي يا نہ لڳي، پر هڪ ڏينهن زندگيءَ جو انت ٿيڻو ئي آهي. زندگيءَ جي پريشانين کي خوشيءَ سان وساري ڇڏڻ ۾ ئي عقلمندي آهي.

## [ 37 ]

هڪ ننڍي عمر جي اِستري، پنهنجي پتيءَ جي مؤت هئڻ سبب ڪافي ڏکي هئي. اُنهيءَ مهاراج جن کي وينتي ڪئي، ”مهاراج جي، مان مرڻ چاهيان ٿي.“ مهاراج جن فرمايو، ”ڇا تنهنجو مؤت ٿنهنجن اُنهن ڪرمن کي ختم ڪندو، جن ڪرمن سبب توکي اِهو ڏک مليو آهي؟ نہ، تنهنجا اُهي ڪرم، ٻئي جنم ۾ بہ توسان گڏ رهندا. اِنهيءَ ڪري چونہ خودڪشيءَ جهڙي مهاپاپ جي بوجھ وڌائڻ بجاءِ اُنهن ڪرمن جي قرض کي هينئر ئي چڪايو وڃي.“

## [ 38 ]

منهنجا سڄڻ! روحاني مارگ ۾ سخت محنت ڪرڻ تمام ضروري آهي. جيسين اسين پنهنجي پوري

شڪتيءَ سان محنت ۽ ڪوشش نہ ڪنداسين، تيسين اُهو دوار نٿو کُلي سگهي.

[ 39 ]

اسانجون سڀ پرارٿنائون ۽ ارداسون وئرٿ آهن، جيسين اسين پنهنجي طرفان روحاني دوار کي کولڻ جي پوري ڪوشش ذريعي اُنهن کي پربل يا مضبوط نٿا بڻايون. ستگروءَ کي بخوبي ڄاڻ آهي تہ نام لاءِ اسانجي اِڇا ۽ اُڪير مثاچري آهي. اسانجون پرارٿنائون ڪپٽ ڪانسواءِ ۽ سچيون نہ آهن. اسانجو من هيئنئر بہ دنيا ۽ دنيا جي مال-اسباب جي ڪامنائن سان ڀريو پيو آهي. واسنائن ۽ لوڀ ۾ غلطان آهي. سنساري مان-وَڏائي ۽ ساراهہ پٺيان ڊوڙي رهيو آهي. هروقت غرور ۽ گهمنڊ ۾ رهي ٿو. ياد رکو، ستگروءَ کي دوکو نٿو ڏيئي سگهجي. جيسين اُنهيءَ سان ملڻ جي تڙڦ ۾ وياڪلتا ۽ سچائي نہ آهي، تيسين ستگرو خاموش رهي ٿو ۽ ڌيان نٿو ڏئي.

[ 40 ]

جيسين ٻالڪ گُڏين ۽ رانديڪن سان راند ڪندو رهي ٿو، ماتا بہ ٻار جي باري ۾ فڪر نٿي ڪري. پر جڏهن هُو رانديڪن کي اُڇلائي، ماتا لاءِ روئي ٿو، ماتا ڪانسواءِ ٻيو ڪجهہ بہ نٿو چاهي، تڏهن ماتا بہ اُنهيءَ

جي روئڻ ۽ پڪار کي اڻٻُڌو نٿي ڪري سگھي. هنکي گود ۾ کڻڻ لاءِ ڊوڙي ٿي. اهڙيءَ طرح جيسين ٻين تي آسرو رکون ٿا، تيسين پرماتما بہ بي فڪر رهي ٿو. پر جڏهن سيني طرفن کان بار بار نراس ۽ نااُميد ٿي، سڀ دنيوي سهارا ڇڏي، صرف اُنهيءَ پرماتما جي آسري جي شرن وٺون ٿا، تڏهن هوُ يڪدم اچي اسانجي سار لهي ٿو، اسانجي مدد ڪري ٿو.

## [ 41 ]

ڀڄن سمرن ڪرڻ ۾ اهڙي ڪهڙي مصيبت آهي؟ ڇا اِنهي لاءِ ڪا قيمت ڏيڻي پوي ٿي؟ ڇا توهان کي مٿي تي ڪو بوجھ رکڻو پوي ٿو؟ اِنهيءَ ۾ تڪليف ئي ڪهڙي آهي؟ بس ڪنهن ڪرسيءَ تي آرام سان آسڻ لڳائي من ۾ نام دُهرائيندا رهو.

هڪ آواز، ”مهاراج جي! من ڀٽڪندو رهي ٿو.“

مهاراج جي، ”ٺيڪ آهي، من کي ڀٽڪڻ ڏيو. توهين سمرن ڪندا رهو. پرماتما جي ياد ۾ گذاريل هرهڪ پل، توهانجي حساب ۾ جمع ٿئي ٿو. ڏينهن ۾ ٻہ دفعا سار وچن يا ڪنهن سنت مت جي پستڪ مان ٻہ ٽي شبد پڙهي، ڀڄن ۾ وِهڻ سان ڪافي مدد ملي ٿي.“

[ 42 ]

پگتن جي رهڻي ڪرڻي، دنيا دارن کان بلڪل نياري هوندي آهي. هو پريتم کي ڏسڻ لاءِ پنهنجون اکيون بند رکندا آهن. ماڻهو ڌن جي ڪامنا رکندا آهن، پگتن کي غريبي پياري هوندي آهي. ماڻهو سنساري سُکن پٺيان ڊوڙندا آهن، پگت ڏُک چاهيندا آهن. ماڻهو زندگيءَ جا پوڄاري آهن، پگتن کي موت پيارو آهي.

[ 43 ]

هرهڪ مندر ۽ مسجد جي دروازن تي لکي ڇڏيو تہ پرماتما مذهبن ۽ قومن کان دور، منش جي اندر رهي ٿو.

[ 44 ]

اندر ستگروءَ جي نوري سروپ جو درشن تڏهن ٿيندو، جڏهن هردي مان سڀ سنساري اِڇائون ڪڍيون وينديون.

[ 45 ]

هڪ يورپي ستسنگيءَ کي سمجهائيندي، مهاراج جن فرمايو، سنساري ڳالهين جي پراپتيءَ لاءِ سنت ڪنهن بہ ڪرامت يا روحاني شڪتيءَ جو اِستعمال ڪرڻ پسند نہ ڪندا آهن. هڪ رسائيءَ واري ستسنگيءَ لاءِ بيماريءَ کي دور ڪرڻ، انڌي کي اکيون ڏيڻ يا مُردي

ڪي زندهہ ڪرڻ، مشڪل نہ آهي. پر مالڪ جي مؤج ۽ حڪم جي خلاف اهڙو ڪجهہ ڇو ڪيو وڃي؟ سنتن کي نہ مان-وَڏائيءَ جي طلب هوندي آهي ۽ نہ ئي ڪو سوارٿ هوندو آهي. اُهي پرماتما جي حڪومت چاهين ٿا، نہ پنهنجي. توهان سيني کي گرو هرگوبند صاحب جن جي پٽ بابي اٽل جو (جيڪو ستن سالن جو هو) پرسنگ معلوم آهي. جڏهن بابو اٽل پنهنجي دوست موهن جي گهر، اڌوري راند جي واري وٺڻ لاءِ ويو، تہ ڏٺائين موهن زمين تي ليٽيو پيو آهي، هنجا ماتا پتا ۽ مائٽ روئي رهيا آهن. ماڻهن بابا اٽل کي ٻڌايو تہ موهن مري ويو آهي. بابا اٽل چيو، ”نہ، هوُ مري نہ ويو آهي، راند جي واري نہ ڏيڻ لاءِ مرڻ جو بهانو ڪري رهيو آهي.“ اٽل هنجو هٿ پڪڙيو ۽ اُٿاري ميدان ۾ وٺي آيو. جڏهن گرو هرگوبند صاحب جن اِها ڳالهہ ٻڌي، تڏهن پٽ کي سڏائي، فرمايو، ”پٽ! اِنهيءَ ڪرامت جي عيوض يا توکي يا مونکي سنسار ڇڏڻو پوندو.“ بابا اٽل پنهنجي غلطيءَ جي قيمت چڪائڻ منظور ڪئي. اُنهيءَ وقت ئي زمين تي ليٽي، چولو ڇڏيو. توهان امرتسر جي دربار جي پرسان بابي اٽل جي سماڌِي ڏٺي هوندِي. حضور مهاراج جن (بابا ساونسنگهہ) فرمائيندا هئا تہ اِهي رِڌيون سِڌيون ستسنگيءَ جي

روحاني راهہ ۾ رڪاوٽ آهن ۽ وئشائن وانگر هنجي روحاني خزاني کي لُٽڻ جي ڪوشش ڪنديون آهن. اِنهن کان هميشهہ ساوڌان رهو.

## [ 46 ]

شيڪسپيئر جو سُخن آهي، ”سچي پريم جي راهہ ڪڏهن بہ سِڌي ۽ سوکي نہ هوندِي آهي.“ پريم جيترو سچو هوندو، راهہ اوترِي ئي مشڪل. اِهائي ڳالهہ پرماتما جي پريم سان لاڳوُ آهي. پريوءَ سان جيترو وڌيڪ پيار ڪندا، اوتريون ئي مشڪلاتون ۽ آزمائشون پرماتما توهانجي راهہ ۾ آڻيندو. سون کي شڌ ڪرڻ لاءِ اگنيءَ ۾ تپائڻو پوندو آهي. پلٽوُ صاحب جن فرمائين ٿا، ”پريم جو مارگ آسان نہ آهي. ڇا توهين پنهنجو سڀس، پنهنجن هٿن سان ڏيڻ لاءِ تيار آهيو؟ جيڪڏهن نہ، تہ پوءِ پريم جا سپنا نہ ڏسو. هيءَ مصري نہ آهي، جنهنکي توهين کائي سگهو. پريمي تہ ڏينهن رات سُوريءَ تي لٽڪيو رهي ٿو. هوُ زندهہ مري ٿو، پنهنجي سرير ۽ زندگيءَ جون سڀ اِڇائون تياڳي ٿو. هنجي سرير ۾ هڪ بہ خوُن جي بوُند نٿي رهي. نہ هوُ روئي ٿو ۽ نہ ڪڏهن هنجي دل مان ڪا آهہ ئي نڪري ٿي. سڀ مانَ-وَڏائي ڇڏي، پوڇڻ ۽ نند کان پرَي رَهي ٿو. اُهي ماڻهو مورک آهن، جيڪي پريم کي نهايت آسان ڪم سمجهي، پريمي بڻجن ٿا.“

## [ 47 ]

اسين پنهنجي املهہ منش جنم کي ڪيئن نہ وشئہ وڪارن ۾ وئرت وڃائي رهيا آهيون! جنهجو نتيجو آهي صرف ڪشت، بيماري، دک درد ۽ مصيبتون. دراصل پرماتما پنهنجي ديا مهر سان اسانکي منش جنم جي املهہ نعمت بخشي آهي، پر اسانکي اُنهيءَ جي قيمت ۽ قدر جي سمجهہ ئي نہ آهي. چؤراسي لک جوُڻين ۾ ڀٽڪڻ بعد منش جنم مليو آهي. کيڙن، پکين، پسن جي جوُڻين ۾ بہ اسانکي ماتا پتا، پتني ۽ بار هئا. پريم، نفرت، لوڀ، ڪام، ڀک، وغيرهہ محسوس ڪئي تہ پوءِ منش جي اهميت ڪهڙي آهي؟ پرماتما اسانکي ٻُڌيءَ جي شڪتي بخشي آهي، اُنهيءَ جو مکيہ مقصد اِهوئي آهي تہ اسين اِنهيءَ منش جنم ۾ پنهنجو پاڻ کي سڃاڻون، مالڪ جي تلاش ڪريون ۽ اُنهيءَ کي پراپت ڪريون. جيڪڏهن اسين اِهو نٿا ڪريون تہ پوءِ اسين حيوانن کان بهتر نہ آهيون. اِنهيءَ ڪري اسانکي مُڪتي تہ پرماتما کي پراپت ڪري سگهڻ جهڙي ناياب موقعي جو پورو پورو لاڀ وٺون.

## [ 48 ]

بُرائيءَ جو رخ ٽينئين طرف هوندو آهي. صرف هڪ برو ويچار منش کي برهمانڊ جي چوٽيءَ تان ڪيرائي،

نرڪ جهڙن هينين منڊلن ۾ آٽي ٿو. جهڙيءَ طرح برفيلي چوٽيءَ تان ٿِرڪي منش سڌو هيٺ اچي پوي ٿو، اهڙيءَ طرح ڪام واسنا جو پاؤ ڀڳت کي هيٺ آٽي ٿو. ڪام ۽ پرماتما جو پريم، هڪ ٻئي جا وروڌي آهن. ڪنهنجي ٻه هردي ۾، ٻئي ساڳئي وقت گڏ رهي نٿا سگهن. جتي ڪام واسنا آهي، اُتي مالڪ جو پيار نه آهي. جتي مالڪ جو پريم مؤجود آهي، اُتان ڪام واسنا غائب ٿي وڃي ٿي.

## [ 49 ]

ڪشٽ، پيڙا، دک ۽ بيماري، منش جي هردي کي نرمل ڪن ٿا. اُهي اسانکي بهتر اِنسان بڻائين ٿا، پرماتما جي ويجهو آڻين ٿا. شري ڪرشن ڀڳوان، ڀاڳوت ۾ اوڌو کي فرمايو آهي، مان پنهنجي سيني کان پياري ڀڳت کي ٣ درلڀ سؤغاتون ڏيندو آهيان. ١. غريبي، ٢. بيماري، ٣. نرادر. حضرت عيسيٰ ٻه سچ فرمايو آهي ته سُئيءَ جي ناڪي مان اُٺ جو لنگهڻ آسان آهي، پر هڪ امير جو پرماتما جي ڌام ۾ داخل ٿيڻ ناممڪن آهي. ڪرشن ڀڳوان، سرير جي پيار، گهمنڊ، مان-شان، ناسونت سنساري پدارٿن جي موهه کي، پريو-پراپتيءَ جي مارگ ۾ نهايت وڏيون رڪاوٽون چئي بيان ڪيو آهي.

# وچن

حضور مهاراج چرن سنگهہ جي

[ 1 ]

سنت مت اسانکي ڪانئر ۽ ٻُزدل نٿو بڻائي. اسانکي دنيا ۾ رهڻو آهي، سُورَوير بڻجي رهڻو آهي. پر دنيا ۾ رهندي به دنيا جي گندگيءَ کان بچي رهڻو آهي.

[ 2 ]

سنت مت ڀڳتيءَ جو مارگ آهي، اِنهيءَ ۾ صرف پريم جي ئي مهما آهي.

[ 3 ]

مهاتما ڪنهن به ذات، ڪنهن ڌرم، ڪنهن ديس يا ڪنهن به وقت ڇونه آيا هجن، پر هرهڪ مهاتما جو هڪ ئي سنديش آهي، هڪ ئي اُپديش آهي.

[ 4 ]

مهاتما نه ته قؤمن، مذهبن، ملڪن کي ناهڻ لاءِ اچن ٿا، نه سماج سڌارڪ بڻجي اچن ٿا ۽ نه ئي اُهي هن دنيا کي سُک جي نگري بڻائڻ لاءِ اچن ٿا. هو ته اسانجي خيال کي هِن رچنا مان ڪڍي اسانکي مالڪ جي ڀڳتيءَ ۾ لڳائي، هميشهه لاءِ ديهه جي بندنن کان آزاد ڪرائڻ لاءِ اچن ٿا.

[ 5 ]

دنيا ۾ ڪڏهن به، ڪي به مهاتما پنهنجن ششن جي هٿن ۾ ڏنڊا ۽ تلوارون ڏيڻ لاءِ نٿا اچن. نه ئي هو

ڌرمن، ملڪن ۽ ذاتين ۾ جهڳڙا ڪرائڻ لاءِ اچن ٿا. هوُ صرف اسانجي اندر مالڪ سان ملڻ جو پيار پيدا ڪرڻ ۽ اسانڪي مالڪ جي ڀڳتيءَ جو طريقو سمجهائڻ لاءِ اچن ٿا.

[ 6 ]

مهاتما تہ سڄي سنسار لاءِ اچن ٿا ۽ سڄي سنسار کي هڪ ئي شبد يا نام جو اُپديش ڏين ٿا.

[ 7 ]

جن مهاتمائن جي سِکيا پوري عالم لاءِ آهي، سڄي سنسار لاءِ آهي، جيڪڏهن ڪوبہ اُنهنجي اُپديش کي ننڍن ننڍن دائرن، ذاتين، ڌرمن، ملڪن جي اندر بند ڪرڻ جي ڪوشش ٿو ڪري، تہ هوُ اِنهيءَ ڪان وڌيڪ اُنهيءَ مالڪ جي ڀڳتن ۽ پيارن سان ٻي ڪهڙي بي اِنصافي ڪري سگهي ٿو.

[ 8 ]

گرمکن جي ستسنگ ۾ وڃڻ مان فائدو ئي فائدو ٿئي ٿو، ڪڏهن بہ نقصان نٿو ٿئي. هڪ انڌو گلن جي باغ ۾ وڃي، جيڪڏهن گلن جي خوبصورتي نٿو ڏسي سگهي تہ گهٽ ۾ گهٽ گلن جي خوشبوءِ تہ محسوس ڪري سگهي ٿو. پاڻيءَ ۾ هڪ پيل پٿر جيڪڏهن نٿو ڳري تہ گهٽ ۾ گهٽ سج جي تپت ڪان تہ بچيو رهي

ٿو. جيڪڏهن اسين ڳرمکن جي ستسنگ ۾ وڃي نام جي ڪمائي ڪريون ٿا تہ سون ۾ سهاڳو آهي. جيڪڏهن نٿا ڪريون، تڏهن بہ گهٽ ۾ گهٽ ٻُرن ڪرمن کان تہ بچيا رهون ٿا.

[ 9 ]

پرماتما جن جيوَ آتمائن کي هن ديهہ روپي قيد مان آزاد ڪرائڻ چاهي ٿو، اُنهن کي سڀ کان پهرين ساڌو، سنتن مهاتمائن جي سنگت صحبت پراپت ٿيندي آهي.

[ 10 ]

ساڌو، سنتن مهاتمائن جو ستسنگ اِنهيءَ لاءِ آهي تہ من نهچل ٿي مالڪ جي ڀڳتيءَ ڏانهن لڳاتار رُخ رکي. جڏهن من کي نوڪر لڳندي رهي ٿي، اسانکي ڪو سمجهائيندو رهي ٿو، تڏهن وڃي اسانجو ٿورو گهڻو خيال پرماتما جي ڀڳتيءَ طرف لڳي ٿو. جيڪڏهن من کي ٿورو بہ ڍلو ڇڏينداسين تہ من اسانکي آڱرين تي نچائڻ شروع ڪندو.

[ 11 ]

مهاتما ستسنگ ذريعي ئي اسانکي دنيوي موهہ ۽ پيار کان ڇڏائين ٿا ۽ اسانجي اندر مالڪ سان ملڻ جو عشق ۽ پيار پيدا ڪن ٿا.

[ 12 ]

ستسنگ يا سنت مت جا سڌانت ڪهڙا آهن:
شراب نہ پيئڻ، ماس نہ کائڻ، نيڪ پاڪ رهڻ ۽ سمرن ذريعي خيال کي اکين جي پنيان ايڪاگر ڪرڻ.

[ 13 ]

سمرن ڪرڻ جي اسانکي ايتري قدر عادت هئڻ گهرجي، جو جيڪڏهن اسين هڪ ٻئي سان ڳالهائيندا بہ رهون تہ سمرن تڏهن بہ اسانجي اندر ازخود جاري رهي.

[ 14 ]

گرمکن کان نام جو ڀيد پراپت ڪري، نہ صرف پنهنجو پاڻ کي ستسنگ جي اُصولن انوسار پابند رکڻ گهرجي، بلڪ گهمندي-ڦرندي، اُٿندي-وهندي پنهنجي خيال کي شبد يا نام سان جوڙي رکڻ گهرجي، جيئن ايندڙ وقت ۾ خراب ڪرمن کان، پاپن کان بہ بچيا رهون ۽ نام جي ڪمائيءَ ذريعي گذريل ڪرمن کي ختم ڪري، پرماتما سان ميلاپ بہ ڪري سگهون.

[ 15 ]

سمرن ئي آهي جيڪو اسانجي خيال کي وشئہ وڪارن، شراب-ڪباب، دنيوي ڌنڌن ۽ دنيوي شڪلين مان ڪڍي، شبد يا نام سان جوڙي ٿو.

[ 16 ]

اسين دنيا جا جيوَ، هڪ اهڙي زهريلي ۽ گهري کوهہ ۾ پيا آهيون، جنهن مان نڪرڻ نهايت مشڪل آهي. گرمک اسانکي شبد روپي ڏور ذريعي اِنهيءَ کوهہ مان ڪڍي باهر آڻين ٿا.

[ 17 ]

اِڇائون، ترشنائون نہ اچ تائين ڪنهنجون پوُريون ٿيون آهن ۽ نہ ئي ٿي سگهن ٿيون.

[ 18 ]

جيتريون اسانجون اِڇائون آهن، اوترا ئي اسانجا دک آهن.

[ 19 ]

اسانجو هرديہ دنيوي شڪلين ۽ پدارٿن لاءِ تڙفي ٿو ۽ اسين ملڻ، مالڪ سان ٿا چاهيون. اِهي ٻئي ڳالهيون هڪ وقت ڪيئن ٿي سگهنديون!

[ 20 ]

اسانکي مالڪ جي ڀڳتي، مالڪ سان ملڻ لاءِ ڪرڻي آهي ۽ نہ دنيا جي ڪنهن بہ اِڇا يا ترشنا جي پورتيءَ لاءِ.

[ 21 ]

مهاتمائن، گرنٿ-پوٿيون، وبد-شاستر اِنهيءَ لاءِ لکيا آهن تہ اسين اُنهن تي عمل ڪريون ۽ نہ اُنهنجي ڀڳتي ۽ پوڄا ڪرڻ شروع ڪريون. مُڪتي، پستڪن پڙهڻ ۾ نہ، بلڪ جيڪي ڪجھہ اسين پڙهون ٿا، اُنهيءَ تي عمل ڪرڻ ۾ آهي.

[ 22 ]

گرمت ڇا آهي ۽ من مت ڇا آهي؟ پنهنجي خيال کي اکين پنيان سميٽي، شبد سان جوڙڻ گرمت آهي. اِنهيءَ جي برعڪس، من جي وس تي، ڪرم ڪرڻ من مت آهي.

[ 23 ]

مالڪ جا ڀڳت ۽ پيارا، شبد يا نام مان اڇن ٿا. شبد ۽ نام جو پرچار ڪن ٿا، شبد ۽ نام ۾ ئي سمائجي وڃن ٿا.

[ 24 ]

جڏهن مالڪ اسان تي ديا مهر ۽ بخشش ڪري ٿو تہ گرمکن ذريعي ئي ڪري ٿو، سنتن مهاتمائن ذريعي ئي ڪري ٿو. گرمک اسان کان شبد يا نام جي ڪمائي ڪرائي، مالڪ سان ملڻ جي قابل بڻائين ٿا.

[ 25 ]

پرماتما خود اِها بڻت بڻائي آهي، خود ئي اِهو طريقو بڻايو آهي تہ بنا نام، مکتي نہ ملنديِ ۽ بنا ستگروءَ نام جي سمجھہ نہ ايندي.

[ 26 ]

شيوڪ جو ڌرم آهي تہ جيڪي ڪجھہ مالڪ ڏئي ٿو، اُنهيءَ کي گروءَ جو، ستگروءَ جو سمجهي اِستعمال ڪري. پر گرمکن جو بہ اِهو اُصول آهي تہ هوُ شيوڪ کان سُئي بہ نہ وٺن. جيڪڏهن وٺن ٿا تہ اُهي گرمک نہ آهن.

[ 27 ]

ستگروءَ جو پريم ئي پرماتما جي پريم جو آڌار آهي.

[ 28 ]

ستگروءَ جي شيوا جو مطلب آهي، سندس هدايتي اُپديش تي عمل ڪري، شبد سان خيال کي جوڙڻ، نام سان خيال کي جوڙڻ.

[ 29 ]

سنت-مهاتما، پرماتما جا موڪليل عيوضي آهن. اُهي مالڪ جي حُڪم سان ئي اچن ٿا. دنيا ۾ اچي پرماتما جي حُڪم يا نام جو پرچار ڪن ٿا ۽ اسانکي پاڻ سان گڏ وٺي، اُنهيءَ حُڪم، شبد يا نام ۾ ئي سمائجي وڃن ٿا.

## [ 30 ]

سنت-مهاتما جنهنکي بہ پنهنجيءَ شرن ۾ سُويڪار ڪن ٿا، اُنهيءَ کي پنهنجو ئي روپ بڻائين ٿا.

## [ 31 ]

سنت-مهاتما هميشهہ زندگيءَ ۾ خود هڪ مثال بڻجي ڏيکاريندا آهن تہ اسانکي ڪهڙيءَ طرح حق-حلال جي ڪمائي ڪري، ساڌ-سنگت جي شيوا ڪرڻي آهي.

## [ 32 ]

جڏهن اسين سچيءَ دنيا جو موهہ ۽ پيار ڇڏي ستگروءَ سان پيار ڪريون ٿا، جڏهن دنيا کي ڇڏي، ستگروءَ کي پنهنجو بڻايون ٿا، تڏهن اسين هنجا بڻجون ٿا. تڏهن اسانکي پنهنجن ڪرمن جو فڪر نٿو رهي، ستگروءَ کي اسانجن ڪرمن جو فڪر رهي ٿو.

## [ 33 ]

گرمک اسانکي نام ڏيئي بي فڪر نٿا ٿي وڃن. هوُ اسانکي ڌُرڌام پهچائڻ لاءِ ذميوار هوندا آهن.

## [ 34 ]

جنهن پرماتما اسانکي پيدا ڪيو آهي، اُنهيءَ نام روپي دؤلت اسانجي اندر، اسان لاءِ رکي، اُنهيءَ جو ڀيد گرمکن، سنتن-مهاتمائن کي سؤنپيو آهي.

[ 35 ]

من ۾ اِها ڳالهہ چڱيءَ طرح ياد رکو تہ ڱرمکن ڪانسواءِ اسين ڪڏهن بہ ڀڻ ڀؤساڱر کان پار نٿا ٿي سگهون.

[ 36 ]

ستــڱرو-ڀڳتي، مُڪتيءَ جو دوار آهي.

[ 37 ]

ستــڱرو ڀڳتي، نام ڀڳتيءَ جو پهريون قدم آهي.

[ 38 ]

اِنسان جو رهبر اِنسان ئي ٿي سگهي ٿو. يا تہ اسانــکي ڱرمکن جي ضرورت ئي نہ آهي، جيڪڏهن آهي تہ اُهي ديهڌارِي ئي ٿي سگهن ٿا.

[ 39 ]

اُهوئي وقت، اُهائي گهڙِي شُڀ آهي، اُهوئي مهورت سنو آهي، اُهائي ويل صحيح آهي، جڏهن اسانجو من پرماتما جي ڀڳتيءَ ۽ پرماتما جي پيار طرف وڃي ٿو.

[ 40 ]

جنهن اِستان تي اسانجي ڪرمن جو حساب ڪتاب ٿيڻو آهي، اُتي نہ اسانجو سرير ۽ نہ ئي اسانجي ذات پات ڪي پهچڻو آهي.

[ 41 ]

جيڪڏهن پرماتما جي ڪابہ قوم، مذهب ۽ ذات-
پات ڪونهي تہ آتما جي ڪهڙي قوم، ڪهڙو مذهب
ٿي سگهي ٿو. آتما جي ڪهڙي ذات ٿي سگهي ٿي؟

[ 42 ]

جيڪڏهن اُتم ڪان اُتم دان آهي تہ اُهو شبد جو
دان آهي، نام جو دان آهي.

[ 43 ]

جيڪڏهن اسين پنهنجي مان-وَڏائيءَ جي لاءِ
دان ڪريون ٿا تہ اُنهيءَ دان جو ڪڏهن بہ ڪو روحاني
فائدو نٿو ٿي سگهي.

[ 44 ]

دان اُهوئي آهي، جيڪي ڪجهہ اسين ڪنهنکي
ڏيون ٿا. اُنهيءَ ڪان، اُنهيءَ جي بدلي ڪڏهن بہ ڪنهن
شيءِ جي اُميد نہ رکي وڃي.

[ 45 ]

تورو ويچار ڪريون؛ اسانجي گذريل جنمن جا يار-
دوست، پائر-پينر، پتني، ٻار ڪٿي آهن. جيڪڏهن اڄ
اُنهنکي اسين وساري چڪا آهيون تہ جنکي اڄ پنهنجو
چئي رهيا آهيون، اُنهنکي ڪيئن ياد رکي سگهنداسين.

[ 46 ]

اسين سڄي زندگي، ٻين جا گڏهه بڻيا رهون ٿا. سڄي عمر ماڻهن لاءِ بوجهه ڍوئيندا رهون ٿا. جيڪو اسانجو اصلي ڪم آهي، اُهو مالڪ جي ڀڳتي آهي، نام جي ڪمائي آهي، اِنهيءَ باري ۾ اسين سڄي زندگي سوچڻ جي ڪوشش به ڪا نه ڪريون.

[ 47 ]

جنکي اسين پنهنجو سمجهي رهيا آهيون، اُنهنجو سنبنڌ صرف روپين-پيسن جو آهي، غرض يا سوارٿ جو آهي. جيڪڏهن پتا هڪ پٽ کي به ايڪڙ زمين گهٽ ڏئي ٿو ته اُهو پُٽ پيءُ جي جان جو دشمن بڻجي وڃي ٿو.

[ 48 ]

دنيوي پدارٿن ۾ نه ڪڏهن ڪنهنکي سُک مليو آهي، نه ڪڏهن ملي سگهي ٿو. اصلي سُک ڪڏهن ٿو ملي؟ جڏهن اسانجي آتما واپس وڃي پرماتما سان ميلاپ ڪري ٿي.

[ 49 ]

جيڪڏهن دنيوي پدارٿ ڪنهنکي سات ڏيڻ وارا هجن ها ته اُهي ڪڏهن به اسانجي حصي ۾ نه

اچن ھا. ماٺھو سرير ڇڏڻ کان پھرين ئي اُنھن پدارٿن کي پارسل ڪري موڪلي ڇڏين ھا.

[ 50 ]

اِھو جسماني پيار آھي، دنيوِي شڪلين ۽ پدارٿن جو موھہ آھي، جيڪو اسانکي بار بار چؤراسيءَ جي بندنن ۾ ڦاسائي ٿو.

[ 51 ]

جيڪڏھن محمد غزنويءَ سان ئي ڌن دؤلت نہ وڃي سگھي تہ اسان سان دنيا جي ڪھڙِي ڌن دؤلت وڃي سگھندِي.

[ 52 ]

مالڪ کانسواءِ جيڪي ڪجھہ اسين مالڪ کان گھرون ٿا، اُنھن کي ناس ٿيڻو آھي، فنا ٿيڻو آھي. اِنھيءَ ڪري اسانکي مالڪ کان مالڪ ئي گھرڻ گھرجي.

[ 53 ]

ھيءُ جيڪو بہ ڪٽنب آھي، رشتيدار آھن، ماتا-پتا، ڀينر-ڀائر، يار-دوست آھن؛ اِنھن سان اسانجو صرف لھڻي-ڏيڻي جو سنبنڌ آھي، غرض يا سوارٿ جو پيار آھي.

[ 54 ]

دنيا ۾ جيڪڏهن ڪي پنهنجا آهن تہ اُهي گرمک آهن، مالڪ جا پڳت يا پيارا آهن. اُهي اسانکي هن رچنا جي اصليت سمجهائين ٿا، من کي وس ڪرڻ جو طريقو ٻڌائين ٿا، اسانکي پنهنجي پرماتما سان ملائين ٿا.

[ 55 ]

مالڪ ڪان تہ اسين پري ٿيندا پيا وڃون، پر رچنا جي ويجهو ٿيندا پيا وڃون. جيترو رچنا ۾ من کي ڦهلائيندا سين، اوترو ئي ڏکي ٿيندا سين. جيترو رچنا مان من ڪڍندا ويندا سين، اوترو ئي سُکي ٿيندا ويندا سين.

[ 56 ]

سنساري موهہ ۾ ڦاسجي اسين مؤت کي وساري وينا آهيون. اسين سمجهندا آهيون تہ شايد مؤت ٻين ماڻهن لاءِ آهي، اسان لاءِ عيش-عشرت آهي، شراب-ڪبابن جون لذتون آهن، قؤمن، مذهبن، ملڪن جا جهگڙا آهن.

[ 57 ]

جيڪڏهن ديهہ ۾ رهي، شانتيءَ جا چار ڏينهن ڪاڻڻ چاهيو ٿا ۽ واپس پنهنجي پرماتما سان ملڻ

چاهيو ٿا تہ اُنهيءَ جو هڪ ئي طريقو آهي، اُهو صرف شبد جي ڪمائي آهي، نام جي ڪمائي آهي.

**[ 58 ]**

سچو نام سرير ڪان ٻاهر ۽ اکين ڪان هيٺ نٿو ملي.

**[ 59 ]**

نام جي ڪمائي ڪرڻ لاءِ هميشهہ ٣ ڳالهيون ياد رکڻ گهرجن. هڪ، غفلت يا آلس نہ ڪرڻو آهي. ٻيو، دنيا مان پنهنجي خيال کي ڪيڏڻ جي ڪوشش ڪرڻي آهي. ٽيون، نام جي ڪمائيءَ کي پنهنجي اندر هضم ڪرڻو آهي.

**[ 60 ]**

دنيا ۾ شبد يا نام ڪانسواءِ ڪوبہ پدارٿ اسانجي ڀڳتيءَ، اسانجي پيار جي قابل نہ آهي.

**[ 61 ]**

ڀڄن سمرن ئي اسانجي اندر، ستگروءَ ۽ پرماتما جو سچو پريم پيدا ڪري ٿو.

**[ 62 ]**

چئني ڄڳن ۾ صرف شبد يا نام ئي پرماتما جي پراپتيءَ جو ساڌن رهيو آهي.

[ 63 ]

جڏهن اسين نام جي ڪمائي ڪرڻ شروع ڪنداسين، تڏهن من مان اِڇائون، ترشنائون، اڳين سنسڪارن جا ٻيرم، مؤت جو ڊپ، سڀ نڪرِي ويندا.

[ 64 ]

سُرت-شبد جي ابياس ذريعي آتما، من کي وس ۾ ڪري ٿي؛ من، اِندرين ۽ ڀوڳن کي وس ۾ ڪري ٿو. ابياس سان اسانجو سرير نرمل ٿئي ٿو، من نرمل ٿئي ٿو ۽ آتما بہ نرمل ٿئي ٿي.

[ 65 ]

جيڪڏهن توهين ڪلجڳ ۾ زندگيءَ جا چار ڏينهن شانتيءَ سان گذارڻ چاهيو ٿا ۽ واپس پرماتما سان ملڻ چاهيو ٿا تہ صرف نام جي ڪمائي ڪريو، شبد جي ڪمائي ڪريو.

[ 66 ]

جيڪا گهڙِي بہ گهڙيون، ڪلاڪ بہ ڪلاڪ، مالڪ جي ڀڳتي ڪنداسين، اُنهيءَ جي ياد ۾ وِهنداسين، نام جي ڪمائي ڪنداسين، اُهائي اسانجي ليکي ۾ لِکي ويندي، اُنهيءَ جو اسانکي لاڀ پراپت ٿيندو.

[ 67 ]

مالڪ جي ڀڳتي روز ڪرڻ گھرجي. من سان زبردستي بہ ڪرڻي پوي تہ ضرور ڪرڻ گھرجي، ڇاڪاڻ تہ اِهائي انت-ويلي اسان سان گڏ ويندي. سنسار جا باقي سڀ پدارٿ هِتي ئي رهجي ويندا.

[ 68 ]

جيڪا ڀڳتي پرماتما کي منظور آهي، جيڪا ڀڳتي اسانکي نڪاڻي پهچائيندي، اُها صرف شبد جي ڪمائي آهي، نام جي ڪمائي آهي.

[ 69 ]

مالڪ جي اُنهيءَ بخشيش کي سنڀالڻ لاءِ اسانکي پنهنجي هردي کي ايترو وشال بڻائڻو آهي، پنهنجي هاضمي کي ايترو مضبوط ڪرڻو آهي، جو اُنهيءَ بخشيش جي خوشبوءِ ٻاهر نہ نڪرڻ گھرجي.

[ 70 ]

سڀني سنتن مهاتمائن جي سِکيا جو اِهوئي سار آهي تہ جيڪڏهن روحاني لاڀ ڪنهنکي ملي سگھي ٿو تہ صرف سُرت شبد يا نام جي ڪمائيءَ ذريعي ئي ملي سگھي ٿو.

[ 71 ]

سُرت شبد جي شيوا سڀ کان اُتم ۽ پوتر شيوا آهي.

[ 72 ]

سنت مهاتما اِئين نٿا چون ته نام جي ڪمائي ڪرڻ لاءِ دنيوي ذميواريون ڇڏي پنهنجو بوجھ سماج تي وجهو يا جهنگلن پهاڙن ۾ لِڪي وِهو. حق-حلال جي ڪمائي ڪندي دنيا ۾ رهڻو آهي، سورمو ۽ بهادر بڻجي رهڻو آهي.

[ 73 ]

نام جي ڪمائي ڪرڻ واري جي ويجهو نه جمدوت اچن ٿا ۽ نه ڌرمراءِ اچي ٿو. ستگرو ايندو آهي ۽ سِڌو سچکنڊ وٺي ويندو آهي.

[ 74 ]

جڏهن اسانجن سريشٽ ڪرمن انوسار نهايت اُتم ڀاڳ ٿئي ٿو، اُنهيءَ ڪانسواءِ اسان تي پرماتما جي اپار ديا مهر ٿئي ٿي، تڏهن اسانجو گرمکن سان ميلاپ ٿئي ٿو ۽ اسين نام جي ڪمائي ڪري آتمڪ سُک پراپت ڪري سگهون ٿا.

[ 75 ]

جيڪي منش مالڪ جي پڳتن ۽ پيارن جي سنگت صحبت ۾ رهي، نام يا شبد جي ڪمائي ڪري رهيا آهن، اُهي عام اِنسان نہ آهن، اُهي نهايت خوش-نصيب آهن. اُنهنجا نهايت سريشٽ ڪرم آهن.

[ 76 ]

دنيا جي ڪابہ دؤلت، ڪوبہ خزانو، ڪڏهن بہ نام جي قيمت ادا نٿو ڪري سگهي.

[ 77 ]

جن کي هيرا جواهر ملي وڃن ٿا، اُهي ورِي ڪوڏين جي پنيان در بہ در ٺوڪرون نٿا کائين. نام جو رس ايترو اُتم ۽ پوتر آهي جو اُنهيءَ جي پراپتي ٿيڻ بعد اسانجو من ازخود اِندرين جي ڀوڳن، وشئہ-وڪارن، شراب-ڪبابن جو تياڳ ڪري ٿو.

[ 78 ]

جيڪڏهن ڪوبہ منش، قوم يا مذهب؛ ٻئي ڪنهن منش، قوم يا مذهب جي نندا ڪري ٿو تہ اُنهيءَ اِنسان، قوم يا مذهب جي اندر اڃا مالڪ سان ملڻ جو پيار ئي پيدا نہ ٿيو آهي.

[ 79 ]

مالڪ جي ڀڳتن ۽ پيارن مان اسين صرف نمرتا ۽ پريم سان لاڀ پراپت ڪري سگھون ٿا.

[ 80 ]

مالڪ جا ڀڳت ۽ پيارا ته هميشه نمرتا، پريم ۽ پيا، سان پرپور هوندا آهن.

[ 81 ]

من ۾ جيتري نمرتا، دينتا هوندي آهي، اسانجو خيال اوترو ئي اُنهيءَ مالڪ جي ڀڳتيءَ ڏانهن ويندو آهي.

[ 82 ]

اِها نهايت خراب ڳالهه آهي ته جيڪڏهن ڪوبه اسانجي سمجهه موجب مالڪ جي ڀڳتي نٿو ڪري ته اسين اُنهيءَ کي ٻُرو-ڀلو چوڻ شروع ڪريون يا ڏنڊن، تلوارن سان ڊيڄارڻ ۽ ڌمڪائڻ شروع ڪريون. اسانکي اُنهيءَ کي پيار سان سمجهائڻو آهي ته ڏس ڀاءُ، اسانکي هن مارگ تي هلڻ سان هيءُ فائدو ٿيو آهي. جيڪڏهن تنهنجي سمجهه ۾ اچي ته تون به اِنهيءَ مارگ تي هلي لاڀ پراپت ڪري سگھين ٿو.

[ 83 ]

جيسين اسانجي حق-حلال جي ڪمائي نه هوندي تيسين اسانجي ڀڳتيءَ ۾ ترقي نه ٿي سگھندي.

[ 84 ]

ڪام ۽ ڪروڌ ٻہ اهڙيون خطرناڪ شڪتيون آهن، جنجي اڏين تي اسين اهڙا خراب-کوٽا پاپ ۽ ڪرم ڪريون ٿا، جنجي ڦل ڀوڳڻ لاءِ اسين جنم مرڻ جي چڪر ۾ اچون ٿا.

[ 85 ]

وشئہ وڪارن مان خيال ڪيڻ، شراب-ڪباب کان من کي موڙڻ، ڏيئرن-پٽن جي پيار مان من کي ڪيڻ ۽ اُنهيءَ کي ستگروءَ ڏانهن وٺي وڃڻ، ڪا معمولي ڳالھ نہ آهي، وڏن سُورمن ۽ بهادرن جو ڪم آهي.

[ 86 ]

جيسين اسين پنهنجي خيال کي پرماتما جي چرنن ۾ نہ جوڙينداسين، تيسين اسانکي اُنهيءَ مان ڪوبہ لاڀ پراپت نہ ٿيندو.

[ 87 ]

جيڪي گرمک آهن، مالڪ جا ڀڳت ۽ پيارا آهن اُهي تہ ديھ ۽ سرير جي اندر پرماتما جي کوج ڪندا آهن. باقي منش وهمن، ڀرمن ۾ ڦاسجي، پنهنجو قيمتي وقت وئرٿ وڃائي رهيا آهن.

[ 88 ]

جيڪي منش ديهہ يا سرير کان ٻاهر اُن نام روپي شيءِ کي ڳولهڻ ۾ لڳا پيا آهن، اُهي تہ مزورن وانگر پنهنجو قيمتي وقت برباد ڪري رهيا آهن.

[ 89 ]

جيڪڏهن ڪو سچي ۾ سچو گردوارو آهي، مندر آهي، مسجد آهي، ناڪردوارو آهي، ڳرجاگهر آهي تہ اُهو صرف اسانجو سرير ئي آهي.

[ 90 ]

اسانجو سرير ئي مالڪ جي رهڻ جو اصلي هر-مندر آهي. اسانڪي جيڪڏهن مالڪ سان ملڻ جو انيؤ ٿيندو تہ صرف پنهنجي ئي سرير ۾ ٿيندو، پنهنجيءَ ديهہ ۾ ئي ٿيندو.

[ 91 ]

جيڪڏهن اسانڪي سچ پچ اِها ڳالهہ سمجهہ ۾ اچي وڃي تہ مالڪ هرهنڌ موجود آهي، هوُ سيني جي اندر براجمان آهي ۽ جيڪي ڪجهہ اسين ڪري رهيا آهيون، هوُ اُهو سڀ ڪجهہ ڏسي رهيو آهي تہ پوءِ اسين ڪڏهن بہ ڪو برو ڪرم نہ ڪري سگهنداسين.

[ 92 ]

سڀ سنت-مهاتما اِهوئي فرمائين ٿا تہ پرماتما سرير جي اندر آهي. ڪڏهن بہ ڪنهن مهاتما اِئين نہ چيو آهي تہ پرماتما ڪٿي ٻاهر ملندو.

[ 93 ]

سڀني کي معلوم آهي تہ پرماتما هڪ آهي، اُهو پرماتما اسان سڀني جي اندر براجمان آهي. اِهو بہ معلوم آهي تہ سرير اندر ئي پرماتما ملندو، پوءِ اِهو ڪيئن ٿو سمجهجي تہ هِندُن جي اندر تہ مالڪ پنهنجي ملڻ جو ڪو ٻيو رستو رکيو آهي، سِکن، عيسائين جي اندر ڪو ٻيو رستو رکيو آهي.

[ 94 ]

پرماتما اسان تي جڏهن ديا مهر ڪري ٿو، تڏهن ئي اسانجو خيال مالڪ جي ڀڳتيءَ ڏانهن وڃي ٿو.

[ 95 ]

جيڪڏهن اسين مالڪ کان مالڪ گهرون ٿا تہ پوءِ اهڙو ڪوبہ ڪارڻ نہ آهي جو مالڪ اسان تي ديا نہ ڪري.

[ 96 ]

جنهن کي هن رچنا جي ڪنهن بہ پدارٿ جي ضرورت نہ آهي، صرف مالڪ جي ضرورت آهي، اُنهيءَ کان وڏو ٻيو ڪهڙو بادشاهہ ٿي سگهي ٿو. جيڪي ڏينهن

رات مالڪ جي اڳيان هٿ جوڙي دنيوي پدارٿن جي لاءِ پرارٿنا ڪرڻ ۾ لڳا پيا آهن، اُنهن کان وڏو ڀيو کهڙو بڪاري ٿي سگهي ٿو.

[ 97 ]

جيسين اسانجي اندر مالڪ سان ملڻ جو شؤق ۽ پيار پيدا نہ ٿيو آهي، وِرهہ ۽ تڙق پيدا نہ ٿي آهي، تيسين اسين پنهنجي ڀڳتيءَ ۾ ڪڏهن بہ ڪامياب نہ ٿي سگهنداسين.

[ 98 ]

جنکي پرماتما سان پيار هوندو آهي، اُهي پرماتما جي خلقت سان بہ پيار ڪندا آهن.

[ 99 ]

باهريون پاڻي ڪيترو بہ صاف چونہ هجي، اُهو اسانجي سرير جي گندگي صاف ڪري سگهي ٿو؛ پر جيڪا پاپن روپي ڪرمن جي گندگي آهي، اُها پاڻيءَ ذريعي ڌوئڻ سان ڪيئن ٿي صاف ٿي سگهي؟ اُها تہ شبد يا نام جي ڪمائيءَ سان ئي دور ٿيندي.

[ 100 ]

آتما ۽ پرماتما جي وچ ۾ جيڪڏهن ڪا رڪاوٽ آهي نہ اُها صرف اسانجي من جي رُڪاوٽ آهي، اُهو

صرف اسانجي من جو پردو اهي. جيسين اسين من جي رڪاوٽ کي رستي کان دور نہ ڪنداسين، اسين ڪڏهن بہ پرماتما کي پراپت نہ ڪري سگهنداسين.

[ 101 ]

جيسين اسين من کي وس ۾ نہ ڪنداسين، اسين ڳرمڪ نہ بڻجي سگهنداسين، پرماتما سان ملي نہ سگهنداسين.

[ 102 ]

اُهائي شڪتي اسانکي من-مايا جي دائري کان پار وٺي وڃي سگهي ٿي، جيڪا شڪتي من-مايا جي دائري کان پار اچي ٿي. شبد سچکنڊ مان اچي ٿو. جڏهن اسين پنهنجي خيال کي اُنهيءَ شبد سان جوڙيون ٿا، تڏهن اسين بہ من-مايا جي دائري کان پار هلي وڃون ٿا.

[ 103 ]

من تہ هڪ ئي آهي، چاهي اُنهيءَ کي اسين دنيوي موهہ ۽ پيار ۾ ڦاسايون، چاهي مالڪ جي ڀڳتي ۽ پيار ۾ لڳايون.

[ 104 ]

من کي وس ۾ ڪرڻ لاءِ صرف ٻن ڳالهين جي ضرورت آهي: گرو-ڀڳتي ۽ نام-ڀڳتي.

[ 105 ]

جيسين اسين من کي دنيوي موهہ ۾ پيار کان وڌيڪ آتم ۾ پوتر پيار نہ ڏينداسين، تيسين هوُ دنيوي موهہ ۾ پيار کي ڪڏهن بہ ڇڏڻ لاءِ تيار نہ ٿيندو.

[ 106 ]

ڪوبہ منش پنهنجي ٻڌيءَ، چترائيءَ ۾ ڪوشش سان هِن سنسار-ساگر کان پار نٿو ٿي سگهي.

[ 107 ]

جيڪي اِيياسي هِتي شبد ۾ نام جي ڪمائي ڪن ٿا، اُنهن جو ڇوٽڪارو ٿي وڃي ٿو. باقي ٻين سڀني جو هِتي حساب ڪتاب هلندو رهي ٿو.

[ 108 ]

اِها ڳالهہ چڱيءَ طرح ياد رکڻ گهرجي تہ شبد ۾ نام جي ڪمائيءَ بنا، ڪنهن بہ حالت ۾، ديهہ جي ٻنڌنن کان ڪنهنجو بہ ڇوٽڪارو نٿو ٿي سگهي.

[ 109 ]

جيترا بہ اسانجا مذهب آهن، اُنهن جا الڳ الڳ ريت-رواج آهن، ڇاڪاڻ تہ اُهي اِنسان خود ٺاهيا آهن. پر جيڪا روحانيت آهي، اصليت آهي، حقيقت

آهي، سچو سار آهي، روحانيت جو بنياد آهي؛ اُهو هرهڪ مذهب جي تهه ۾ هڪ ئي آهي.

[ 110 ]

روحانيت جو بنياد پريم آهي ۽ نه ڊپ.

[ 111 ]

ڪوبه اِنسان نه سنو آهي ۽ نه ئي خراب آهي، سڀ پنهنجن پنهنجن ڪرمن جو حساب ڏيئي رهيا آهن.

[ 112 ]

جيڪڏهن اسين سچيءَ دل سان مالڪ جي ڀڳتي ڪرڻ چاهيون ٿا ته اسانکي دنيا جي طعانن ۽ نڪطهچينيءَ جي ڪابه چنتا نه ڪرڻ گهرجي.

[ 113 ]

جيڪڏهن لوڪ-لڄا ڪان ڊڄي، مالڪ جي ڀڳتي نٿا ڪريون ته اِنهيءَ جو مطلب صاف آهي ته اڃا اسانجي من ۾ مالڪ سان ملڻ جو شوق ۽ پيار پيدا ئي نه ٿيو آهي. اسين مالڪ کي نِنديو ۽ دنيا کي وڏو سمجهي رهيا آهيون.

[ 114 ]

سچي راهه ۽ سچي رهبر جي تلاش ۾ سڄي عمر گذري به وڃي، تڏهن به اُنهيءَ وقت کي وئرٿ نه سمجهڻ گهرجي.

[ 115 ]

روحاني منزل تي صرف وشواس نہ، پر ابياس پهچائي ٿو. پر بنا وشواس، ابياس ۾ ڪاميابي ممڪن نہ آهي.

[ 116 ]

ٻُڌي يا پاونا ذريعي پيدا ٿيل پريم بہ نيڪ آهي. پر روحاني انڀؤ دواران پراپت ٿيل پريم جي، ڪوبہ پريم برابري نٿو ڪري سگهي. اِنهيءَ انڀؤ لاءِ ڀڄن سمرن ضروري آهي.

[ 117 ]

جيسين اسين من کي وس ۾ نہ آڻينداسين، تيسين اسانجو من ابياس ۾ نہ وِهڻ جا بهانا ڳولهيندو رهندو. اسين پنهنجا ٻيا سڀ ڪم مقرر وقت تي ڪندا آهيون. اسانجي آفيس وڃڻ، ڀوڄڻ کائڻ، ڪافي پيئڻ، سئر ڪرڻ ۽ سُمهڻ جو مقرر وقت آهي تہ پوءِ ابياس لاءِ مقرر وقت ڇونہ هئڻ گهرجي؟ روحاني ابياس تہ اسانجي زندگيءَ جو هڪ انگ بڻجي وڃڻ گهرجي.

[ 118 ]

سچي روحاني پيار جو ڪڏهن بہ ڏيکاءُ نہ ڪيو ويندو آهي. اِهو خاموشيءَ ۾ ئي وڌندو رهندو آهي.

[ 119 ]

پرلوين ڪان بچڻ لاءِ سپ ڪان مضبوط زرهہ ٻچن سمرن آهي.

[ 120 ]

جيڪڏهن توهين ٢-٣ ڪلاڪ ٻچن ڪري، اُنهيءَ بعد اُنهيءَ کي بلڪل وساري، ماڻهن جي دل کي ڏکويو ٿا، اُنهن کي گهٽ-وڌ ڳالهايو ٿا، اُنهن سان چالاڪي ڪرڻ جي ڪوشش ڪريو ٿا، دوکو ڏيئي اُنهنجو ڌن هڙپ ڪريو ٿا تہ اهڙي ٻچن ڪرڻ جو ڪهڙو لاڀ؟ ٻچن جي اثر جي جهلڪ توهانجي هرهڪ ڪم ۾ نظر اچڻ گهرجي.

[ 121 ]

نہ سُنن ڪرمن جو اثر هميشهہ رهندو آهي ۽ نہ ئي خراب ڪرمن جو. ڪرمن جي اثر انوسار اسانڪي پاڻ ۾ تبديلي آڻڻ گهرجي. تڏهن اسين خوش رهي سگهنداسين. پر جيڪڏهن توهين چوندا تہ منهنجي گهر ۾ ڪوبہ ڏک جو واقعو نہ ٿئي تہ اِهو ممڪن نہ آهي. جنهنڪي مَرڻو آهي، اُهو تہ مَرندو ئي. جيڪڏهن توهين حالتن کي صبر-سان سويڪار ڪندا تہ سُکي رهندا.

[ 122 ]

جيڪڏهن اسين هرهڪ حالت ۾ اِستر رهنداسين، شانت رهنداسين تہ اسين خوش رهي سگهنداسين.

## [ 123 ]

تياڳ جو مطلب اِهو نہ آهي تہ اسين پنهنجن ٻارن-ٻچن ۽ پروار کي ڇڏي جهنگل ۾ ڀڄي وڃون. تياڳ جو ارٿ آهي سنسار ۾ رهڻ، پر سنسار سان لڳاءُ نہ هئڻ.

## [ 124 ]

آتما ۽ پرماتما جو رشتو، پريم جو رشتو آهي. آتما پرماتما جي انس آهي. آتما جي پنهنجي مؤل يا اصل ڏانهن سڀاويڪ ڪشش آهي. جيڪڏهن اسين سُئيءَ تي ڪو ڀاري وزن رکنداسين تہ اُها مقناطيس ڏانهن نہ وڃي سگهندي. آتما ۾ پرماتما سان ملڻ جي قدرتي طور ڪشش هوندي آهي، پر اُنهيءَ تي ڪرمن جو ڀاري بوجهہ آهي. اِنهيءَ ڪري هوءَ اُنهيءَ پريم جو انيڀؤ نٿي ڪري سگهي ۽ نہ پرماتما ڏانهن وڃي سگهي ٿي.

## [ 125 ]

پريم ۾ پريتم جو راضي ٿيڻ، پريتم جي خوشي مکيہ هوندي آهي ۽ نہ پنهنجي. سچي پريم ۾ پريتم جي خوشيءَ کي ئي پريمي پنهنجي خوشي سمجهندو آهي.

## [ 126 ]

منش پرماتما جي پراپتيءَ جي بجاءِ، پرماتما کان ڪجهہ پراپت ڪرڻ لاءِ هنجي پوڄا ڪندا آهن. تمام

ٿورا ماڻهو هوندا آهن، جيڪي پرماتما لاءِ پرماتما کي پيار ڪندا آهن.

[ 127 ]

جڏهن اسين سچيءَ دل سان ڪوشش ڪريون ٿا، تڏهن پرماتما به اسانجي سهائتا ڪري ٿو ۽ قدرت اسانجي انوسار اُهو ماحول ۽ حالتون بڻائي ٿي. پرماتما جي ديا جو هٿ هميشهہ اسانجي مٿان رهي ٿو، چاهي اسانکي اُنهيءَ جي ڄاڻ هجي يا نہ هجي.

[ 128 ]

مالڪ جي ديا مهر هميشهہ مؤجود آهي، پر اسانکي پنهنجو پاڻ کي هنجي ديا جي قابل بڻائڻو آهي. جيڪڏهن برتن ئي اُلٽو آهي تہ پوءِ چاهي ڪيتري بہ تيز برسات ڇونہ پوي، پر اُنهيءَ برتن ۾ پاڻيءَ جي هڪ بوُند بہ پئجي نہ سگهندي. جيڪڏهن اسين برتن کي سِڌو ڪنداسين تہ اُهو ڀريندءَ نہ، تہ بيءَ-ٿيئن برسات ۾ ڀرجي ويندو.

[ 129 ]

جيترو وڌيڪ پيار اسين مالڪ جي جيوَآتمائن سان ڪريون ٿا. اوترو ئي ڀرپور پيار پرماتما اسانکي بخشي ٿو ۽ اوترو ئي وڌيڪ اسين هنجي ويجهو ٿيڻ جي قابل بڻجون ٿا.

[ 130 ]

اسانکي پنهنجي ٻڌيءَ جو اِستعمال مالڪ جي سرشتيءَ کي ناس ڪرڻ، هڪ ٻئي لاءِ نفرت پيدا ڪرڻ، هڪ ٻئي کي ناس ڪرڻ يا اِندرين جو قيدي بڻجڻ لاءِ نہ، بلڪ پرماتما جي کوج لاءِ ڪرڻ گهرجي. اسانکي ٻڌي اِنهيءَ لاءِ ڏني ويئي آهي.

[ 131 ]

پرارٿنا لاءِ لفظن يا ٻوليءَ جي ضرورت نہ آهي. پرارٿنا تہ پيار جي ٻولي آهي، جيڪا اسانجي هردي مان پريوءَ تائين پهچي ٿي. پرارٿنا وقت اسانجي ۽ مالڪ جي وچ ۾ ٻيو ڪوبہ نہ هوندو آهي. جڏهن توهين پرارٿنا ڪريو ٿا، تڏهن سنسار کي پلجي وڃو ٿا. مالڪ هوندو آهي ۽ توهين هوندا آهيو. اِهائي سچي پرارٿنا آهي.

[ 132 ]

پرماتما کان، پنهنجين اِڇائن ۽ ترشنائن کي پوري ڪرڻ جي گُهر ڪرڻ، سچي پرارٿنا نہ آهي. اِها پرارٿنا نہ آهي بلڪ واپس هن سنسار-ساگر ۾ اچڻ جي گُهر آهي.

[ 133 ]

پڇن سمرن ئي سچي پرارٿنا آهي.

[ 134 ]

اؤگڻ ۽ ڪمزوريون اسان سيني ۾ آهن. جيڪڏهن اسين گڻن سان پرپور هجون ها تہ هن سنسار ۾ نہ هجون ها. پنهنجن اؤگڻن جي ڄاڻ هئڻ بہ هڪ نعمت آهي. مناسب تہ اِهو آهي تہ اُنهن لاءِ روئڻ بجاءِ اُنهن اؤگڻن کي دور ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي.

[ 135 ]

اسانجا جنم-ڏينهن اسانکي ياد ڏيارائين ٿا تہ وقت گذرندو پيو وڃي ۽ ڪيترو قيمتي وقت گذري چڪو آهي. جيڪڏهن اِنهيءَ کي پڇن سمرن ۾ لڳايو ويو تہ اُنهيءَ جو صحيح اِستعمال ٿيو، نہ تہ اُهو وئرٿ ويو.

[ 136 ]

منش ديهيءَ جي حاصل ڪرڻ جو مقصد تڏهن پورو ٿي سگهي ٿو، جڏهن اسين اُٿندي-وِهندي، گهمندي-ڦِرندي، شبد ۽ نام جي ڪمائي ڪندا رهنداسين.

[ 137 ]

اسانجو منش ديهيءَ ۾ اچڻ جو اصلي مقصد، مُڪتي پراپت ڪرڻ آهي. چؤراسيءَ جي جيلخاني مان هميشهہ لاءِ آزاد ٿيڻ آهي.

[ 138 ]

اهڙي ڪا به بُري عادت يا ڪمزوري نه آهي، جنهن تي اِنسان جيت نٿو حاصل ڪري سگهي. ضرورت صرف لڳن، پڪي اِرادي ۽ صحيح منورتيءَ جي آهي.

[ 139 ]

دنيا نهايت ڏُکي ۽ پريشان آهي. من جون بيماريون، سرير جي بيمارين کان به وڌيڪ وڏِي ويئون آهن. اِنهن سڀني جو صرف هڪ ئي علاج آهي ۽ اُهو آهي نام جو اڀياس.

[ 140 ]

چنتا ڪرڻ سان ڪڏهن به، نه ڪنهنکي مدد ملي آهي ۽ نه ئي ملي سگهي ٿي. بلڪ چنتا اسانجي اِڇا شڪتيءَ ۽ مصيبتن کي منهن ڏيڻ جي طاقت کي ڪمزور بڻائي ٿي.

[ 141 ]

هيءُ ديس اسانجو ديس نه آهي. اسين پرائي ديس ۾ اچي ڦٿڪي رهيا آهيون. جن ڏنڌن ۾ ڏينهن رات اُلجهيل رهون ٿا، اِهي دراصل اسانجا پنهنجا ڌنڌا نه آهن. اسانجو اصلي ڌنڌو اُهو آهي، جنهن لاءِ

پرماتما منش-جنم اسانکي ڏنو آهي. جيڪڏهن ڪو منش-جنم پراپت ڪري، ڪنهن سنت جي سنگت صحبت نٿو ڪري، سنتن جي هدايت انوسار خيال کي اندر شبد ۽ نام سان جوڙڻ جي ڪوشش نٿو ڪري، اُنهيءَ کي منش-ديهي پراپت ڪرڻ مان ڪهڙو فائدو؟

[ 142 ]

پرماتما منش-جنم صرف پنهنجي ڀڳتيءَ ۽ پيار لاءِ بخشيو آهي. جيڪڏهن ڪو منش چولو پراپت ڪري اُنهيءَ پرماتما جي ڀڳتي نٿو ڪري، مالڪ جي کوج نٿو ڪري ته اُنهيءَ جو ديهيءَ ۾ اچڻ وئرٿ آهي.

[ 143 ]

جنهن مقصد لاءِ اسانکي مالڪ، منش-جنم ڏنو آهي، سوانسن جي پندار ختم ٿيڻ کان پهرين اسانکي اُنهيءَ مقصد کي پوري ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي.

# پڙهندڙ نَسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪَ ”لُڙهندَڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڄُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪَندَڙُ، ياڙي، ڪاٺُو، ياجوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪارِي تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعويٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہِ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾پَنَ ڪا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَبِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَ پاران ڪتابن ڪي ڊِجيِٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن ڪي ڊِجيِٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي ڪُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٺاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ -

اِن حسابَ سان اڻجاڻائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‎ءَ جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڙ ڪي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۾ سماجي حالتن تان نظر ڪڇي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اٹجاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، چالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشش ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٹتر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڙ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪر پائي چيو تہ ”منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)